
# زينت



از

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# زينت

از

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2019ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو وٽ محفوظ آهن

اوائلي ڇاپو 1928ع

| | | |
|---|---|---|
| بورڊ پاران پهريون ڇاپو | سال 1958ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ڏهون | اپريل 2019ع | تعداد 2000 |

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي

قيمت: هڪ سؤ سٺ رپيا

**(Price Rs: 160-00)**

خريداري لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب حاڪم پرنٽرس اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان سيد سڪندر علي شاهه انچارج سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڇپائيندڙ پاران

”**زينت**“، سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري عالم شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ جو رَچيل هڪ شاهڪار ناول آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي ۽ اصلوڪن ناولن مان هڪ آهي. ميرزا صاحب پنهنجي دور جي حالات کي مدِنظر رکندي هڪڙو خيالي قصو جوڙيو، جنهن ۾ سنڌ جي سڌريل گهرن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ زماني جي حالات جو بيان گهرو اصطلاح ۾ تحرير ڪيو آهي. هن سڄي قصي جو اهم ڪردار هڪڙي زال آهي، جنهن جو نالو ”**زينت**“ آهي ۽ ان جي ئي نالي سان ميرزا صاحب هيءُ ناول تصنيف ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول جي صنف کي زور وٺرايو. ميرزا صاحب ڪيترن ئي موضوعن تي ڪم ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي وسعت بخشي آهي. سنڌي افسانوي ادب ۾ ميرزا قليچ بيگ هڪڙو سگهارو نالو آهي، جنهن ناول، ڪهاڻي ۽ ڊرامي جي صنف کي سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائي، پنهنجو نالو بانيڪارن ۾ شمار ڪرايو.

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ جي سَرجيل ”**زينت**“ ناول جي اهميت کي مدنظر رکندي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان اُن کي سال 1958ع ۾ شايع ڪري منظرِعام تي آندو ويو. جنهن پڙهندڙن وٽ وڏي مڃتا ماڻي ۽ مسلسل اداري

طرفان ان جا وڏيڪ ڇاپا شايع ٿيندا رهيا. هاڻي هن ڪتاب جو ڏهون ڇاپو اداري طرفان شايع ڪيو پيو وڃي. آءٌ بورڊ جي مانائتي چيئرمئن جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جو شڪرگذار آهيان، جن جي سات ۾ دلچسپيءَ سان هيءُ ڪتاب اشاعتي مرحلا طئي ڪري پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي.

اُميد آهي تہ، اسان جو هيءُ پيار پربو پورهيو پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندو.

26- رجب المرجب 1440ھ
03- اپريل 2019ع

**سيد سڪندر علي شاھ**
انچارج سيڪريٽري

# ڀورين ڇاپي جي ناشر طرفان ٻه لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقا جو دارومدار ڪتابن جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب بر زبان ياد به ڪرايا ويندا آهن ۽ انهن جي بر وقت حفاظت جو اهو به هڪ طريقو آهي. پر ڪتاب، مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهن ڇپيا ۽ پوءِ ائين گم ٿي ويا، جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، ته ڇئبو ته اُهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو سو هميشه لاءِ ڄڻ فنا ٿي ويو.

زنده ٻوليون پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهين به ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نه ڏينديون آهن. سندن ادبي شاهڪارن جا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان نهايت آب و تاب سان هميشه نڪرندائي رهندا آهن. افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن ان طرف اڄ ڏينهن تائين ايترو ڌيان نه پئي ڏنو آهي، جيترو کين ڏيڻ گهربو هو. نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ سون اهڙن بيمثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به قيمت تي پڙهندڙن کي هٿ نٿا اچي سگهن ۽ ائين پيو ڀانئجي ڄڻ اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهين لکيائي ڪونه ويا هئا. ظاهر آهي ته پنهنجي هن عظيم ادبي ورثي ڏانهن ايتري سرد مهري ۽ ان کان ايتري غفلت ۽ لاپرواهي نه ڪڏهين معافيءَ لائق ٿي سگهي ٿي ۽ نه وري ان جي ڪڏهين ڪا مناسب پورائي ٿي اسان کان ٿي سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهه ماڻڪن کي ائين هٿن جي وٿين مان واريءَ وانگر جيڪڏهين هميشه وڃائيندائي رهياسين، ته آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو. سا ڳالهه سيڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هيءُ به رکيو آهي، ته پنهنجي ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ڀيهر

ڇپائي شايع ڪيا وڃن، تہ جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي. انهيءَ مقصد جي پوئواريءَ ۾ بورڊ طرفان ڪيترائي ڪتاب جهڙوڪ: ”گل شڪر“، ”حيات النبي“، ”سير ڪوهستان“، ”بلو کوکر“، ”گل قل“، ”جهان آرا“، ”سون ورنيون دليون“، ”راسيلاس“، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، ”هدايت الانشاء“، ”گل“ ۽ ”ايسپ جون آکاڻيون“ اڳي ئي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن، ۽ هاڻي ساڳئي سلسلي جو هيءُ هڪ وڌيڪ ڪتاب خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

هيءُ ناول سنڌي علم ادب جي عظيم محسن، مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، جو تصنيف ڪيل آهي، ۽ سنڌ جي اوائلي اصلوڪن ناولن مان هڪ بهترين ناول آهي، جو اگرچہ ستر سال کن اڳ جو لکيل آهي، تہ بہ ان مان اڄ بہ اهوئي لطف حاصل ٿئي ٿو جهڙو ڪنهن هاڻوڪي لکيل معياري ناول مان. سنڌي افسانوي ادب جي هن لافاني ڪتاب جا چند ڀڃريان اقتباس- مڪالمن سميت- اردو ناول ”صحت النساء“ تان ورتل آهن، جيڪو ميرزا صاحب مرحوم پاڻ ئي ڪجھہ وقت پوءِ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، سڄي جو سڄو ساڳئي نالي سان، جدا پڻ شايع ڪرايو هو. معلوم ائين ٿو ٿئي تہ پاڻ مٿين اردو ناول جو ترجمو ڪرڻ جو ويٺا تہ ترت ئي کين ذهن ۾ هڪ نئون ۽ بهتر پلاٽ سُجهي آيو ۽ ترجمي کي اتي ڇڏي، ان پنهنجي طبعزاد پلاٽ جي بنياد تي هڪ نئون ۽ مڪمل ناول ”زينت“ لکي پورو ڪري ورتائون. پر ”صحت النساء“ اردو ناول بہ جو پنهنجي جاءِ تي کين ايترو وڻيو هو سو اڳتي هلي، فرصت سان ان جو مڪمل ترجمو ڪري، ان جي الڳ اشاعت جو پڻ اهتمام ڪيائون.

زير نظر ناول ظاهر تہ هڪ خيالي قصو پيو لڳي، مگر در حقيقت گهڻي قدر سچن واقعن جو مجموعو آهي، جن مان ڪي واقعا تہ خود ميرزا صاحب جي خاندان سان واسطو رکن ٿا ۽ ڪي سندس قريبي تعلق رکندڙ خاندانن سان. انهيءَ حيققت نگاريءَ سبب ان ۾ تمام گهڻا اخلاقي سبق نهايت دلچسپ ۽ دلنشين پيرايي ۾ درج ٿيل آهن، ۽ ان ۾ هر مزاج جي پڙهندڙن لاءِ سچين پچين ڳالهين جو لطف موجود آهي. ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ ههڙا لافاني ڪتاب ترت ترت شايع ٿيندا رهن، ۽ انعامي، لئبرري ۽ نصابي طور خوب پکڙن، مگر اسان جي پبلشرن ۽

تعليمي اختياريءَ وارن جي غفلت ۽ عدم توجهيءَ سبب، افسوس جو اسان جي عام پڙهندڙن کي ورهين جا ورهيه انهن جي مطالعي کان محروم رهڻو پوي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ هن افسوسناڪ ڪوتاهيءَ کي شروع کان ئي محسوس ڪري، پنهنجي پروگرام جو هڪ شعبو خاص اهڙن معياري، مگر ناياب ڪتابن جي از سرنو طباعت ۽ اشاعت ۾ مصروف رکيو آهي. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، ته انهيءَ پروگرام تحت ڇپيل ڪتابن مان ڪن جا ته ٻيا ٽيان ايڊيشن به بورڊ کي سال- ٻن جي عرصي ۾ وري وري شايع ڪرڻا پيا آهن، جن مان عوام طرفان بورڊ جي هن ڪوشش جي قدردانيءَ جو ثبوت ملي ٿو. مناسب سمجهجي ٿو ته هتي بورڊ جي انهيءَ پروگرام جي سلسلي ۾ هڪ خاص چيز جو ذڪر ڪجي: بورڊ اهي ناياب ڪتاب محض جيئن جو تيئن ڇپائي ڪونه ٿو پڌرا ڪري، بلڪ انهن کي لائق اديبن هٿان نئين سر سُڌارئي، ۽ طباعت ۽ ڪتابي اشاعت جي جديد تقاضائن موجب حتي الامڪان ٺاهي سينگاري، پوءِ شايع ٿو ڪري. ايتريقدر جو ڪتابن جي هنن نون ڇاپن جي افاديت ۽ اهميت ئي خاص پنهنجي ٿيو وڃي ٿي. بورڊ جو هيءَ پروگرام ڪافي وسيع آهي، ۽ ان ماتحت سردست اٽڪل ڏيڍ سو قديم خواه جديد مگر ناياب ٿيل ڪتاب شايع ڪرڻا آهن.

اميد آهي ته سنڌي ادب جا ٻهي خواه بورڊ جي هنن ڪوششن کي همٿائيندا ۽ هن نيڪ مقصد جي تڪميل لاءِ بورڊ کي پنهنجي گرانقدر مشورن سان هميشه نوازيندا رهندا.

سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ

# پيش لفظ

پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض تہ "ناول" صنف جي ڪتابن جي گهرج سنڌ ۾ تمام گهڻي آهي. سڌريل ملڪن ۾ ۽ سڌريل ٻولين ۾ هزارين ناول اڳيئي جڙيل آهن، تہ بہ هزارين ٻيا سال بسال نوان پيا جڙن، ۽ جوڙڻ وارا نہ رڳو مڙس آهن پر زالون بہ. انهيءَ مان معلوم ٿيندو تہ اتي جي مڙسن ۽ زالن کي انهيءَ قسم جي ڪتابن پڙهڻ جو ڪيترو نہ شوق آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب بلڪل ڪمياب آهن، نڪو ڪنهن کي انهن جي لکڻ يا پڙهڻ جو گهڻو شوق ٿو ڏسجي. تنهن ڪري اهڙي شوق پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ لاءِ مون هن کان اڳي انهيءَ نموني جو هڪڙو ننڍو ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو "دلارام" آهي. ٻيو وري هي لکيو اٿم.

اهو هڪڙو نئون رٽيل خيالي قصو آهي، جنهن ۾ زماني جي گردش ۽ هال چال جو بيان گهرو اصطلاح ۾ ڏنل آهي. هن ۾ سنڌ جي سُڌريل گهرن جي هلت چلت، جيڪا اڪثر هن زماني ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، سا چڱيءَ طرح ڏيکاريل آهي. قصو رڳو ڪهاڻيءَ وانگي ناهي، پر گهڻو ڀاڱو گفتگو جي صورت ۾ ڏنل آهي. اڳوڻي زماني جي قصن وانگي هن ۾ جن ڀوت يا پري يا ديو يا جادوءَ جو نالو بہ ڪونهي. هن ۾ اهڙا واقعا ڏنل آهن، جي ٿيڻ جهڙا آهن، جي سيڪنهن انسان جي سر تي اچي سگهن ٿا ۽ جڏهن منهنجو اهو بہ مطلب هو تہ زالن جي دل تي نيڪيءَ جو اثر ويهاريان، تڏهن هن ۾ جيڪي خيالي ماڻهو آندا اٿم، تن مان مکيہ هڪڙي زال آهي، جنهن تي ساري قصي جو مدار آهي. انهيءَ جي نالي جي پٺيان مون هن ڪتاب جو نالو بہ "زينت" رکيو آهي. اميد تہ پڙهندڙان جي پڙهڻ مان گهڻي خوشي حاصل ڪندا، ۽ قسمين قسمين جون نصيحتون ڪيندا، ۽ جيڪا سهوَ يا خطا ڏسندا تنهن بابت مهرباني ڪري مون کي اطلاع ڏيندا، تہ آئنده لاءِ اُن تي مناسب نظر رکي وڃي.

هن ڪتاب ۾ هيٺين ڳالهين جو ذڪر هليل آهي، ۽ جتي ڪنهن سڌاري هئڻ جو ضرور ڏنو ويو آهي، اتي مناسب طرح اشارو بہ ڏنو ويو آهي:

نياڻي جي پرڻي بابت ماءُ کي ڳڻتي، پنهنجن يا پراون کي سڱ ڏيڻ- ذات ذي ڏسڻ يا ڌن ڏي ڏسڻ، يا ڪن ٻين ڳالهين ڏي، قديم خاندان جي اجائي هلت چلت ۽ ان ڪري سندن خانہ خرابي، زناني تعليم، زنانہ اخلاق ۽ سگهڙپائي، ٻن گهرن جي پاڻ ۾ اُٿ ويهہ، ننڍيءَ وهيءَ ۾ شادي نہ ڪرڻ، ڪهڙي قسم جي زال هٿ ڪجي ۽ ڪهڙيءَ طرح، شاديءَ لاءِ زال جي مرضيءَ پڇڻ جو ضرور، ڪهڙي قسم جو مڙس زال قبول ڪري، پردي وارين زالن جو ٻاهر نڪري، ٻئي هنڌ وڃڻ جو دستور، مهمان جي آڌر ڀاءُ، ماني کارائڻ جو دستور، سڱ گهرڻ ۽ شاديءَ جي قبولداري ڪرڻ، شاديءَ جا اجايا خرچ ۽ اڻنگا رستا- ان لاءِ سڌريل رٿون، گهر هلائڻ جي خرچ جو بندوبست ۽ بچت جو قابو رکڻ، پردو چاڪي چئجي ۽ اهل پردي جا ڪي رستا، زال مڙس جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو رستو زال مڙس جو هڪٻئي ڏي خط پٽ لکڻ، زالن جو سفر، سمنڊ جي مسافري، سختيءَ مهل ڪيئن هلت ڪجي، سرڪاري ڪامورن جو ظلم، ڏک، سک جي حالت، نمڪ حلال ٻانها، خراب صحبت جو اثر، ڪهڙيءَ طرح خراب عادتون پوڻ ٿيون ۽ انهن مان خراب نتيجا نڪرن ٿا، مائٽ جي محبت اولاد ڏانهن، پڙهيل زالون پنهنجي قوم وارن کي فائدو پهچائي سگهن ٿيون، زناني مڪتب جو انتظام ۽ انهيءَ جو چڱو نتيجو ڏيهي شاگردن جو تعليم لاءِ ولايت ۾ وڃڻ، ماڻهن سان رهڻي، ملڪن جي سير ڪرڻ مان آزمودو ۽ واقفيت، هوشياري ۽ چالاڪيءَ ڪري وڏن درجن جو ملڻ، زناني سڌاري جي مجلس، اُن جو انتظام ۽ انهيءَ جا فائدا، بادشاهن سان اميرن جي نمڪ حلالي ۽ ايمانداريءَ جا چڱا نتيجا، وطن جي حُب، حڪومت هلائڻ جي تجويز هتي جي ڏيهي ماڻهن جي منڍمن سان شادي ڪرڻ مان نفعا ۽ نقصان، سيکڻهن لاءِ پنهنجي قوم چڱي، ٻن ڀائرن جي طبيعتن ۾ فرق، پيءُ ماءُ سان خراب هلت ڪرڻ مان پشيماني، زال مڙس جي فرمانبردار هئڻ کپي، نہ مڙس زال جو تابعدار، زال ۽ مڙس جي ناسازيءَ مان خراب نتيجا، اولاد تي ماءُ، پيءُ جا حق، زمين جي آباديءَ واسطي سيکڻهن لاءِ مختصر رستو.

**قليچ بيگ**

منزل، روهڙي،
1- آڪٽوبر 1890ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | نياڻيءَ جو فڪر | 13 |
| .2 | سرائيءَ جو گهر | 17 |
| .3 | پُٽ جي ڳڻتي | 22 |
| .4 | سجاڳ ڇوڪري | 32 |
| .5 | نئون پيغام | 40 |
| .6 | جوڙ جُڙڻ | 47 |
| .7 | مبارڪ شادي | 54 |
| .8 | جدائي | 64 |
| .9 | بچاءُ | 72 |
| .10 | پُڇ ڳڇ | 80 |
| .11 | جيل ۾ | 89 |
| .12 | ميلاپ | 96 |

.13 خانہ بربادي ........................................ 108

.14 نئون اسڪول ........................................ 115

.15 بغداد ۾ ........................................ 121

.16 سلطان وٽ ........................................ 127

.17 منصوبو ........................................ 136

.18 وڏن وٽ ........................................ 145

.19 غلطڪار فرزند ........................................ 153

.20 وري وطن ۾ ........................................ 161

باب پهريون

# نياڻيءَ جو فڪر

اُرهڙ جا ڏينهن هئا، صبح جو سج اُڀري سنئون ٿيو هو.
بختاور ٻهاري سهاري ڏيئي بس ڪئي هئي، ۽ ٿانو ٿپو ملي پئي بورچيانيءَ ۾ رکيائين، مائي شهربانو سرائي فتح خان مرحوم جي زال، صفي ۾ منجي وجهيو ويٺي هئي، ڏندڻ- پاڻي ڪري بس ڪيو هئائين. اتي ئي ماٽ ڪيو ڳلن تي هٿ ڏيو ڪنهن خيال ۾ ويٺي هئي. سندس نياڻي زينت بانو پاسي واريءَ ڪوٺيءَ جي اڳيان ٻاهر پينگهي ۾ ويٺي قرآن جو دور ڪيو ۽ سندس پٽ حامد علي، ڪتاب ڪڇ ۾ ڪري اسڪول ڏي روانو ٿيو هو.
گهر جا ڀاتي انهيءَ حالت ۾ هئا، ته در جو ڪڙڪو ٿيو بختاور نڪري ٻاهر ويئي ۽ سٽت هڪڙي ننڍي ڪمانگري صندوق مٿي تي، ۽ هڪڙي ڇبي ميوي جي هٿ ۾ کڻي آڻي مائيءَ جي آڏو تڏي تي رکيائين.
مائي شهربانوءَ پڇيو ته "بختاور، هيءَ ڇا آندو اٿيئي؟" بختاور چيو ته "مائي، سيٺ گل محمد جي گهران. دعائون سلام ٻه ڏنا اٿن ۽ هيءَ سوکڙي به موڪلي اٿن. وٽن ڪو تازو مال ٻاهران آيو آهي.
ائين چئي، بختاور بورچيخاني ڏي هلي ويئي. جهٽ ۾ وري موٽي آئي، ته به مائي ائين ئي ڳلن کي هٿ ڏيو ويٺي هئي، ۽ سوکڙيون ائين ئي تڏي تي رکيون هيون. تڏهن چوڻ لڳي ته "ڇو مائي، اڄ ڪهڙي فڪر ۾ ويٺي آهين؟ جيئي تنهنجو اولاد. توکي ڪهڙو فڪر هئڻ گهرجي؟"
شهربانوءَ چيو ته "بختاور، ڇو نه فڪر هوندو هڪڙو ته (الله مرهيس) سرائيءَ جي گذرڻ کان پوءِ سڄو بار مون تي ليٽي پيو. قضيي کي ٻارهون مهينو ٿو ڏسجي، ته به آءٌ ائين ٿي سمجهان ته ڄڻ سرائي ڪالهه مئو آهي. جا خوشي اڳي گهر ۾ ڏسندي هئينءَ سا ڪا ڏسين ٿي؟ تو به اسان وٽ عمر آندي آهي، ۽ گهر جو ڀاتي ٿي رهي آهين. هيو زينت جي ڳالهه مون کي کک ۾ کان لڳي بيٺي آهي.

خير جي هيڏي ساري ٿي آهي، خدا ڪري تہ وڃي پنهنجي گهر ترڙ واري ٿئي، تہ پاڻ بہ خوش رهي ۽ اسين بہ ڇُٽيءَ کان ڇٽون. هينئر ماڻهن ۾ حال ڪونہ وڃي رهيو آهي- نہ اميرن مان نہ فقيرن مان ٿا ٽرن، گلا ڪندي هنن کي دير ڪانہ ٿي ٿئي، اشراف تہ هينئر پنهنجو ڪنڌ لڪايو وتن گذاريندا."

بختاور چيو تہ "مائي، سچ ٿي چوين- اولاد جو فڪر مائٽن کي نہ هوندو تہ ٻيو ڪنهن کي هوندو؟ خدا ڪندو تہ زينت سگهو ئي وڃي سُکي ٿيندي پر مائي، اوهين بہ اُڪلاءُ ڪونہ ٿا ڪريو. مائٽيءَ لاءِ تہ تمام چڱا چڱا ماڻهو چون ٿا، اوهين الائجي ڇو هام نٿا پريو ٻهرين هن سيٺ جو گهر ڪو ننڍو آهي، جتي هزارن جو مال پيو اچي وڃي! يا محمد رمضان وڪيل ڪو گهٽ آهي، جنهن جي هينئر سيڪائي ٿي هلي!" شهربانوءَ چيو تہ "اُهي بہ چڱا آهن، پر پنهنجا ڪي وري ٻچڙا آهن؟ ادي الهداد جو جوان پٽ وينو آهي- پنهنجو رت آهي، پنهنجو هڏ آهي- پر بختاور، آءُ ڇتي ٿي پيئي آهيان، ڪيئن ڪريان. نہ وري نينگريءَ جي مون کي ڪا خبر ٿي پوي، ڏينهن- ٻن ۾ تون ڪو سماءُ لهي ڏينمر- تہ سندس ڇا خيال آهي، تو نپايو اٿس، توکان پنهنجو حال ڳجهو نہ رکندي آهي."

انهن ڳالهين ڪندي بختاور ڇٻي مان بمبئيءَ جو تازو آيل ميوو ڪڍي تڏي تي رکيو- لال ڪيوڙو هو اناناس هئا، انب هئا، پپنوس هئا، ۽ صندوقڙي تہ مائيءَ پاڻ کولي- منجهس چڱا چڱا ريشم جا ٽڪرا هئا، هڪڙي جوڙي سچن موتين جي دبليءَ ۾ پيل هئي، ۽ ڏهہ- ٻارهن سونيون چوڙيون هيون. اهي ڏسي، مائيءَ کان وڌ بختاور خوش ٿي، ٻاهر پرو ٿي سڏ ڪري زينت بانوءَ کي چيائين تہ "امان زينت، هيءَ تہ اچي ڏس، ڪهڙيون نہ مزي جون شيون آيون آهن."

پر زينت پنهنجي ڌوڙ ڪرڻ ۾ مشغول هئي، تنهن ڪري اکيون مٿي کڻي دائيءَ ڏي ڏسي وري بہ پڙهڻ کي لڳي رهي. مائيءَ بختاور کي چيو تہ "هيءَ صندوقڙي کڻي وڃي اندرينءَ وڏي صندوق ۾ رکي اچي، ۽ ميوو ٿالهيءَ ۾ وجهي، مٿي جاري تي نيئي رک."

بختاور ائين ڪيو. سگهوئي وري آئي، ۽ سوير کي ڳالهہ چوري، وري بہ چوڻ لڳي تہ "مائي، شابس آهي ويچاري گل محمد کي، ڏيڻ وٺڻ اهڙو تہ ڪري،

جهڙو مائٽ ڪن. مون کان پڇين ته محمد رمضان وڪيل کان هيءُ سو پيرا چڱو آهي، وري ويچارو ڏمو به ڪٿي ٿو ته پئسا خرچ ڪري حامد کي به پرڻائي ڏيندس!"

شهربانوءَ ورندي ڏني ته منهنجي نظر ۾ ٻيئي هڪجهڙا آهن. چڱا آهن ته ٻيئي چڱا آهن، نه ته ٻيئي چڱان ناهن؟"

بختاور پڇيو سو پيلا ڪيئن؟"

شهربانوءَ چيو ته "سو هينءَ ته سيٺ گل محمد چڱو ماڻهو آهي ۽ سندس ننڍو پٽ به غريب ٿو ڀڌجي، پر جيتوٽيڪ پڇنديءَ وارو آهي ۽ بخت زور اٿس، تڏهن به اصل جي توکي خبر آهي ته ذات جو ميمڻ آهي. جي اسين ساڻس اهڙو پيير ڪٽنداسين، ته ماڻهو اسان تي کلندا ته پئسن جي لالچ تي اهو ڪم ڪيائون، يا چوندا ته جڏهن مڙس مري ويا، تڏهن زالن تڪن تي پنهنجو ٻار وڪيو. سو ويچاري مئي تي مون کي خلق کلائڻي ناهي."

بختاور چيو ته "مائي، اهو سچ ٿي چوين، پر وٽ سک کي- ٻار ته وڃي سکيو ٿيندو، اسين پاڻ به سکيا ٿينداسين. اگرچ خير جو وقت چڱو پيو گذري، تڏهن به جي دؤر پاڻ اڳي ڏنا آهن، سي ڪي هينئر آهن؟ جيسين اسان جو حامد خدا حياتي ڏئيس- ڪٽڻ ڪمائڻ جهڙو ٿئي، تيسين هن رستي سان اسان جي زندگي مزي جهڙي ٻيئي گذرندي."

شهربانوءَ چيو ته "اڙي، اهڙي گذر کان پنهنجو غريباڻو ٽڪر چڱو."

بختاور چيو ته "محمد رمضان وڪيل جي به ته ايتري ئي ڳالهه آهي."

مائيءَ ورندي ڏني ته "هائو انهيءَ جي بابت به منهنجو اهڙوئي اعتراض آهي. هو هينئر وڏو ماڻهو آهي ۽ هزارن جو ڏٽي آهي ته پڻ ڪونهي، پر توکي خبر آهي ته پٽس رڳو مسيت جي ٽڪرن تي پليو ۽ رڳو ڪڪڙ وانگي ٻانگون ڏيئي لولا ڇڏائيندو هو. وري انهيءَ وڪيل کي هڪڙي زال ته اڳيئي آهي، سو ڀهاڄ تي ڪنهن کي ڪُتيءَ ڪنيو آهي جو پنهنجو ٻار ڏيندو!"

بختاور چيو ته "اهو جيڪي چوين ٿي، غلط ڪونهي، اهو مون کي به نٿو وڻي، باقي سيٺ جي گهر ۾ سو مون کي عيب ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي؟"

شهربانوءَ چيو ته "مون کي ته ڏسڻ ۾ اچي ٿو مون کي پنهنجي پاءُ جي اولاد جو خيال آهي. پنهنجن هوندي پراون کي ڪير ڏيندو؟ ادي الهداد کي نياڻي

آهي، سا منهنجي حامد کي ڏيندو، ۽ سندس پٽ اميد عليءَ کي آءُ ڪٽنديس. اهڙي چڱي ڳالهه ٻي ڪهڙي؟"

بختاور ورندي ڏني ته "اهو مائي سچ آهي، اها ته ڪير ٿو ڪنڌ آهي.مون رڳو سڪيي گذران لاءِ ٿي چيو نه ته جيئي تنهنجو ياڻنيو جواڻ جماڻ آهي، منجهس ٻي گهٽتائي ڪانهي."

مائيءَ چيو ته "گذران خير جو پيو ٿيندو جي ادو شاهوڪار ناهي، ته اسان ڪان غريب به ناهي، باقي اميد علي گونگو آهي، ته پڻ ڪونهي، پيءُ جو گهر سنڀاليو ويٺو هوندو پر جهڙو هجي، تهڙو وري به پنهنجو جگر آهي، تنهن کي ڪونه ڇڏبو؟ الله ڪندو ته سندس ننڍڙي پيڻ چڱي ٿيندي، سياڳي سدوري ٿيندي!"

بختاور چيو ته "مائي،سرائي اميد علي چڱو آهي، جوان آهي، پر منهنجي زينت سان ڪٿان مٺ ٿيندو؟ مائي، پنهنجي ياءُ جي ياران چڙين ته پلي پيئي چڙ- سندس بدران ڏهه نياڻيون ملن، ته به آءُ ساڻس مٽ نه ڪريان، پر وڏي ڳاهه اميد علي ڪٿڻ ڪمائڻ جهڙو ڪٿان ٿيندو. سچو ڏينهن گهر ويٺو هوندو اٿلندو اسان جي زنيت سندس خدمت چاڪريءَ ۾ هلاڪ هوندي! سرائي الهداد کي جيڪا پينشن ملي ٿي، سا مٿان ٿي واڻيان قرض ۾ ڪنيو وڃن، باقي ٻي ڪهڙي پيدائش اٿس، جنهن تي اسان جي زينت کي سکيو رکندا؟"

شهربانوءَ چيو "سو سچ آهي، پر بختاور! ڏک سک به پنهنجن ۾ چڱو پراون جو سون به گهوريو. مون کي به اهي ئي ڳڻتيون آهن، جن ۾ پيئي ٻڏان چڙهان. اهوئي خيال هوم جنهن ۾ موڙهي ويئي هيس. خدا ڪري ته خير سان نينگري وڃي شينهن ڪلهي چڙهي، ته اسان کي به آرام ٿئي. چڱو هاڻ ياد ڪري مون کي زينت جو سماءُ لهي ڏج. رڌڻ پچائڻ جي مهل به ٿي آهي، وڃي تنهن جو بلو ڪر. جيڪا الله گهري هوندي، سا پيئي ٿيندي" ائين چئي، مائي پاڻ اُٿي پيرن ير تي، ۽ بختاور بورچيخاني ڏي هلي ويئي.

-*-

باب ٻيو

# سرائيءَ جو گھر

انهيءَ گھر جو جيڪو ذڪر متي ڏنو ويو آهي، تنهن جي پوريءَ طرح سمجھڻ ۾ هتي مختصر طرح بيان ڪرڻ ضروري ڏسجي ٿو.

سرائي فتح خان، سنڌ جي هڪڙي قديم خاندان مان هو. سندس پيءُ، مير غلام علي خان ٽالپر جي ڏينهن ۾ مشهور بهادر ٿي گذريو هو ۽ هڪڙي جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو. سرائي فتح خان پاڻ به مير مراد علي خان وٽ معتبر ۽ عزت وارو ماڻهو هو. ٽالپرن جي حڪومت وئي کان پوءِ هن کي هڪ سو رپيا انگريز سرڪار مان پينشن ملندي هئي، جيڪڏهن نوڪري ڪري ها، ته سرڪار مان هن کي وڏي آبروءَ جهڙي جڳھ ملي ها، پر هن نوڪريءَ کان عار ٿي ڪيو ۽ پاڻ کي گذريل حڪومت جو نمڪ خوار ڄاڻي، خانگي گذران کي فخر ٿي سمجھيائين.

اگرچه اڳوڻي وڏ ماڻهپ جي هلت چلت ڇڏي به نه سگھيو تنهن ڪري البت ڏکيائي هوندي هيس، تڏهن به هو ڏاهو ۽ آزمودگار ماڻهو هو. بلڪل چڱيءَ تجويز سان هلت ڪندو هو. پهرين ڏينهن ۾ ته جيڪي پنهنجا قيمتي زيور ۽ مٽا هئن، سي ٻاري، ٽاهه ٽوهه رکندو ايندو هو. جڏهن اُهي سڀ کپي ويا، تڏهن خرچ گھٽائڻ لڳو. اهڙيءَ طرح جو پينشن کان وڌيڪ خرچ نه ٿيندو هوس. اهڙيءَ رٿ ڪري، هو پاڻ کي قرض کان بچائيندو آيو هو نه ته اهڙيءَ حالت ۾ اڳوڻي وقت جا ڪيترا خاندان هن کان اڳي خراب ٿي ويا هئا.

هن سرائيءَ ٻيون به ٻه ٽي چڱيون ڳالهيون ڪيون، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو پنهنجيءَ قوم جي ٻين ماڻهن کان هر طرح زياده عقل وارو هو: هڪڙو ته شادي رڳو هڪ زال سان ڪئي هئائين، جنهن ڪري گھر جي ريڙهه پيڙهه ۽ اندروني معاملن کان به ڇٽي پيو ۽ خرچ جي ڪفايت به ٿيس.

ٻيو تہ اگرچ پاڻ اڳئين زماني جو هو تہ بہ اڳ ڳڻتي ڪري هاڻوڪي زماني جي مناسب طرح واٽ ورتڻ لڳو. پنهنجي پٽ حامد عليءَ کي ننڍي ئي هوندي اسڪول ۾ پڙهائڻ ويهاريائين، جو پهرين سنڌي ۽ پوءِ انگريزي بہ پڙهڻ لڳو. اگرچہ انهيءَ ڪري سنڌس عزيز ۽ پاڙيسري مٽس ڪلڻ ۽ ٺوڪون ڪرڻ لڳا، تہ بہ انهيءَ جي پرواهہ نہ رکيائين. پٽ جي تہ ڳاهہ ڇڏيو پر پنهنجي نياڻي زينت بانوءَ کي بہ گهر ئي گهر ۾ تعليم ڏيڻ لڳو. ڪي سنڌس ڪوشش سان، ڪي حامد جي سنگت مان، ۽ ڪي هڪڙي پير مرد آخوند جي پڙهائڻ ڪري، هوءَ قرآن ۽ ديني ڪتابن ۾ توڙي سنڌي فارسي پڙهڻ ۾ اهڙي چالاڪ ٿي ويئي، جو ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر.

هن سرائيءَ جا اهي سڌريل رستا پنهنجا ئي پنهنجا هئا، سنڌس قوم جي رستن کان بلڪل ٻيءَ طرح جا هئا، تنهن ڪري سنڌس ويجها مائٽ بہ مٽس ڪلندا هئا، ۽ هن کان گوشو ڪندا هئا، يا تہ شهر ۾ انهن ڳالهين ڪري جيڪا سنڌس تعريف ٿيندي هئي، تنهن تي حسد ڪندا هئا. انهيءَ سبب هن کي لاچار ٿيو. پنهنجي منهن پنهنجو رستو وٺڻ ۽ رڳو ظاهري پنهنجن عزيزن سان اُٿ ويهہ جو رستو رکڻ. هو حيدرآباد جي پسگردائيءَ ۾ ڪوهہ ڪن پنڌ تي رهندو هو. تنهنڪري ٻهراڙيءَ ۾ رهي شهر جي سڌاري مان فائدي وٺڻ جو هن کي چڱو وجهہ مليو.

اڳي تہ وٽن گهڻائي ٻانها ٻانهيون هوندا هئا. پر صاحبيءَ ڦرڻ کان پوءِ باقي هڪڙو شيدي شنگور نالي ۽ هڪڙي حبشياڻي بختاور نالي وٽي رهيا هئن، پر شنگور بہ مري ويو هو باقي بختاور هوندي هئي، جا هنن کي گهڻي ڪم جي هوندي هئي. هن ٻارن کي ننڍو ڪري نياپو هو تنهن ڪري هو هن کي ماءُ وانگي ڄاڻندا هئا. پيدائش پوري پني هين،تنهن ڪري سرائي، ٻيو نوڪر نہ رکيو هو. انهيءَ ٻانهيءَ منجهان سڀ ڪم جو پورائو ڪندو هو.

آخر ٻاهٺ ورهين جي عمر ۾ سرائيءَ وفات ڪئي. هن مرڻ مهل پنهنجي گهر جي ڀاتين کي سڏي روبرو ويهاريو ۽ هڪ هڪ کي آئيندي جي هلت ڪرڻ لاءِ نصيحتون ڏنائين، جي هنن کي مرڻ گهڙيءَ تائين دل تي ڄميون بيٺيون هيون،

سندس مرڻ کان پوءِ سرڪار پينشن سو ربيي مان گهٽائي پنجاهہ ڪري، سندس زال، مائي شهربانوءَ جي نالي ڪئي، جنهن تي هنن جو گذران ٿيندو هو. تنهن کان سواءِ اها مائي پاڻ، توڙي سندس ڌيءَ زينت بانو سبڻ پرڻ جي ڪم ۾ هوشيار هونديون هيون. بختاور ڪڏهين ڪڏهين شهر ۾ وڃي پاٽولين يا بين واڻين کان ڪپڙا وٺي ايندي هئي، ۽ تيار ڪرائي هنن کي ڏيئي، پئسا وٺي ايندي هئي.

انهيءَ طرح سرائيءَ جي مرڻ کانپوءِ بہ هنن جو ڪارخانو اندران ئي اندر اهڙو پئي هليو جو آسپاس وارا حيران هئا تہ هي الائجي ڪيمياگر آهن ڪينءَ، جو آبروءَ سان گذران ڪندا اچن ۽ اندر ٻاهر جو خرچ پکو هميشہ وانگي چڱي طرح هلائيندا اچن.

حامد علي اچي سورهن سترهن ورهين جو ٿيو هو پر اجا انگريزي اسڪول ۾ پڙهندو هو. زينت بانو چوڏهن پندرهن ورهين جي جوان ڇوڪري هئي. جي سندس باطني سيرت جي اسان مٿي تعريف لکي آهي، تہ سندس ظاهري صورت بہ گهٽ ڪانہ هئي. پردي واري گهر جو ٻار هوءِ سک سان پليو هو تنهن ڪري هوءَ ڏاڍي نازڪ بدن هوندي هئي. رنگ تمام اڇو نہ هوس، تہ بہ نهايت وٽندڙ هوس، ليڪن مهانڊا تہ اهڙا هئس جو ڏسندڙ جي دل ۾ چڀي ويندا هئا.

طبيعت اهڙي چڱي هيس، جو اهو ڪونہ هوندو جنهن سان هن مرڪڻ ڏاران ڪڏهن ڪي ڳالهايو هوندو. گهر جو خرچ پکو ۽ حساب ڪتاب جيڪو ٿيندو هو سو سندس پيءُ جي ڏينهن ۾ ئي هن وٽ رهندو هو. جيڪي پڙهيو هئائين يا ٻڌو هئائين، تنهن مان هن کي هيترو فائدو حاصل ٿيو هو جو هوءَ پنهنجو وقت سجايو ڪم آڻيندي هئي. مهل تي لکندي پڙهندي هئي ۽ مهل تي سبندي پريندي هئي.

نہ رڳو ايترو پر اڪثر پنهنجي دائيءَ بختاور کي رڌڻ پچائڻ ۾ بہ مدد ڏيندي هئي. ۽ جيڪڏهن هوءَ بيمار ٿي پوندي هئي، تہ پوءِ سڄو بار سندس سر تي ايندو هو. انهيءَ هوندي بہ پوشيد گائي حد کان وڌيڪ هوندي هيس. ڪپڙو گندي تہ سنو رکندي هئي، پر گهر مان جا هڪڙي ڪوني خلاصي ڪيس مليل هئي، جنهن ۾ ياٽس حامد بہ اچي رهندو هو تنهن ۾ شيءِ شڪل اهڙيءَ تجويز سان

پنھنجي پنھنجي جاءِ تي رکيل ھوندي ھئي. جو جيڪو پاڙي اوڙي جو ماڻھو ڪڏھن اتي ويندو ھو تہ سندس سگھڙپائيءَ جي تعريف مان ڍاپندو ئي ڪين ھو.

اھڙين ڳالھين جي ڪري، ھن گھر جي واڪاڻ ڳوٺ مان ھلي شھر جي ماڻھن تائين وڃي پھتي ھئي: پوءِ اھڙيءَ ٻانھن جي لاءِ پلا ڪھڙو اشراف ۽ عزت وارو ماڻھو خواھشمند نہ ٿيندو؟ سرائيءَ جي جيئري ئي انھيءَ نسبت ۾ ٿورو گھڻو چوڻ چائڻ ٿيو ھو پر سندس مُئي کان پوءِ پاڻ ماڻھن کي ڪوشش ڪرڻ سولي ٿي. خاص ڪري جڏھن سيني کي خبر ھئي تہ سرائيءَ سان سندس عزيز بہ ايتريقدر سازِ ۾ نہ آھن.

سيٺ گل محمد ميمڻ ھڪڙو وڏو شاھوڪار ھو جنھن جي ڪوٺي حيدرآباد ۾ ھئي، ۽ سندس گماشتا ڪراچيءَ، بمبئيءَ ۽ ٻين پاسي ھوندا ھئا. تنھن پنھنجي پٽ جي لاءِ متا پئي ھنيا ۽ اوير سوير سوکڙيون سڙيون پيو موڪليندو ھو. نہ رڳو ايترو پر بختاور کي بہ ڏيڻ وٺڻ سان پنھنجو ڪري ڇڏيو ھئائين.

پر ميان محمد رمضان وڪيل ھو تنھن کي وري پنھنجي طمع ھئي ۽ اگرچ ھڪ زال اڳي بہ ھيس، تہ بہ ڇوڪريءَ جي تعريف ٻڌي، وڏ گھري ڇاڻي، پئي متا ھنيائين تہ سکرن مان ٻانھن وٺي، آءُ بہ وڏو ماڻھو ليکجان. جيتوڻيڪ ھو اصل غريب ماڻھو ذات جو ميربحر ھو ۽ پڙھ مسيت ۾ مُلپي ڪندو ھو تہ بہ ھاڻ وڪالت ڪري اچي بخت لڳو ھوس، سو ھينئر تمام وڏو ماڻھو ليکجڻ ۾ ايندو ھو.

پر اسان متي ڏٺو آھي تہ مائي شھربانوءَ کي ھن سان مائٽي ڪرڻ ۾ البت اعتراض ھو اگرچ بختاور سيٺ جي فائدي ۾ گھڻو ڳالھايو ٿي. مائيءَ جي اعتراض آڻڻ جو ھيءُ بہ سبب ھو جو ھن کي پنھنجي ياءُ الھداد جي پٽ سان ڏيءَ جي شادي ڪرڻ جو ارادو ھو ۽ اگرچ اھو گونگو ھو ڪنھن بہ طرح ڪمائيءَ ڪرڻ جھڙو نہ ھو پر ويجھو مائٽ ھوس، تنھنڪري جيئن اڪثر زالن جو خيال ٿيندو آھي، تہ ڏاريا ڪھڙا بہ لائق ھجن، تہ اھي ڇڏي بہ پنھنجا نالائق عزيز پسند ڪنديون آھن. تيئن ھن کي بہ خيال ھو. وري ياڻس کي ننڍي ڏيءَ ٽن ورھين جي

هئي، سا پانيائين تہ حامد کي وني ڏيان، انهيءَ ڪري بين سيني رتن کان اها رت وڌيڪ پسند هيس.

ليڪن اجا دل ۾ پڪو ٺهراءُ ڪونہ ڪيو هئائين، پٽي ڳُڻتيون ڪاڏائين تہ ڪيئن ڪريان. ڪنهن ٻاهرئين ماڻهوءَ سان صلاح ڪرڻ لاءِ دل نہ چوندي هيس. سندس صلاحڪاريون هيون هڪڙي بختاور ۽ ٻي سندس جوان ۽ پڙهيل ڌيءَ زينت بانو. پر اهڙين ڳالهين ۾ زينت بانوءَ کان پڇڻ ڳاڇڻ هن مناسب نٿي ڄاتو تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن بختاور سان ڳالهہ ڇوريندي هئي، نہ تہ پنهنجي منهن پٽي پهہ پچائيندي هئي. انهن ڳُڻتين ڪائيندي بہ ڪي ڏينهن لنگهي ويس.

_*_

باب ٽيون

# پٽ جي ڳٽي

حيدرآباد جي ڪچي ۾ علي نواز خان نالي هڪڙي مغل جو گهر هوندو هو. هو ميرن جي صاحبيءَ ۾ خراسان کان آيو هو ۽ واپاري ماڻهو هوندو هو. هن مغل جي گهر جو اسان جي ڳالهه سان جيڪو واسطو آهي، تنهن جي بيان ڪرڻ کان اڳي بهتر آهي ته هن جي سنڌ ۾ اچڻ جو بيان ڏيون.

هو اصل جو ترڪ هو. هن جو پيءُ ترڪستان جي سرحد واري هڪڙي جابلو پرڳڻي جو رئيس هو ۽ روس جي شهنشاهه جو دل پڙو هو. انهن ڏينهن ۾ روس ۽ ايران جي وچ ۾ اڪثر لڙايون ٿينديون هيون ۽ هو ٻيئي هڪٻين جي ملڪ تي ڪاهه ڪري ڦرون لٽون ڪندا هئا. هڪڙي اهڙي لڙائيءَ ۾ ڪن سببن ڪري، ايران جو لشڪر فتحياب ٿيو ۽ روسي لشڪر کي شڪست آئي.

روس جي لشڪر ۾ سندس هٿ هيٺ وارن ڪيترن ئي ننڍن حاڪمن جو لشڪر مدد لاءِ آيل هو. انهن ۾ علي نواز جو پيءُ به پنهنجي لشڪر سوڌو حاضر هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڏاڍي خونريزي ٿي ۽ روس جي طرف جا گهڻا ماڻهو ماريا. جيڪا ڦر مار ٿي، تنهن ۾ ڪيترائي مڙس ۽ زالون ۽ ٻار قيد ٿيا. علي نواز جو پيءُ پنهنجي زال ۽ ٻن پٽن سوڌو به قيد ٿي پيو ۽ ذري گهٽ مارياٺونس ٿي، پر هن گهڻا حيلا حوال ڪري، پاڻ کي موت کان بچايو. اهو جيئدان جو هن کي مليو سو خاص سندس زال ۽ ننڍين ٻارن جي منٿن ڪري، جن جي ليلائڻ تي فتحمند غنيم کي قياس اچي ويو تنهن ڪري هنن کي ٻين قيدين سان گڏ ايران ڏي وٺي آيا. هي چار ڄڻا اگرچ پرڏيهه ۾ قيدي هئا، تڏهن به گڏ رهڻ ڪري پاڻ کي چڱي نصيب وارا سمجهندا هئا.

انهيءَ طرح هنن کي قيد ۾ ٻه- ٽي مهينا گذريا. روسي لشڪر جنهن شڪست کاڌي هئي، تنهن کي وري تازي پرتي ملي، سو هاڻي نئين سر تياري

ڪري ايرانين سان وڙهڻ لاءِ سنپري آيو ۽ ڪاهه ڪري اچي ويجهو پيو هو. علي نواز جي پيءُ جڏهن خبر ٻڌي ته سندس ملڪ جو بادشاهه ڪاهي اچي ويجهو ٿيو آهي ۽ اڳيئي پيو خيال پچائيندو هو ته وجهه ملي ته ڀڄي وڃي هن سان شامل ٿيان، سو هاڻي ڪنهن حيلي سان پنهنجي وڏي پٽ سوڍو جو سورهن ورهين جي ڄمار جو جوان هو، ڀڄي نڪتو ۽ پنهنجي سرحدي قوم گڏ ڪري اچي روسي بادشاهه سان گڏيو.

اگرچه هن پنهنجي وطن ۽ قوم جي طرفان ايمانداري ۽ بهادري ڏيکارڻ ۾ ڪين گهٽايو پر تڏهن به سندس حياتي اچي پوري ٿي هئي، سو پٽ سوڍو دشمن سان جنگ ڪندي مارجي ويو.

هيءُ جو هن طرح ٺڳي ڪري ڀڄي ويو ۽ وري وڃي ايران سان سامهون ٿيو تنهن ڪري ايران جي سرڪار ڪي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ويئي. هن جي زال ۽ ننڍي پٽ علي نواز کي دڙڪا ڏنائون ته اهو وير اوهان کان وٺنداسون يا غلام ڪري وڪڻي ڇڏينداسون. هن ڊپ ۽ شرم کان علي نواز جي ماءُ هيڻيءَ ڪيو جو رات جو سمهڻ مهل زهر ذرو کائي ڇڏيائين.

صبح جو ننڍو پٽس معصوم اٿي ڏسي ته هنڌ تي امان مئي پيئي آهي. جيڪا حالت هن ڇوڪري سان ٿي گذري هوندي، سا لکي نٿي سگهجي، البت آسانيءَ سان خيال ۾ اچي سگهندي: چار ڏينهن اڳي هن پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ڀاءُ سان گڏ خوش پئي گذاريو. هاڻي پيءُ ۽ ڀاءُ ته ڀڄي ويا، باقي ماءُ بچي هيس جا پرڏيهه ۾ هيڏڙي ٻار جي انگل ڪڻڻ واري هئي، سا به ويندي رهي. هي يتيم علي نواز تڏهن ڏهن ورهين جي عمر جو مس هو.

انهيءَ وقت کان پوءِ سگهوئي حڪم جاري ٿيو ته ننڍيءَ عمر وارن قيدين ۽ قيدياڻين کي غلام ڪري وڪڻي ڇڏجي. ڪيترا سو ٻارن جا روز ٽورا ٽورا ڪري ٻانهن جي بازار ۾ وڪڻندا هئا. هڪڙي ڏينهن علي نواز جو به وارو آيو. هن کي هڪڙي ايرانيءَ خريد ڪيو جنهن وٽ هو پنج - ڇهه مهينا رهيو. پوءِ وري اهو مالڪ ڪنهن ٻئي پاسي ٿي ويو، تنهن هن کي دلال جي حوالي ڪيو ته وڪڻي ڇڏيس.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اها پانهن جي بازار هفتي ۾ ڪلندي هئي، ۽ تڏهن خريد و فروخت هلندي هئي. سو انهيءَ هفتي علي نواز وري پيو مالڪ ڪيو. انهيءَ طرح ٻن ورهين جي اندر هن ڇوڪر پنج ڀيرا انهيءَ بازار جو منهن ڏٺو. آخر هڪڙي وڏي سوداگر جي هٿ ۾ آيو جتي هن البت آرام پاتو.

هن جي هلت چلت تمام چڱي هوندي هئي، ۽ شڪل جو به موچارو هو، تنهن ڪري سندس ڌڻي ۽ ان جي گهر جا ماڻهو ڏاڍو پيار ڏيندا هئس. هتي هن کي تعليم به ملي، قرآن پڙهڻ سکيو ۽ جيئن وڏو ٿيندو ويو تيئن پنهنجي ڌڻيءَ کي سندس ڌنڌي ۾ مدد ڏيندو رهيو. هتي رهي هيءُ گهر جو ڀاتي ٿي ويو ۽ هن جي ايمانداري ڏسي سڀڪنهن هن کي آفرين پئي ڪئي.

جڏهن اهو سوداگر بيمار ٿيو ۽ مرڻ جو وقت ويجهو ڏٺائين، تڏهن وصيت ڪري پنهنجو مال پنهنجي اولاد کي ورهائي ڏنائين، ۽ علي نواز کي ڪجھ جيترا پئسا ڏيئي آزاد ڪري ڇڏيائين.

ڌڻيءَ جي مرڻ کان پوءِ به علي نواز پنج- ڇهه مهينا انهيءَ گهر ۾ هو. پوءِ پنهنجي منهن سوداگريءَ جي سانگي خراسان ۾ آيو. خراسان ۾ تن ڏينهن ايران جي ماڻهن جي گهڻي آمدرفت هوندي هئي، تنهنڪري هن کي اتي اچي پنهنجو واپار هلائڻ ۾ ڏاڍي سولائي ٿي. هتي رهڻ ڪري هو مشهور ٿي ويو ۽ واپار جي ڪم ۾ ڏاڍو هوشيار ٿيو.

خراسان مان وري علي نواز ڪي سير ڪرڻ لاءِ ۽ ڪي واپار جي سانگي سنڌ ۾ آيو. سنڌ تن ڏينهن ٽالپرن اميرن جي هٿ ۾ هئي، انهن جي دربار ۾ هن جو رستو ٿي ويو جنهن ڪري هن کي جهڙو واپار ۾ تهڙو عزت ۾ واڌارو ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهيءَ سبب هو اتي رهي پيو.

علي نواز جو واپار دڪان ڪيڏي ويهڻ سان نه هلندو هو. هن جي معرفت مير صاحبن ۽ سندن دربار جي اميرن سان هوندي هئي. هو معتبر، هوشيار پڙهيل ۽ چالاڪ ماڻهو هوندو هو تنهن ڪري سڀڪنهن وٽ هن کي گهڻو مان ملندو هو. هن کي ڪجھ جيترا پئسا ڏيئي موڪليندا هئا، جو بمبئي ۽ ڪلڪتي، توڙي بغداد، ايران ۽ ٻين ولايتن ڏي وڃي. خاصو خاصو مال سودي سندن لاءِ ايندو هو، ۽ انهيءَ

تڪليف ڪڻڻ لاءِ چڱو محنتاڻو ۽ انعام اڪرام ملندو هوس. اهڙن فائدن ڪان هو سنڌ ۾ رهي پيو ۽ پنهنجو وطن بہ وسري ويس.

ايترن ورهين رهڻ ڪري ۽ هيترن ماڻهن سان واسطي رکڻ ڪري هو هاڻي هر طرح سنڌ جو ماڻهو ليکجڻ ۾ ايندو هو. هن کي ڪنهن سکر گهر مان ٻانهن ملي ويئي، تنهن سان شادي ڪري پنهنجو گهر ٺاهي ويهي رهيو. ميرن جي صاحبيءَ وئي کان پوءِ بہ هو اتي رهندو آيو ۽ اگرچ اڳيون اوج پوءِ چڏائي ويس، تڏهن بہ مناسب سوداگري ڪري، هو پنهنجو گذران عزت آبروءَ سان پيو ڪندو هو.

هن کي هڪڙو پٽ بہ خدا ڏنو هو جنهن جو نالو علي رضا رکيو هئائين، تنهن کي ننڍي هوندي کان هن چڱي تعليم ڏياري هئي. سو سنڌي ۽ فارسي پڙهي تہ هوشيار ٿيو هو. پر انگريزيءَ ۾ بہ چالاڪ هو. اگرچ پڙهيو رڳو سنڌي اسڪول ۾ هو، مگر ذهين طبع جو هو ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي آزمودي ڪري زياده هوشيار ڏسڻ ۾ ايندو هو.

علي نواز پنهنجي پٽ کي ڪنهين نوڪريءَ ۾ نہ رکيو نہ ڪنهن واپار ۾ وڌائينس، مگر جيڪي صاحبلوڪ سنڌي يا فارسي يا هندستاني پڙهندا هئا، انهن وٽ منشي يا ماستر ڪري رکيائينس، انهيءَ ڪري انگريزيءَ ۾ هن جو مايو وڌي ويو هو ۽ صاحبلوڪن کي بہ پڙهڻ ۾ گهڻي سولائي ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪراچيءَ تائين بہ وڃي اهو ڪم ڪندو هو. انهيءَ طرح پڙهائڻ جي ڪم مان هن کي سٺ ــ ستر رپيا پيدا ٿيندا هئا.

پيو وري علي نواز خان پاڻ سوداگري ڪندو هو. تنهن ڪري هنن جو گذران تمام چڱو پيو ٿيندو هو. هو بہ اصل ولائتي ماڻهو اتڪل وارو هو گهر ۾ ياتي پورا پنا هئن. پاڻ هو پٽس هو سندس زال هئي، جنهن جو نالو جان بيبي هو ۽ پورهيت هين، جا گهڻن ورهين کان وٽن رهندي آئي ۽ گهر جو ياتي ٿي ويئي هئي، ۽ انهيءَ جو نالو مريم هو.

جنهنن وقت جي ڳالهہ اسين ڪريون ٿا، تنهن کان بہ ورهيہ کن اڳي علي نواز خان وفات ڪئي هئي، ۽ گهر جو بار سڄو ٺي علي رضا تي هو جو هينئر چوويهن ورهين جو جوان ماڻهو هو هو تمام چڱيءَ شڪل وارو ۽ ڳوري رنگ جو

هو. هلت چلت سندس تمام پسنديءَ جهڙي هئي، جو سندس پيءُ جي انهيءَ ڳالهه تي خاص نظر هوندي هئي. پيو هن جي اٿ- ويهه رڳو سگهڙن سان هئي، تنهن ڪري لياقت ۽ فضيلت بہ گهڻي هوندي هيس. طبع جو تمام حليم هو. اهڙو جو شهر جا هندو خواهہ مسلمان سندس صحبت لاءِ مشتاق هوندا هئا.

صاحبي ڦرڻ جي تفرقي کان پوءِ بہ جن اميرن ۽ وڏن ماڻهن سان علي نواز خان جو رستو هوندو هو، سو هو وٺيو آيو ۽ هنن سان پاڻ وقت بوقت شادي مراديءَ ۾ اُٿ ويهہ ڪندو هو. توڙي سندس گهر جا ماڻهو ايندا ويندا هئا. هر طرح هو هنن کي دوستن يا عزيزن وانگي سمجهندا هئا.

سرائي فتح خان جي گهر سان بہ هنن جو اهڙو ئي رستو هو. پيو وري فتح خان جو پٽ حامد ۽ علي رضا کي ٿورا ڏينهن هڪ اسڪول ۾ گڏ بہ پڙهيا هئا، تنهن ڪري هنن جو وري پاڻ ۾ خلاصو رستو دوستيءَ جو ٿي ويو هو.

علي نواز ۽ فتح خان جي حياتيءَ جي ڏينهن ۾ انهن جي گهرن جو پاڻ ۾ رستو هوندو هو سو سنڌن مئي کان پوءِ بہ سنڌن پوين جي وچ ۾ هليو آيو ۽ هي، ٻئي طرف، هڪ- ٻئي وٽ ايندڙ ويندڙ هئا. ڪنهن آچر تي حامد هنن وٽ ايندو هو جو ٻئي ڄڻا ٻاهر لانديءَ ۾ ويهي صحبت ڪندا هئا. ڪنهن آچر تي علي رضا هنن وٽ ايندو هو. ۽ اهڙيءَ طرح هو ٻئي هڪٻئي جي گهر ايندا ويندا هئا. انهيءَ طرح هنن جون مائون بہ ڪڏهن ڪڏهن هڪٻئي جي گهر اچي ڏينهن گذارينديون هيون. تنهن ڪري هڪ ٻئي جي حال جي ۽ هلت چلت جي پوري خبر هين.

جان بيبيءَ کي پنهنجي پٽ جي شاديءَ جو خيال گهڻن ڏينهن کان هوندو هو. هو ڪٺڻ ڪمائڻ وارو هو ۽ جوان هو مڙس مئي کان پوءِ ڳڻتي واڌو ٿيس، جو پاپائين تہ منهنجي مڙس جو نسل باقي رهي. هڪڙي- بہ ٻانهن بہ هٿ ڪئي هئائين، پر هو انهيءَ تي نہ بيٺو. پيو چوندو هو تہ آءٌ ننڍو آهيان. اجا شادي ڪرڻ جو وقت پيو آهي. اهو سندس نتائڻ ڪي حجاب ۽ ڪي حيا کان هو ۽ ڪي وري انهيءَ کان هو جو هو انهن ماڻهن سان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ اهي ٻانهون لکي پڙهي نہ ڄاڻنديون هيون. انهيءَ سبب ڪري هڪڙي پيري تہ سندس ماءُ ساڻس تکو ڳالهائي رنج بہ ٿي هئي. پوءِ جڏهن اها ڳالهہ ياد پوندي هيس، تڏهن اڪثر

انهيءَ ڏک کان رئندي هئي، تہ شايد نيٺ آءٌ مري ويندي ۽ جهان وانگي پنهنجي پٽ جي مراد ڪانہ ڏسنديس.

هڪڙي پيري رات جو جان بيبي جي ننڊ اچي ڦٽي، پئي ٽڏا ساهہ کنيائين ۽ اُٿلي پٿلي. مريم جا ويجهو ستل هيس، سا بہ جاڳي، چوڻ لڳيس تہ "مائي ڇواڄ توکي ننڊ نٿي اچي؟"

جان بيبيءَ چيو تہ "بس مريم، زمانسازيءَ جون ڳالهيون اچي دل تي چڙهيون اٿم، تنهن کان ننڊ ڦٽي ويئي اٿم."

مريم چيو تہ "مائي! سي ڪهڙيون ڳالهيون؟"

جان بيبيءَ ورندي ڏني تہ "پهرين علي رضا جي شاديءَ جي- هيڏو سارو اچي ٿيو آهي، جهان جون مائون ڏکن سان پٽ پاليندي آهن، انهيءَ لاءِ تہ هنن جون مرادون جيئري ڏسن، شايد منهنجي قسمت خراب آهي، جو جڏهن آءٌ هن جي اڳيان اهڙي ڪا ڳالهہ ڪريان، تڏهن منهن پاسي ڪري ويهي رهي يا ابتا سبتا جواب ڏيئي هليو وڃي."

مريم چيو تہ "هائو مائي، هي زمانو هاڻ اهڙو اچي لڳو آهي."

علي رضا، جو ٿورو پرپرو سمهيو پيو هو تنهن جي بہ انهيءَ ڳالهہ تي اک پٽجي ويئي، ۽ جڏهن پنهنجو نالو بہ ٻڌائين، تڏهن پاڻ سجاڳ ٿيو رڙهي اچي ويجهو ٿين ۽ چوڻ لڳو تہ "امان جيجي! خير تہ آهي، اڄ وري ننڊ ڦٽائي، اچي انهن قصن کي لڳا آهيو؟"

جان بيبيءَ البت رنج مان جواب ڏنس تہ "بس ابا، اسان جي خدا ننڊ ڦٽائي هوندي تہ ڪو ڪنهن جو وس!"

مريم چيو تہ "ابا، مائي سچ ٿي چوي، تون تہ ڏاڍو زورآور آهين، مائهن جا بار اجا ڪمائڻ جهڙا نہ ٿين، تہ مائٽ انهن کي پرڻائي پنهنجون آسون ۽ اميدون پوريون ڪن ۽ انهن جو خانو آباد ڪن، تون اچي هيڏو سارو ٿيو آهين، تہ بہ بحث ڪري ويهي رهيو آهين تہ شادي ڪين ڪندس."

اتي جان بيبيءَ وري رنج مان چيو تہ "ڇڏينس مريم، اڳي ٿورا مٿا هنيا اٿم جو هاڻ ٻڌندو ماٺ ڪري ويهي رهہ خوشي سنديس، هي ننيگر پانئي تہ امان بہ مري تہ پوءِ پنهنجي منهن جتان اچي اتان وڃي شادي ڪريان."

علي رضا ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي چيو تہ "امان، ائين نہ چئو خدا توکي سلامت رکي، تون رنج نہ ٿيءُ. هونءَ تہ جيڪي اوهين مون کي چوندؤ ائين ڪندس، اولاد کي ڇا اختيار آهي مائٽ جي مرضيءَ کان ٻاهر وڃي؟ مگر مائٽ تي بہ حق آهي تہ اولاد جيڪي واجبي چوي سو ٻڌي ۽ ان تي خيال ڪري."

جان بيبي پڇيو تہ "هاڻ ابا تو ڪهڙي واجبي ڳالھ ڪئي جا مون نہ ٻڌي؟ اها واجبي ڳالھ ٿو ڪرين تہ آءُ اڃا ننڍڙو آهيان، آءُ اڃا ٿورو ٿو ڪمايان. اڃي ڏاڙهي ٿيندءِ تہ پوءِ پرڻبين؟ يا قارون جو خزانو هٿ ايندءِ پوءِ شادي ڪندين؟"

علي رضا ورندي ڏني تہ "امان! جڏهن سچ پڇ عمر جو ننڍو هوس ۽ ڪمائڻ جهڙو نہ هوس، تڏهن تہ بيشڪ منهنجو اهڙو اعتراض هو ڇالاءِ جو جيتوڻيڪ ننڍيءَ عمر ۾ اڪثر شاديءَ جو گهڻو شوق ٿيندو آهي، مگر جيڪي پڙهيو اٿم ۽ ڏٺو اٿم، تنهن موجب ڇاڪاڻ تہ ننڍيءَ ڄمار ۾ شادي ڪرڻ مان ڇا حاصل آهي. پهرين تہ ماٺهو جڏهن پاڻ مائٽن تي بار آهي، تڏهن وري زال پرڻجي وڏيڪ بار ڇالاءِ ٽجي؟ تنهن کانسواءِ ننڍيءَ وهيءَ جي شاديءَ ڪري سڌاري جا ڪم جيڪي سگها آهن سي ڇڏايو وڃن، ۽ ننڍي وهيءَ جا ٻار جيڪي ڄمن ٿا، سي اڪثر ضعيف ٿا ٿين، ۽ ننڍيءَ وهيءَ جي شاديءَ ڪري ماٺهو پاڻ بہ جلد پيريءَ ۽ ضعيفيءَ کي پهچي ٿو. وري جيستائين پنهنجو ڪٽيو ڪونهي، تيستائين شادي رڳي فضولي آهي. چوندا آهن تہ 'پاڻ نہ پاري ڪتا ڏاري' خدانخواستہ اوکو سوکو وقت اچي مٿان پوي، تہ هونءَ رڳو پنهنجي ڳڻتي وٺي، هونئن ٻين جي بہ انهي ڳالهين ڪري مون تہ 'نہ' پئي ڪئي، پر هاڻ جڏهن خدا تعاليٰ اهي سڀ عذر لاٿا آهن، تڏهن آءُ پاڻ راضي آهيان، جيڪا اوهان جي مرضي!"

جان بيبي، جنهن هي سڀ ڳالهيون ماٺ ڪري ويٺي ٻڌيون، تنهن چيو تہ "ابا، هاڻي اڳوڻيون ڳالهيون تہ ڪٽي ڇڏ، ٽي- چار مهينا مس ٿيا هوندا، جو مون توکي شهباز خان ٺيڪيدار جي نياڻيءَ يا علي بخش شيخ جي ڌيءَ جي نالي چيو هو جو پٺهين جا واقف هئا ۽ انهيءَ ڳالھ تي نيٺ ٻيهن بہ ها، پر تون رؤ ڪڍائي ٻيهي رهئين. اهو ساڳيو تون آهين ڪو ٻيو جو هاڻ ٿو چوين تہ جيڪا اوهان جي مرضي؟ منهنجي مرضي ڪهڙي آهي! هينئر انگريزي آئي مائٽن جي مرضي

ويئي، هينئر مرضي تي ڇوڪرن جي. منهنجي هلي ها، تہ اڄ آءٌ پوٽن پڙپوٽن واري هجان ها.“

علي رضا چيو تہ ”جيجل، مون کي معاف ڪجئين، انهن ٻانهن تي منهنجو هي اعتراض هو: هڪڙو تہ پاڻ انهن ماڻهن جا رڳو نالي جا واقف آهيون، انهن ٻانهن جا تہ اوترا بہ واقف ناهيون. نہ خبر تہ هو شڪل جون ڪهڙيون، لکڻ پڙهڻ جون ڪهڙيون؟ رڳو سندن مائٽ سکر آهن يا هوند وارا آهن ايتري ڳالهہ بس ناهي.

اوهان کي جيڪا خبر پوندي، سا بہ وچ وارن جي معرفت سو جيڪا شيءِ هڪڙن کي پسند ايندي، سا ٻين کي نہ ايندي، مون کي تہ ٻين سڀني ڳالهين سان گڏ انهيءَ ڳالهہ جو بہ ضرور آهي تہ لکڻ پڙهڻ ايندو هجيس ۽ نيڪ زال هجي ۽ آءٌ پنهنجي سر انهيءَ ٻانهن جو واقف هجان، ۽ جي امڪان هجي تہ اها منهنجي ڏٺل هجي تہ چڱو.“

جان ٻيبي خفي مان چوڻ لڳي تہ ابا، تڏهن وڃي سنئون تي سمهي رهہ. ٻي خبر چار سيڪا پڇڻ سان پئجي سگهندي، ۽ اهڙي خبر اسان کي اڳيئي آهي تہ پڙهڻ لکڻ جو تہ اصلي هتي اشرافن ۾ دستور ڪونهي، نڪا مون کي ڪا سجهي. نڪا وري ڏين کي ڪا منشگيري ڪمائڻي يا سرڪار جي نوڪري ڏيڻي آهي، جو مائٽ پڙهائينن. پڙهي پڙهي قرآن ۽ نماز پڙهنديون، سو تہ اهي نينگريون بہ ڄاڻنديون هيون. باقي رهي ڏٺي جي ڳالهہ سو ابا، ڪنهن کي ڪُٺي ڪنيو آهي جو ڏيءُ بہ توکي ڏين ۽ اڳوات بہ ڏيکاري ڏين!“

اتي مريم بہ کلي چيو تہ ”ٻڙا ابا، خدا خدا ڪر، توکي چون تہ اچي ڏس، پسند پويئي تہ وٺ نہ تہ بس!“

جان ٻيبيءَ چيو تہ ”نڪو مريم، هن کي شادي نصيب ۾ ڪانهي. مون اڳهين سمجهو تي تہ اسان جي گهر جو در پوريو. سو اهڙا صالح پٽ آهن، تہ سگهو ئي اٿين ٽيندو.“

علي رضا حجت ڪري چوڻ لڳو تہ ”امان! سچ تان چڙو تہ پلي چڙو. آءٌ هن گهڙيءَ جو رنج اوهان جو ڪٽندس تہ حرڪت ڪانهي، مگر هينئر اوهان کي

خوش ڪري زال پرڻجي، مرڻ گهڙيءَ جو سودو ڪري، پوءِ پشيمانيءَ ۾ سڄي ڄمار وڃايان سو مون کان ڪين ٿي سگهندو.“

اتي مريم وچ ۾ پئي چيو تہ ”مائي، لکڻ پڙهڻ واري ڳالهہ بہ هڪڙي تہ من کي سُجهي ٿي. ڇو سرائي فتح خان جي ڌيءَ ڪين لکي پڙهي ڄاڻي؟ جڏهن ڪڏهن ڳالهہ هلنديون آهيون، تڏهن هن جو ڪم اهو لکڻ پڙهڻ سان هوندو آهي. ڪا گهڙي سڀڻ پرڻ جو ڀيو ڪم ڪري تہ ڪري، نہ تہ اها ڪوٺي اها ڳالهہ.“

جان بيبيءَ چيو تہ ”مريم تون سچي آهين. هوءَ لکڻ پڙهڻ ۾ برابر هوشيار آهي، پر ماڻهو تہ انهيءَ تان بہ پيا کلندا اٿس. هونءَ ڳالهہ بہ ملوڪ آهي، جهڙو شڪل شباهت ۾، تهڙو لڇ حيا ۾.“

مريم چيو تہ ”مائي، مون بختاور کان ٻڌو هو تہ اها ڳالهہ بہ اٿارڻ ۾ آهن. وڏا وڏا ماڻهو پٺيان هئن، ۽ هڪ ليکي تہ سيٺ گل محمد جي پٽ جو نالو بہ مٿس پيو آهي، تہ شڪ ناهي.“

جان بيبيءَ چيو تہ ”مائي، جهان لاءِ ڳالهيون گهڻيون ئي چڱيون پيون آهن، هن جي لاءِ ڪا آسمان مان حور اچي، تڏهن اسان جو رئيس پرڻجي. انهيءَ ڇوڪري زينت بانوءَ ۾ بيشڪ گهٽ ڪانهي، پر وٽ انهيءَ ڳالهہ ڪي تہ جڏهن هو هن رئيس کي آڻي ڏيکارين ۽ هي پسند ڪري، تڏهن چئجي.“

تڏهن علي رضا بہ منهن مٿي ڪري چيو تہ ”امان! جي اها ڳالهہ اوهان کي پسند آهي، تہ مون کي بہ پسند آهي. انهيءَ گهر جا اسين چڱيءَ طرح واقف آهيون. اها ڳالهہ هڪ ڀيري مون ڏٺي بہ آهي، مون کي گهڻو پسند آهي.“

مريم پڇيو تہ ”سو ابا ڪيئن ڏٺيئي؟“

علي رضا چيو تہ ”دائي، اٽڪل بہ مهينا ٿيندا جو آءٌ حامد عليءَ وٽ ويو هوس، حامد ڪنهن ڪم سان نڪري ٻاهر ويو. آءٌ در تي لانڍيءَ ۾ ويٺو هوس، انهيءَ وچ ۾ اندر دانهن ٿي ۽ مائي بختاور ڊوڙي در تي آئي، مون کي چيائين تہ ”ابا! اندر ڪوٺيءَ ۾ نانگ نڪتو آهي، سو اچي مار. آءٌ اندر ڊوڙيس. اگرچ بختاور پري کان پاسي پاسي بہ ڪيو پر هل ۾ سندس ڇوڪري هنن کي برابر ٻڌڻ ۾ نہ آيو ۽ آءٌ بختاور جي پٺيان وڃي ڪوٺيءَ ۾ گهڙيس. جتي سرائيءَ جي نياڻي بيٺي هئي، ۽ سڄي ساري منهنجي نظر پئجي ويئي، هوءَ بہ شرم کان منهن پاسي ڪري صفي

ڏي لنگهي ويئي جتي سندس ماءُ هئي ۽ آءٌ بہ دهلجي بيهي رهيس. پوءِ تہ مائي بختاور صفي ۽ ڪوٺيءَ جي وچ وارو در ڏيئي ڇڏيو ۽ ڪوٺيءَ جي ڪنڌ ۾ بلا ماري، لٺ تي لڙڪائي در تي نڪري آيس. اها ڪوٺي بہ شايد سرائي جي نياڻيءَ جي هئي، جنهن جي ڳالهہ مريم تي ڪئي، ڇالاءِ جو لکڻ پڙهڻ جو سامان گهٽوئي اتي پيل هو ۽ جاءِ جو بيو سامان بہ ڏاڍي پوشيدگائيءَ سان رکيل هو. انهيءَ وقت کان وٺي، منهنجي دل ۾ يقين ٿيو تہ سرائي جي ڌيءَ بيشڪ صورت واري بہ آهي، لکڻ پڙهڻ واري بہ آهي، ۽ سگهڙپائيءَ واري بہ آهي!"

مريم بہ شاهدي ڏني تہ "ابا، آهي بہ ائين."

علي رضا شوق مان چيو تہ "تڏهن امان هاڻي دير نہ ڪريو هاڻي اوهان جي وس آهي، متان پوءِ وري مون تي ڏوهہ رکو پر ٽايونس ٿا، پر پرٽجي نٿو."

جان بيبيءَ جواب ڏنو تہ "ابا، سو تہ چڱو پر جي هنن سيٺ جهڙي مڙس سان اڳئي هائو ڪئي هوندي، تہ پوءِ ڪيئن ڳالهہ ٿيندي."

علي رضا چيو تہ "پوءِ خير، پر مون کي بيشڪ ارمان ٿيندو جو اهڙي ٻانهن مون کي وري آسانيءَ سان نظر نہ ايندي."

جان بيبيءَ چيو تہ "چڱو ابا، ڏينهن- ٻن ۾ ڪنهن عذر سان آءٌ سرائي جي گهر وينديس ۽ وجهہ ڏسي ڳالهہ ڇوريندس، پوءِ جيئن لکيو هوندو ائين ٿيندو."

اتي ڳالهين ڪندي، هنن کي اچي ڏينهن ٿيو مريم اٿي ٻهاري سهاريءَ جي ڪئي، ۽ علي رضا ۽ جان بيبيءَ بہ اٿي نماز پڙهڻ جو سعيو ڪيو.

—*—

باب چوٿون

# سجاڳ ڇوڪري

پهرئين باب ۾ چيو ويو آهي تہ مائي شهربانو ۽ بختاور، زينت بانو جي شاديءَ بابت جا گفتگو پئي ڪئي، تنهن جي زينت بانوءَ کي خبر ئي ڪانہ هئي، جو هن پري ويٺي قرآن جو دؤر ڪيو. جڏهن هوءَ دؤر ڪري اٿي، تڏهن دستور موجب صبح جا ٻہ- ٽي ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيائين. پوءِ ڪارچوب ڪڍي ويهي هڪڙي ٽوپي پرڻ لڳي. پوءِ تہ سگهوئي ماني تيار ٿي ۽ حامد علي بہ اسڪول کان آيو ۽ ماءُ، پٽ، ڌيءَ ٽنهي گڏجي ويهي ماني کاڌي.

ماني کاڌي کان پوءِ حامد چيو تہ "مون علي رضا وٽ ويڄڻ جو اڄ انجام ڪيو آهي سو وڃان ٿو. هو ڪنهن صاحبلوڪ وٽان ٻہ- ٽي ڪتاب آڻيندو جن ۾ ولايت جي عمارتن ۽ ڪارخانن جون تصويرون نڪتل آهن، سي گڏجي ڏسنداسين." ائين چئي هو اٿي هليو.

هلندي مهل ڀيڻس چيس تہ "ادا جي اهي ڪتاب ٿوري تائين ملي سگهنئي تہ کنيو اچجئين، تہ آءٌ بہ ڏسان." هن چيس تہ "چڱو".

مائي شهربانو تہ ٻي ڪوٺيءَ ۾ وڃي سمهي پيئي، جو گرميءَ جا ڏينهن هئا. ۽ بختاور جنهن زينت کي خلاصي وقت ۾ ملڻ جو وجهہ پئي ڳوليو سا ڪيوڙي جون ٻتي ڦريون ۽ اناناس رڪابيءَ ۾ وجهي ڪپ مٿانئس رکي، زينت بانو جي ڪوٺيءَ ۾ کڻي آئي. پوءِ تہ ٻنهي وچ ۾ هيٺين گفتگو هلي:

زينت- دائي، ڇا آندو اٿئي؟

بختاور- امان، ڦريون آهن.

زينت- ڪٿان آيون آهن؟

بختاور- ڇو امان، صبح جو ڪين ڏٺو هيئي، جو سيٺ گل محمد جو ماٺهو در تي آيو هو ۽ هيترو سارو ميوو ۽ هڪڙي سهڻي ٻيتي مال جي آءٌ کڻي آئي هيس، اجها اندر رکي آهي.

زينت_ (البت منهن ۾ گهڻو وجهي)، امان بہ زورآور آهي، ماٺ ڪيو پراون ماڻهن جون سوڪڙيون وٺيو رکي.

بختاور_ ڇو امان، نيٺ اهي پراوا آهن، جي پنهنجا ٿيندا آهن، اهو جهان جو دستور آهي.

زينبت_ دائي، تون الائجي پا تي ڇوين، آءٌ تہ نہ ٿي سمجهان.

بختاور_ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، جو ويچارو سيٺ سوڪڙيون پاڪڙيون پيو موڪلي. هڪ بہ پيرو آءٌ وٽن ويئي آهيان تہ مون کي ايتري آبرو ڏني اٿن، جو حد کان ٻاهر.

زينبت_ دائي، اڄ تون الله ۽ رسول جي تعريف ڇڏي اڇي انهيءَ سيٺ جي تعريف ۾ پيئي آهين، پيو خير تہ آهي.

بختاور_ امان! جيڪي وڏن وارا هوندا، تن جا تہ وڙ ڳائبا، سندس پٽ ڊوڙي مون وٽ آيو اڇي مون کي ياڪر پائي مليو ڏاڍو ملوڪڙو ٻار آهي. ماشاء الله وڏي هوندي تہ موتيءَ جو داڻو ٿيندو.

زينت_ پوءِ تنهنجو ڇا؟

بختاور_ خدا ڪري تہ زينت تون بہ اهڙي سڪئي گهر ۾ وڃي سکي ٿين.

زينت_ دائي، واه واه، اڄ تون سنهيري مون کي گاريون ڏيڻ آئي آهين ڇا؟ آءٌ توکي ماءُ وانگي ڄاڻي گُستاخي ڪري، توسان چرچا گهڻا ڪندي آهيان، متان انهيءَ ڪري سنڌو سيڙهو وڃائي ڇڏيو اٿئي ڇا؟ هونءَ تہ سياڻي هوندي هئينءَ اڄ ڇا ٿيو اٿيئي؟

بختاور_ زينت امان، انهيءَ ۾ ڇا آهي؟ ڌيون نيٺ پرايون آهن. تون سمجهہ واري آهين، توکي خبر ناهي تہ سدائين هن گهر ۾ ويٺي ڪين هوندينءَ. نيٺ ڪنهن سکر جو گهر وسائيندينءَ؟

زينت_ سو تہ سچ آهي، مگر دائي، تون دعا ڪر تہ ڪنهن سچي پچي لائق ماڻهوءَ سان پلئو اٽڪي، جو ساري ڄمار انهيءَ سان رهڻو ٿيندو. هونءَ تہ مون کي حيا ٿو ٿئي، پر جڏهن اڄ تون بيحيا ٿي ويٺي آهين، ۽ اهڙي ڳالهہ سڌي مون سان ڇورين ٿي، تڏهن آءٌ بہ توکي بي حجاب ٿي سچ ٿي چوان.

بختاور- چو مائي، سيٺ گل محمد جي گهر ۾ ڪا گهٽ آهي؟ سندس گهر جيڪڏهن تنهنجو وڃڻ ٿئي، ته هزارن جا ڳهه ڳنا پائين، مون جهڙيون ڏهه دايون تنهنجي اڳيان ڪمائين. دنيا ۾ اهڙي سکي زال پوءِ جيڪر ڪا مشڪل ملي.

زينت- اهڙو سک ڪهڙي ڪم جو؟ هوڏي ٿي چوين ته سيٺ جو پٽ اجا گرانٽ جيڏو آهي، سو تون متان اٺ سان گهنڊٽي ٻڌڻ سنيري آهين؟

بختاور- هان مائي، اج ننڍو سياڻي وڏو. تون به ته اجا ڪالهه ايڏي هئينءَ، اج ته ڏس، زالن جيڏي زال ٿيو ويٺي آهين.

زينبت- دائي، دنيا سازيءَ جي سک لاءِ اهي هزارين لک ڪنهن ڪم جا ڪين آهن. اهو سون روپو اج هوندو ته سڀاڻي ڪونه هوندو زال کي آسرو سون روپي جو ته ڪونهي، انهيءَ ماڻهو جو آهي جنهن سان سندس پلئو ٿو ٻڌجي. انهيءَ جي جڏهن اجا خبر ئي ڪانهي ته چڱو ٿيندو يا بڇڙو ٿيندو سڌرندو يا ڪرندو، تڏهن انهيءَ جي آسري چا لڳبو؟ پر دائي سچ ته چئو تون اج پاڻهي مون سان اهو ذڪر ٿي چورين، يا امان ڪو اشارو ڏنو اٿئي؟ سچ چئج- آءٌ توکان پنهنجو حال ڳجهو ڪين رکندي آهيان.

بختاور- امان، سچي پڇين ته مون کي پنهنجي منهن به گهڻو فڪر هو پر مائيءَ انهيءَ بابت مون کي چيو آهي.

زينت- تڏهن دائي سچ ته ٻڌاءِ، امان هنن سان هائو ته نه ڪئي آهي؟

بختاور- نه امان، هائو ته نه ڪئي اٿس، مگر انهن ڏي توڙي ٻين ڏي خيال بيشڪ اٿس.

زينت- ٻيا ڪهڙا

بختاور- چو اڳئين جمعي رات شربت ۽ گلاب جا شيشا ڪين ڏنا هيئي؟ محمد رمضان وڪيل موڪليا هئا. اهو ويچارو به پيو متا هٽي.

زينت- چا دائي، اهو وڪيل جنهن بابت انهيءَ رات مانيءَ مهل حامد ڳالهه ڪئي ته ڪنهن مجلس ۾ ماڻهن سندس گلا پئي ڪئي ته پئسا ججها اٿس ۽ وڏو ماڻهو آهي، مگر اهڙو ڪنجوس آهي، جو ڪاٽي مانيءَ تان کل به نه لاهي ۽ پائي به خدا جي واٽ ۾ نه ڏئي، غريبن کي دڙڪا تاب ڏيو ڦريو پنهنجو گهر پيو ڀري،

۽ پيو تہ شراب پيئڻ جي بہ عادت اٿس، جو اڪثر شراب پي مست ٿي پوءِ اچي پنهنجي زال ۽ گهر جي بين ياتين ڪي وٺي.

بختاور۔ هائو امان، اوهو.

زينت۔ واه دائي واه، اهڙي ڪميني ماڻهوءَ جا ٿيون نياپا نڙا توهين ٻڌو! اهڙي خسيس ماڻهوءَ جون ٿيون سوڪڙيون سڙيون وٺو! شرم جي ڳالهہ آهي، جو سکر اشراف ٿي اهڙي نيچ آدميءَ جون گاريون جهليو. وري جڏهن هن کي هڪڙي زال اصلي آهي ۽ اها بہ ...ڙي سکي آهي، تڏهن بي کهڙيءَ کي انهيءَ کڏ ۾ پوڻ تي دل چوندي؟

بختاور۔ نہ اَمان نہ نهٽينس کڏ ۾، مائيءَ کي بہ انهيءَ جو خيال ڪونهي، مگر مائيءَ جي مرضي گهڻي تنهنجي ماروٽ اميد عليءَ ڏي آهي.

زينت۔ مائي منهنجو ماروٽ هجي تہ پلي هجي، جنهن کي ڳالهائڻ بہ نٿو اچي، چٽ گونگو آهي تنهن جي حوالي مون کي ڪندا ڇا؟ امان اهڙو ٿهر ڪيئن ڪندي؟ تنهن کان مون کي زهر جو ڍڪ ڏئي تہ پي پاڻ کي بہ عذاب کان ڇڏايان ۽ بين کي بہ.

بختاور۔ دائي صدقي، خير گهُر! خدا توکي پٽن پوٽن وارو ڪندو تنهنجون مرادون اسان کي ڏيکاريندو. پر امان، ڪريا بہ پنهنجا، ٻريا بہ پنهنجا. پنهنجي مامي جو پٽ اٿئي، پنهنجو رت اٿئي. جيئي سندس پيءُ، ڪٽڻ ڪمائڻ جي کهڙي پروا ٿيندي؟ جهڙو پاڻ کائيندا، اهڙو توکي پيا کارائيندا.

زينت۔ دائي، خدا خدا ڪر، نڪي پيءُ۔ ماءُ جي حياتي جتاءُ ڪندي، نڪي سندن ڪمائي، ڪم سپ کي پنهنجو ڪمائي ايندي جنهن کي پنهنجي فضيلت ڪابہ ڪانہ هوندي سو پاڻ دنيا ۾ ڪيئن گذاريندو ۽ بين کي ڪيئن پاريندو. نہ دائي نہ خدا جي واسطي انهيءَ مرض کان مون کي ڇڏائجئين. اهڙي شاديءَ کان بک چڱي، اهڙي شاديءَ کان ڏک چڱو مون کي ڪاڏي پيتي جي ڏکيائي ڪانهي، پنهنجي اَبي جي گهر ۾ سکي ويٺي آهيان. جي اَمان ۽ اَدي منهنجي سنيال نہ لڌي، تہ پنهنجن بازن جي پورهئي ۽ سئيءَ جي ڪمائيءَ تي پيٽ پيئي پاريندس، پر انهن عذابن کان ڇٽي پئي هوندس.

بختاور۔ آمان زينت، سچ ٿي چوين، پر تنهنجي ماءُ جي سا اها مرضي آهي.

زينت۔ دائي، وس پڄندي تون نہ گهٽائج. تون مون کي ماءُ وانگي پيائيندي آهين، پلائي ڪري امان کي انهيءَ ڳالهہ تان لاهہ. اگرچ ماءُ جي حڪم کان ڏيءُ کي پير ٻاهر ڪڍڻ مناسب ناهي، تڏهن بہ مهڙن ڪمن ۾ جڏهن نڙيءَ تي لت ايندي، تڏهن ڏيءَ کي بہ دانهن ڪرڻ کان ڪو عيب ڪونهي، سو اهڙو ڪو بلو ڪج جيئن ايتري حد تي ڳالهہ نہ وڃي.

بختاور۔ ڏيءُ! تڏهن تنهنجي مرضي اصل ڪانهي؟ توکي خبر آهي تہ هيڏي ساري ٻار کي گهر ۾ ويهارڻ جو وقت ڪونهي. پنهنجي ماءُ۽ پاڙي وارن جي حال جي توکي خبر آهي تہ ڪلڻ ۽ ٿوڪن ڪرڻ جا وجهہ پيا ڳولين. ڪنهن جي نياڻي بہ۔ ٿي ڏينهن وڏيڪ ويهي ٿي، تہ جهان پيو چوندو آهي تہ "فلاڻيءَ جي لاءِ گهوٽ ڪونہ ٿو لڀين." انهيءَ ۾ وري بہ امان، اسان جي گلا آهي. آخر اهو جهان جو دستور آهي. خدا ۽ رسول جو حڪم آهي، سو تہ پورو ڪرڻ حق آهي.

زينت۔ بيشڪ اهو ضرور آهي، مگر ڏسي وائسي کوهہ ۾ ٽپو بہ نہ ڏجي.

بختاور۔ تڏهن پوءِ نيٺ ڪيئن ڪجي؟ توکي الائجي ڪهڙي قسم جو گهر، ڪهڙي قسم جو ماڻهو چڱو نظر ٿو اچي، اسين تہ اجهي اهڙا ٽا ڏسون جهڙا ٻڌئي.

زينت۔ دائي، گهر جو بہ گهڻو فڪر ڪونهي. غريب هوندو تہ ڇا! دليادار هوندو تہ ڇا! پئسن ڏي ڏسڻو ناهي، غريبت ۽ شرافت ڏي ڏسڻو آهي. پوري پُني گذران وارو هجي، مگر آبرو ۽ شرافت وارو هجي، چڱيءَ چال وارو هجي، علم ۽ هنر وارو هجي، پوريءَ عمر وارو هجي، پر امير جو پٽ نہ هوندو تہ بہ عيب ڪونهي. اهڙي ماڻهوءَ سان حياتيءَ جون بہ۔ ٽي گهڙيون گذاري تہ سگهبيون. ڪتابن ۾ پڙهيو اٿم تہ زال مڙس جي وچ ۾ صحبت وارو سلوڪ هئڻ گهرجي، اهڙي صحبت جنهن مان ٻنهي کي خوشي حاصل ٿئي، ٻنهي جي حالت سڌري، ٻنهي جو وقت چڱو گذري. اهڙيءَ صحبت ڪري سڄو گهر بہ پيو ڪلندو. جتي اهڙو مزو ۽ سلوڪ ناهي، اتي سڄو گهر دوزخ جي ڏيکاري پيو ڏيندو. چؤ دائي سچ آهي ڪ ڪوڙ؟ تو بہ گهڻا زمانا ڏٺا آهن.

بختاور- جيجل، سچ تي چوين. جهڙي تون ڏاهي آهين، اهڙو گهر وارو الله شال توکي ملائيندو. چڱو امان، آءُ مائيءَ سان ڳالهه چوري ڏسنديس.

ائين چئي بختاور هلي ويئي ۽ زينت بانوءَ به اٿي اڱڻ جي نماز جو سعيو ڪيو. ذري ڪان پوءِ مائي به اٿي. گهر جو ڪم ڪار ڏهاڙيءَ وانگي هليو. پوياڙيءَ مهل حامد علي به آيو. هو وڏا ڪتاب پاڻ سان آندائين، جي انهيءَ مهل پاءُ- پيڻ ٻنهي گڏ ويهي ڏٺا. حامد، ماءُ کي سڏ ڪري چيو ته "امان! سڀاڻي پاڻ وٽ مهمان ايندا."

ماڻس پڇيس ته "ابا ڪهڙا؟"

حامد وراڻيو ته "اڄ آءُ علي رضا وٽ ويو هوس، هن مهل اندران چوائي موڪليائون ته پنهنجي گهر خبر ڪج ته سڀاڻي اسين اوهان وٽ ايندا سين ۽ اچي ڏينهن گذاريندا سين. جو هو- ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن، ته نه آيا آهيون."

ماڻس چيو ته "ابا ڀلي اچن." پوءِ ته خير جي رات آئي، ماني ٽڪي کائي سڀيئي سمهي پيا. بختاور سڀ کان پوءِ سمهندي هئي، جو گهر جو ڪم ڪار ٿيندو هوس. سمهڻ مهل مائيءَ کي جاڳندو ڏسي اچي پيرن کي به زور ڏيڻ لڳس ۽ آهستي چوڻ لڳس ته "مائي اڄ ڏينهن جو مون ۽ زينت پاڻ ۾ ڏاڍي چٽا پيٽي ڪاڏي آهي."

مائيءَ پڇيو ته "ڇا تي؟"

بختاور چيو ته "ٻيو ڇا تي، اجهو انهيءَ ڳالهه تي جنهن جو تاڪيد ڪيو هوءِ" شهربانوءَ پڇيو ته "پوءِ نيٺ شير ڪي لوغان: ڪهڙو خيال ڏنئي ڇوڪريءَ جوءِ؟"

بختاور چيو "مائي، هوءَ ته هٽ ڇهڻ کان پري بيٺي آهي. اهي ٻه- ٽي جايون، جن جي پاڻ ڪالهه صبح جو رٿ پئي ڪئي، سي ته هتي نظر ۾ ئي ڪين آهن."

شهربانو وري پڇيو ته "نيٺ ڇا ٿي چوي؟"

بختاور ورندي ڏني ته "چوي ٿي ته هونءَ ته ماءُ مالڪياڻي آهي- وڻيس ته ڏيءَ کي تاري، وڻيس ته ٻوڙي، مگر اهڙي ڪم ۾ ڌيءَ جي ڳالهه مڃيئي ٻڌڻ گهرجي. چوي ٿي ته اهڙي ڪم ۾ سون ربي ۽ عزيزي خوشيءَ ڏي اوترو ڏسڻو ناهي،

پوريءَ عمر ڏي، اشرافت، لياقت، غريبيءَ، چڱي هلت چلت، موچاري ڪئڻ ڪمائڻ جي لياقت، علميت ۽ هوشياريءَ ڏي ڏسڻو آهي- سو اهي خاصيتون انهن ماڻهن ۾ ناهن."

شهربانوءَ چيو تہ "بختاور! ڏس اجوڪو زمانو پٽ تہ پنهنجي وات وڪيل ٿيا آهن، پر هاڻي ڌيئون بہ پنهنجي وات وڪيل! گهوڙا گهوڙا! حق تي برڪت ملڪ مان ويئي آهي، حق تي آهن سهانگو نٿو ٿئي. هاڻي وچي پڙهو گهمائجي تہ هڙن پارن وارو ڪو گهوٽ هجي تہ اچي، نہ تہ بس!"

بختاور چيو تہ "مائي تنهنجي ڳالهہ سچي آهي، مگر تنهنجي ڌيءَ بہ ڪوڙ نٿي چوي. ويچاريءَ مون سان پنهنجو سچو حال ونديو. پهرياڻين تہ حيا کان ڪچيائين ڪين ٿي، پر جڏهن تنهنجي چئي تي مون زور رکيس، تڏهن مون سان حجت دليل ڪرڻ لڳي. اگرچہ منهنجو خيال بہ پهرياڻين اهڙو هو جهڙو تنهنجو آهي، مگر زينت بانوءَ جي ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ ڄاڻان ٿي تہ اهڙي اجائي بندوبست ڪري اسان جي مهل في الحال سا خوشيءَ سان گذرندي، باقي پوءِ جي خبر ناهي تہ نينگريءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو. اسين ٻارهوئي جيرا ڪين هونداسين. نڪي ساڻس گڏيا وتنداسين. نڪي پئسا جتا ڪندا. نڪي زال مڙس جا مائٽ ڪين ڪم ايندا. پنهنجي سر پاڻ ۾ حياتيءَ دم تائين پيا ڳن ڏيندا. سو جي ٻئي چڱا هوندا تہ غريبيءَ منجهہ بہ پاڻ ۾ خوش رهندا ايندا ۽ جي ٻيءَ طرح تہ پوءِ ٻنهي کي جتين جو گذران ڪرڻو پوندو."

مائي شهربانو چيو تہ "اهو سچ آهي بختاور، مگر اهڙي بہ ڪالهہ اچي پئي آهي. ائين ڪندي ڪندي تہ نينگريءَ جي هيڏي ڄمار اچي ٿي آهي. پڻس هليو ويو. آءُ بہ اڄ سڀاڻ هلي ويندس پوءِ الائجي ڪنهنجن هٿن ۾ ڳالهہ ايندي- انهيءَ جو مرم ٿو مون کي ماري."

بختاور چيو "مائي! خدا سڀ خير ڪندو. تون شال پنهنجي اولاد جون مرادون ڏسندينءَ. اسان جي زينت خدا جي مهربانيءَ سان اهڙي سڌريل ڌيءَ آهي جو ڪنهن وٽ ڪا ٿوري هوندي. جڏهن ڪين جهڙن جون ڌيئون وڃي سکيون ٿين، تڏهن پڪ آهي تہ هيءَ اهڙو املهہ ماڻڪ رهجي ڪين ويندو. خدا تي ڪٽي رک. پاڻهي پنهنجا ڪم ڪندو. دل ۾ ڪوبہ فڪر نہ ڪر."

شهربانوءَ چيو تہ ”هائو مائي، الله تي لج آهي.“

پوءِ تہ بختاور اتي ويئي ۽ شهربانو ٿوري تائين خيال پچائي پچائي سمهي رهي. خواب ۾ ڏسي تہ سرائي، سندس گهر وارو ۽ ٻاهران ڪنهن سفر کان آيو آهي۔ ٻہ۔ ٽي ڳنڍڙيون ڪپڙن جون کڻائي آيو آهي ۽ هڪڙو ڪنو مٺائي جو بہ. زال کي ٿو چئي تہ ”توکي زينت جي ڳڻتي رهندي آهي، هاڻي سندس شاديءَ جو سعيو ڪر. آءُ توکي چوندو آهيان تہ انهن پنهنجن کان پراوا چڱا اٿئي ۽ پراون مان جن تي ڀاڙيو اٿئي سي ڪنهن ڪم جا ناهن. جيڪو هاڻ مون بندوبست ڪيو آهي سو چڱو آهي، پر جنهن کي ڏک ڏولاوا نصيب ۾ هوندا تنهن سان ڪو ڪنهن جو وس؟ ماٺ ڪري ڪٽي هائو ڪر.“ اتي شهربانوءَ جي اک پٽجي ويئي. وري اچي خواب جي لڳس، ڪڏهن دل ۾ چوي تہ زال جي خواب جي تعبير ابتڙ ٿيندي آهي سو الائجي ڇا ٿيندو. ڪڏهن چوي تہ مئو ماڻهو خواب ۾ ڏسبو آهي تہ الائجي ڪهڙو حال ٿيندو آهي. انهن ڳڻتين ۾ وجهي بختاور کي اٿاريائين، جا ٽپ ڏيئي اٿي. هن کي آهستي پاڻ وٽ وٺي ويهاريائين ۽ خواب جي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس ۽ چيائينس تہ ”مون کي فڪر ٿي پيئو آهي.“

بختاور چيس تہ ”مائي! اسان جو سرائي اسان سڀني جو دعاگو آهي، خير سان خوشيءَ جي خبر آندي اٿس جو توکي انهيءَ پاسي جو انتظار هو. ٻيو سڀ خير آهي، الله ڪندو سگهوئي سبب ٿيندو!“ انهيءَ دلاسي ڪري مائي شهربانوءَ جي هانو تي ڇنڊو پيو ۽ دل کي تقويت آيس. ماٺ ڪري ڪلمو پڙهي وري سمهي رهي ۽ بختاور بہ وڃي پنهنجي جاءِ تي ستي.

—*—

باب پنجون

# نئون پيغام

رات گذري صبح ٿيو. گھر جا ڀاتي اٿي ڏھاڙيءَ وارو ڪم ڪار ڪرڻ لڳا. زينت بانو نماز پڙھي وڃي قرآن جي دؤر تي پينگھي ۾ ويٺي. حامد اسڪول ڏي سنيڙيو. بختاور کي مائي شھربانوءَ سڏي چيو تہ "اڄ مائي جان بيبي اچڻي آھي، سو سويري وڃي ڀاڄي ٻتي وٺي آءُ، گوشت سرس آڻجئين تہ سوير ئي رڌڻ پائڻ جو ڪم ٿئي". ۽ ڏيءَ کي ٻہ سڏي چيائين تہ "امان! بختاور کي پئسا ڏيئي، سمجھائي روانو ڪر ۽ پوءِ مانيءَ ٽڪيءَ جي نظر رکجئين متان مون کي اٿڻ جو وقت نہ ملي."

زينت انھيءَ مھل قرآن ٻڌي، بختاور کي سڏي جيڪو سامان آڻڻو ھو تنھن جو سمجھايو ۽ پئسا ڏيئي ھن کي روانو ڪيائين. پاڻ وري ويھي قرآن پڙھڻ لڳي. بختاور ڪلاڪ کن ۾ سامان وٺي آئي ۽ اچي رڌڻ پچائڻ جو ڪم شروع ڪيائين. ايتري ۾ زينت بانو قرآن پڙھي اٿي ۽ ھميشہ وانگي ڪپڙو ڪڻي جاءِ جي شين جي صفائي ڪري، پوءِ پنھنجي ڪم کي لڳي.

نائين بجي ڏاري در تي ھڪڙي گاڏي آئي جنھن ۾ برقعي سان ھڪڙي زال ويٺل ھئي ۽ ھڪڙي پورھيت ساٿس ھيس ۽ ساٿس گڏ ھڪڙو جوان ويٺل ھو- ٽيئي لٿا. اھا مائي جان بيبي ۽ سندس پورھيت مريم ھئي، جن کي علي رضا اماڻڻ آيو ھو. ھنن کي سرائي فتح خان جي گھر اماڻي، علي رضا وري ساڳيءَ گاڏيءَ تي چڙھي پنھنجي موٽي ويو.

علي نواز مغل اھو دستور ڪري ڇڏيو ھو تہ جڏھن ڪڏھن سندس زال ڪيڏي ٻاھر ويندي ھئي. جيئن پردي وارن ماڻھن جو دستور آھي تہ جي ٿورو پنڌ ھوندو ھو تہ پيادي ويندي ھئي ۽ ساٿس سندس پورھيت ۽ سندس عزيزن مان ھڪڙو مڙس ماڻھو ويندو ھو ۽ جي پرڀرو پنڌ ھوندو ھو تہ گاڏي ڀاڙي ڪري آڻيندا

هئا، انهيءَ ۾ ويندا هئا. برقعو به ايراني يا پٺاڻڪي ٻول جو هوندو هون، نه سنڌي ٻول جو. ميرن جي صاحبيءَ ۾ ته هنن کي به ڪجاون ۾ چڙهڻ وجڻ جو لاچار هو. چالاڪ جو هنن جو گهڻو واسطو حاڪمن سان هو تنهن ڪري رسم به انهن جي تي هلندا هئا. صاحبيءَ وئيءَ کانپوءِ ٿورو ٿورو ڪري ڪجاوا ڇڏي، ڏوليءَ ۾ چڙهڻ جي رسم ورتي هئائون، پر جيئن غريب ٿيندا ويا ۽ ڏوليءَ جو به ڪنراڳ ڏسندا ويا تيئن انهيءَ کي به ڇڏي هاڻي اچي پنهجي پيرن جي پنڌ ۽ ڀاڙي جي گاڏيءَ تي بيٺا هئا. علي نواز خان ڏاهو ماڻهو هو ۽ ٻيو وري ولايتي ماڻهو هو تنهن کي ولايتي مسلمانن جون رسمون سجهيون ٿي، تنهن ڇاتو ته جنهن کي پردو ڇئجي سو مطلب هن مان ئي ٿو نڪري تڏهن پاڻ کي ٻيٺي تڪليف ۽ خرچ ۾ وجهڻ جو ڪهڙو ضرور؟

فتح خان جي گهر سان اهو حال نه هو. هو سرائي ماڻهو هئا، هنن جو پردو وڏيڪ سخت هو. جيڪو دستور ميرن جي صاحبيءَ کان هليل هو سو هليو آيو. هنن ۾ زال ماڻهو پهريائين ته گهڻو ڪري ٻاهر نڪرندي ڪين هئي. جڏهن ڪڏهن ضرور پوندو هو تڏهن قنات ۽ پوش واري ڪجائي کان سواءِ ڪين نڪرندا هئا، پوءِ ڀلي پنڌ تمام ٿورو هجي ته به جتي ڪجائي جي جاءِ نه هوندي هئي اتي لاچار ڏولي ڪم آڻيندا هئا.

مطلب ڳالهه جو ته مائي جان بيبي پورهيت سميت اچي سرائي فتح علي خان جي گهر لٿي. هوءَ گهر جي ڀاتين سان ملي، پوءِ وڃي سڀ صفي ۾ ويٺيون. مايون ٻيءَ هڪڙي کٽ تي ويٺيون. زينت بانو وري پاسي ۾ ٻيو کٽولو پيو هو تنهن تي ويٺي ۽ مريم سيني جي اڳيان تڏي تي ويهي رهي. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪيائون. به ٽي ڏينهن لنگهي ويا هئا جو هو مليا نه هئا، تنهن ڪري هڪٻئي ڏي ڏک ڏوراپا ڪيائون.

مائي جان بيبي ۽ مائي شهربانو پاڻ ۾ ويٺي ڳالهايو. تيتري ۾ زينت بانو اٿي بورچيخاني ۾ وئي ۽ بختاور کي رڌڻ پچائڻ ۾ مدد ڏيڻ لڳي. به پهر اچي قابو ٿيا هئا، تنهنڪري همت ڪري ٻه- ٽي چلها ڪٺي چاڙهيائون. ٻه- ٽي طعام هُن پچايا، ٻه- ٽي هُن، جهٽ ۾ ماني تيار ٿي وئي.

زينت بانو پاڻ واريءَ ڪوٺيءَ ۾ فرش ڪري، دسترخوان وڇايو ۽ پاسي واري ٻاهرئين در مان ڳچ جيترا ڊاڪو رکي ويئي. پوءِ صفي ۾ ماءُ کي چيائين ته "امان ماني تيار آهي" پر انهيءَ کان اڳي هڪڙي ننڍي خونچي ۾ ڪي ڊاڪون رکي، مٿانئس دسترخوان وجهي ٻاهر در تي موڪليائين، جو سندس پاءُ حامد به اسڪول کان موٽي آيو هو ۽ اوطاق واري لانديءَ ۾ ويٺو هو ۽ علي رضا به پنهنجي ڏهاڙيءَ جي نوڪري ڏيئي موٽي اُتي آيو هو- جو ٻنهي يارن پاڻ ۾ وري ٻاهر ويٺي صحبت ڪئي.

بختاور سيني جا هٿ ڌناريا. ٽيئي ڄڻيون مانيءَ تي ويٺيون، مريم ۽ بختاور پاسي کان ٻيهي پکو هڻڻ لڳيون. سيني پريندي "بسم الله" ڪئي ۽ جان بيبيءَ ته پنهنجي هميشه جي دستور موجب "لا يلاف" به پڙهيو- پوءِ کائڻ لڳيون.

جان بيبيءَ چيو ته "مائي شهربانو! هيڏي تڪليف ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور هو، هيتري ماني ڪير کائيندو؟"

شهربانوءَ چيو ته "مائي ڪهڙي تڪليف- ماني، گوشت ۽ چانور- اهو ڏهاڙي پيو کائجي، ٻيو وڏيڪ وري ڇا هي؟"

جان بيبي چيو ته "هان! مائي، چادر جيڏو دسترخوان ڊاڪن ۽ رڪيبين سان پرجي ويو آهي، اڃا به ٿورو آهي! آءُ ته کائيندي آهيان ٻه- ٽي گرنهن، ههڙو سٺيو طعام ته ڏينهن ٿيا آهن، مون اکئين به ڪونه ڏٺو آهي. منهنجي گهر واري کي پيو ورهيه ٿو لنگهي ته مون کي نه سجهي ته مون پيٽ پري ماني کاڌي هيءَ مريم رڌڻ پچائڻ واري ٻيني آهي، ڪٽي پچينس."

شهربانوءَ چيو ته "مائي، اهو خيال ڇو نه آهي- گهر واري جو وڏو آسرو آهي، وڏي خوشي آهي. ادي، منهنجو به اهڙو ئي حال آهي، بس گذر ڪرڻو آهي، حياتيءَ جو دم لنگهائڻو آهي."

جان بيبيءَ چيو ته "زينت امان، تو به ڪين گهٽايو آهي. مون کي سُجهي ٿو هيءَ چاشني، پلاءُ ۽ کيرٽي، تو ڙي هي حلوو تنهنجو رڌل آهي. ڪهڙو نه چڱو سواد منجهس رکيو اٿئي! پر ناحق منهنجي خاطر اڄ بورچيخاني جو سيڪ جهليئي."

شهربانوءَ چيو تہ "مائي، ڪڏهن ڪڏهن اُهئين بہ وڃي بختاور کي مدد ڏيندي آهي، اڄ مهمانن جي لاءِ جي ائين ڪيائين، تہ چا ٿيو." زينت، جنهن ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي ڪاڙهي. تنهن چيو تہ "مائي! اوهان کي منهنجو رڌل ڪاڙهو پسند آيو تہ منهنجو پورهيو سجايو ٿيو."

"جان بيبيءَ چرچو ڪري چيس تہ "سو تہ چڱو پر جي اهڙو طعام اسان کي کارايئي تہ اسين ڏهاري پڪا بيٺا هونداسين."

زينت ورندي ڏني تہ "مائي! آءُ حاضر آهيان، اوهين پلي اچو جيءُ اچو."

انهيءَ طرح ڳالهيون بہ ويٺي ڪيائون ۽ ماني بہ ويٺي کاڌائون. نيٺ کائي بس ڪيائون، جان بيبيءَ دعا گهري ۽ سڀ اٿي کڙا ٿيا. بختاور ٻاهر در تي مڙس ماڻهن جي سماءَ تي ويٺي هئي، تنهنڪري مريم ڪوئنرو ۽ چلمچي کڻي هٿ ڌئارين. زينت وري ميز جي خاني مان سوپاريون ۽ ڦوٽا ڪڍي هنن کي ڏنا. بختاور موٽي آئي، سا ۽ مريم ٻيئي ٿانو کڻي بورچيخاني ۾ ويئيون، اتي ويهي وري هو گڏ ماني کائڻ ۽ پاڻ ۾ صحبت ڪرڻ لڳيون.

جان بيبي ٿوري دير تائين زينت جي ڪوٺيءَ ۾ ويٺي ۽ جيڪي گل ۽ تصويرون، ڪتاب ۽ ٻيو سامان چڱي ڍول سان جاءِ ۾ رکيل هو سو ڏسي تعريف ڪرڻ لڳي، ۽ چوڻ لڳي تہ "مائي زينت بہ پنهنجي جاءِ کي اهڙو سينگاريو آهي. جو چا چئجي! اسان جي علي رضا جو بہ ساڳيوئي ڍول آهي پنهجي ويهڻ جي جاءِ ناهي اٿس. تنهن ۾ هن وانگي چڱيون شيون ۽ ڪتاب رکي ڇڏيا اٿس. سڄو ڏينهن انهيءَ ۾ پوريو پيو آهي."

پوءِ وري ٽيئي ڄڻيون اچي صفي ۾ ويٺيون ۽ هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪرڻ لڳيون.

جان بيبيءَ چيو تہ "امان زينت، تون بہ ذري تائين تہ اچي منهنجي پر ۾ ويهہ صبح ڪان وٺي پٽي ڊوڙي آهين، تو سان ڪلي ڳالهائي ڍو تہ ڪريان."

زينت اٿي وڃي جان بيبيءَ جي پاسي ۾ ويٺي، ۽ جان بيبي سندس تعريف ڪرڻ لڳي تہ "امان! تو جهڙي پڙهيل هوشيار ۽ هنر واري ۽ نيڪ ڌيءَ خدا شال جهان کي ڏئي. جنهن گهر ۾ تون هونديئءَ، انهيءَ گهر جو وڏو نصيب هوندو. تون ڌيءَ ناهين، تون پٽن جو مٽ آهين. آءُ خوشامند نٿي ڪريان. مريم

ڪان پڇي ڏس تہ ڪيترا پيرا اسين تنهنجون ڳالهيون ڪنديون آهيون، ۽ جڏهن جهان جي پٽن ڏيئڻ جو ذڪر نڪري، تڏهن آءٌ چونديءَ آهيان تہ مون بہ گهر گهڻا ڏٺا، پر اهڙي سگهڙ ۽ نيڪ ڏيءَ ڪنهن امير جي گهر ۾ مشڪل هوندي "

زينت تہ حيا کان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي هئي ۽ جواب ڪونہ ڏنائين. شهربانوءَ چيو تہ "مائي! الله شال جهان جو اولاد صالح ڪري، چا پٽ، چا ڌيءَ".

اتي بختاور زينت کي ڪنهن ڪم لاءِ سڏ ڪيو سا ويئي اوڏي، ۽ جان بيبي وجهہ ڏسي چيو تہ "مائي شهربانو! مون کي ڪو ٿورڙو عرض ڪرڻو آهي."

شهربانوءَ چيو تہ "مائي ڀلي چئو"

جان بيبيءَ چيو تہ "مائي، توکي خبر آهي تہ اسان ٻنهي گهرن جي وچ ۾ جيڪو رستو آهي، سو مائٽن کان بہ وڏيڪ آهي. خدا سرائيءَ کي بهشت نصيب ڪري ۽ منهنجي گهرواري کي مرهي، سي جڏهن حيات هوندا هئا، ۽ پنهنجو بہ دور هوندو هو، تڏهن تہ توکي ياد هوندو تہ ڪهڙي نہ پاڻ ۾ اٿ- ويهہ ڪندا هئاسين. اڄ اڄهو ائين آهي، ڪڏهن ڪڏهن تو ملڻ ٿئي. منهنجو مڙس بہ اصل پرديسي هو پر هاڻ تہ اسين سڀ ديسي ٿياسون. جهڙا اشراف توهين آهيو تهڙا اسين آهيون. اسان کي اوهان کان عار ڪونهي، اوهان کي اسان کان عار نہ اچڻ گهرجي. منهنجي مرضي آهي تہ منهنجي نينگر علي رضا کي تون پنهنجو ڪرين تہ چڱو؟ هو غريب آهي، چڱي چال وارو آهي. اسان جي حال جي توکي ساري خبر آهي- توکان ڳجهو ڪين آهي. آءٌ نٽي چوان تہ اسين اوهان جا مائٽ آهيون، اسين اوهان جا غلام آهيون، ائين ڄاڻي تون ڪٽي منهنجي علي رضا سان ننگ ڪر."

جان بيبيءَ بس ڪئي، پانيائين تہ ڏسان شهربانو چا ٿي چوي، پر هن کي تہ انهيءَ مهل اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ جو تہ خيال ئي ڪونہ هو تنهنڪري چپ ڪٽي ڪيائين، ماٺ ڪيو پئي ٻڌائين.

تڏهن جان بيبيءَ وري چيو تہ "ادي! تون خفي نہ ٿجئين، منهنجي ڳالهہ ناشائستي هجي تہ مون کي معاف ڪجئين. مون کي خبر آهي تہ اهڙي مائٽي جي ڳالهہ کي هتي جا ماڻهو گار سڏيندا آهن ۽ انهيءَ تي پاڻ ۾ گهڻا جهيڙا ڪندا آهن. پر سرائي مرحوم جي توڙي اوهان سيني جي هلت چلت پين عام ماڻهن جهڙي

ناهي. اوهين سمجهو عقل وارا آهيو. ڇاڪاڻ ته زماني جو اهو دستور آهي، نبين ولين به پنهنجن ٻارن جا اهڙا بندوبست پئي ڪيا آهن، تڏهن ٻاڻ ڪير آهيون. هاڻي منهن متي ڪري مون کي ڪو دلاسو ڏي، ته منهنجي دل کي ڏڍ اچي.“

تڏهن لاچار شهربانوءَ منهن متي ڪري چيو ته ”ادي! تون منهنجي ڀيڻ آهين، مائٽن وانگي آهين. اهڙن ڪمن ۾ مون کي توکان عيب ڪونهي، توکي مون کان عيب ڪونهي. مگر مون کي خيال به ڪونه هو ته اڄ تون رڳو انهيءَ لاءِ پنڌ ڪري اچي اهڙي ڳالهه مون سان ڪندينءَ!“

جان ٻيبيءَ چيو ته ”ادي! ائين متان چوين، آءٌ رڳو انهيءَ ڪم لاءِ نه آيس. ڪيترا نه ڏينهن ٿي ويا آهن، جو پاڻ نه مليا آهيون، تنهنڪري ڄاتم ته اچي اوهان جو منهن به ڏسان ۽ جيڪو حال هوم سو به توسان ڪريان، جو توکان سواءِ هتي مون کي صلاح مصلحت ڏيڻ وارو ٻيو ڪير آهي؟“

شهربانوءَ ورندي ڏني ته ”ادي، چڱو ڪيئي، پر توکي خبر آهي ته منهنجا مائٽ پاسي ۾ ويٺا آهن، نينگريءَ جو مامو آهي، چاچو آهي، ٻيا ڪيترا مائٽ آهن، انهن کي به نيٺ مائٽيءَ جي ڳالهه دل ۾ هوندي. وري جيئي شل منهنجو حامد به وڏو آهي، جوان اچي ٿيو آهي، تنهن جو به نيٺ ٻلو ڪرڻو اٿم. اڄ ته مائٽ به چون ٿا ته ”اٿي تي اٿو ڪارو نه ڪٿو هڪڙي هٿ ۾ ڏيو ٻئي هٿ ۾ وٺو سو جي آءٌ ڪٿي اهڙو ٻير توسان ٻريان، ته مائٽن کان به مور ويندس ۽ منهنجو ڇوڪرو به رهجي ويندو.“

جان ٻيبيءَ چيو ته ”مائي، سچ ٿي چوين، اها ڳالهه برابر آهي، تنهنجي پٽ جو به توکي خيال نه هوندو ته ٻيو ڪنهن کي هوندو. الله انهيءَ کي به ڪٿي گهوٽ ڪندو. لائق پٽن جي لاءِ لائق زالون جهجهيون آهن. قسم ڪٿي ٿي چوان ته جي مون کي نياڻي هجي ها ته آءٌ پهرين انهيءَ کي تنهنجي جهوليءَ ۾ وجهان ها، پر منهنجو وس ڪونهي. تنهنجو پٽ، سو منهنجو پٽ آهي. جهڙو آءٌ علي رضا جي شاديءَ ۾ خوش ٿينديس، تهڙو حامد جي. جيترو پنهنجي پٽ لاءِ ٿي سعيو ڪريان، تنهن کان وڌ تنهنجي حامد لاءِ ڪنديس، پوءِ هٿ وس خدا جي آهي.“

شهربانوءَ چيو ته ”مائي! اهي تون پنهنجا لائق ٿي ڪرين، مگر وري به زمانيسازيءَ ۾ سيڪنهن کي اهڙن ڪمن لاءِ گهڻيون ڳالهيون ڳڻيون آهن.“

جان بيبيءَ چيو تہ ”ادي شهربانو تڏهن مون کي نااميد تي ڪرين؟ منهنجو غرض قبول نہ ڪيئي. منهنجي اچي متي ڏي نہ ڏنئي؟“

شهربانوءَ ورندي ڏني تہ ”ادي! آءُ ائين ڪين ٿي چوان، مون چيو تہ اهڙن ڪمن جي لاءِ خيال ڪرڻ ۾ اڳ. پوءِ ڳنڍڻ ضروري آهي، سا ڳڻ ڳڻي پوءِ توکي جواب ڏينديس.“

جان بيبيءَ چيو تہ ”تڏهن ڀلائي ڪج، وسارج نہ مون کي رات، ڏينهن توڏي ڏيان هوندو.

اتي زينت بہ وري آئي، تنهنڪري هنن ڪٿي بس ڪئي. پوءِ سڀيئي وري ڪٽولن تي ليٽي پيون، ۽ ٿورو آرام ڪري اٿيون، وري وضو ڪري اڳئينءَ جي نماز پڙهيائون. پوءِ زينت جيڪي توبيون ۽ چولا ڀريا هئا سي آڻي مائي جان بيبيءَ کي ڏيکاريائين، جي ڏسي هوءَ هيڪاري خوش ٿي.

اتي ڏينهن بہ ٿريو ۽ علي رضا هلڻ جو وقت ڏسي، شهر ڏي وڃي گاڏي وٺي آيو هو، تنهن در تان ماءُ ڏي چوائي موڪليو تہ ”گاڏي تيار آهي، هاڻي اچو.“ مائي سنيري ۽ برقعو مٿان وڌائين، شهربانوءَ کان موڪلايائين، ۽ هلڻ مهل بہ آهستو چيائين تہ ”منهنجي ڳالهہ نہ وسارج“ ۽ زينت کي وري بہ هلڻ مهل سڏي ڀاڪر پائي پيشانيءَ تي چمي ڏنائين ۽ چيائينس تہ ”امان، اسين تہ تنهنجي گهر پيا اچون، تون الائجي ڪهڙي ڏينهن اسان جي گهر ايندينءَ!“

—٭—

باب ڇهون

# جوڙ جُڙن

علي رضا، جنهن کي انهيءَ ڏينهن جي ذڪر ڇُرئي ڪان پوءِ سرائي فتح خان جي نياڻيءَ سان شادي ڪرڻ جو شوق ٿي بيٺو هو جنهن جي صلاح سان سندس ماءُ هنن وٽ آئي هئي، تنهن کي اهائي ڳڻتي هئي ته الائجي اها ڳالهه ملي يا نه ملي. سو اڄا ماڻس گاڏي چڙهي، اندر پنهنجي گهر ۾ مس گهڙي ته پڇڻ لڳس ته "ڪيئن امان، فتحون آهن نه؟"

ماڻس چيو ته "ابا! برقعو ته لاهڻ ڏينم، ساهه ته پٽڻ ڏينم، خدا سڀ چڱي ڪندو!"

وري مريم کان پڇيائين ته "دائي، تون ڪا ڳالهه ٻڌاءِ، ڪڏهن جو انجام ورتو؟"

جان بيبيءَ چيو ته "مار ابا! تون ته ترئيءَ تي بهشت ٿو طلبين؟ يا ته چوندو هئين ته شادي ڪانه ڪبي، يا ته هاڻي آٽي تڪڙ مچائي اٿئي"

علي رضا چيو ته "امان، آءٌ ائين ٿي ٿو پڇان ته جنهن ڪم لاءِ ويا هئو، تنهن جي ذڪر ڪيڻ جو وجهه مليو يا نه؟"

جان بيبيءَ ورندي ڏني ته "هائو ابا مليو مائيءَ پنهنجا گهڻا لائق ڪيا. آخر خوشيءَ جو ڪم آهي، چيائين ته پنهنجو تن من پڇي ڏينهن- ٻن ۾ جواب ڏينديس. پر الله ۾ اميد جهجهي آهي."

پوءِ ته جيڪي انهيءَ ڏينهن ٿي گذريو هو سو سارو احوال ڪري ٻڌايائينس ۽ ان سان گڏ زينت بانوءَ جي تعريف نئين سر ڪيائين جا ٻڌي، علي رضا گهڻو خوش ٿيو.

هوڏانهن وري شام جو سرائي فتح خان جي گهر جا پاتي پاڻ ۾ گڏ ٿيا ۽ جان بيبيءَ جي اچڻ ۽ سندس فضيلت ۽ مائيءَ جي چڱي ٿيڻ وغيره جون

ڳالهيون پاڻ ۾ ڪرڻ لڳا ۽ حامد وري جهڙيءَ طرح علي رضا جي صحبت ۾ ڪتابن پڙهڻ يا شطرنج راند ڪرڻ ۾ پنهنجو ڏينهن گذاريو هو سو حال ڪري ڇڏايو.

رات جو جڏهن سڀ ماني کائي سمهي پيا. تڏهن شهربانوءَ پنهنجي صلاحڪار بختاور سان جان بيبيءَ وارو ذڪر ڪڍيو ۽ چيائينس ته "مون کي خبر آهي ته اهو به آبروءَ وارو گهر آهي. علي نواز مغل به ننڍڙو مڙس ڪين هو ۽ هاڻ هي چڱي حال ۾ آهن. مگر وري به پرائي ۽ پنهنجي ۾ فرق آهي."

بختاور چيو ته "مائي، سو سچ آهي پر جيڪي پنهنجا ٿي چوين يا جيڪي بيا پراوا اسان اڳي رٿيا هئا. تن تي ته اسان جي زينت جو خيال ئي ڪونهي، تنهن ڪري جي اتيئي راضي ٿئي ته به چڱو پر هوءَ مائي وري انهيءَ مان به پنج عيب ڪيندي"

شهربانوءَ چيو ته "هائو مائي، شڪ ناهي."

بختاور وري پڇيو ته "پوءِ حامد عليءَ جي شادي ڪيئن ٿيندي؟ اڄ ته رڳو ڏي وٺ لڳي پئي آهي. هنن سان ڪريو ها ته پنهنجن مان ٻانهن جي ٻانهن ملي ها ۽ ڏارين به ذمو تي ڪنيو ٻيءَ ٻانهن ڳولائي وٺي ڏيڻ جو. انهيءَ جي ڪهڙي رٿ آهي؟"

شهربانوءَ ورندي ڏني ته "ڪهڙي رٿ آهي، مائي جان بيبيءَ چيو ته حامد کي پنهنجو پٽ ڪري ٿي ڄاڻان- جيئن علي رضا کي پرڻائيندس، تيئن حامد جي لاءِ به گهٽائيندس ڪين. سو ته آءٌ به ڄاڻان ٿي پر جڏهن نينگري پير ئي نٿي کوڙي، تڏهن جيستائين حامد جو بندوبست لاءِ ترسنديس، تيستائين زينت ته اچي اُٺ جيڏي ٿيندي ڏيون ته اصل ڊپريون آهن. وڏندي ويرم ڪانه ٿيون ڪن. پوءِ هيڏو سارو ٻار گهر ۾ ويهارڻ من کي ڏکيو ٿو لڳي. تنهن کان جيڪڏهن في الحال اتيئي خير جو ڪم ٿي وڃي ته پوءِ نينگريءَ جو وڏو ٻار مٿي تان لٿو وري لڳان نينگر جي پنيان. اڄ ته نينگرا به انگريزي پڙهيا آهن. سي به ائين پيا چون ته اسين چونڊي پنهنجي ٻانهن وٺنداسين. ٻڌو ڪين هئي ته انهيءَ ڏينهن حامد چرچن ۾ ڇا پئي چيو؟"

بختاور چيو تہ "هائو مائي، سچ ٿي چوين پر مون کي اميد آهي تہ زينت کي بہ اهو هنڌ چڱو لڳندو. جن ڳالهين جي ڪيس ڳڻتي آهي، سي تہ سڀ مائي جان بيبيءَ جي پٽ ۾ موجود آهن. پڙهڻ لکڻ وارو آهي، اشراف گهر جو آهي، ڪٺڻ ڪمائڻ وارو آهي، پوري وهيءَ وارو آهي، صورت جو موچارو آهي. رڳو ڏاڙهيءَ جو عيب ڪيدي تہ خدا کي خبر. پر انهيءَ جي آءٌ پانيان ٿي تہ هتي حرڪت ڪانہ ٿيندي."

شهربانوءَ چيو "پر بختاور، ڪالهوڪو خواب جو مون توکي ٻڌايو هو تنهن جو بہ هيستائين مون کي دل ۾ ويچار هو. لاشڪ سرائي بہ هن ڪم ۾ راضي آهي جو اڳواٽ مون کي اشارو ڪيو هئائين ۽ دلجاءِ ڏني هئائين. آءٌ سو پانيان ٿي تہ انهيءَ جو تعبير اڃهو اهو آهي!"

بختاور جواب ڏنو تہ "ٻڙي مائي! چوين تہ سچ ٿي، مون کي دل تان لهي ويو هو واه جو سهي ڪيو اٿئي. ڏس تہ سهي، جيئرن ڪان وري بہ مٺا گهٽي ڪم جا آهن. هاڻ ڪير چوندو تہ سرائي، الله مرهيس، جيئرو ناهي. مون توکي انهيءَ مهل چيو هو تہ ويچارو اوهان جو دعاگو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي هن کي اڳيئي خبر پئي هئي. پلا هن جو چڱل روح جو آهي! هاڻي مائي ٻڌين ٿي، بسم الله ڪري انهيءَ ڳالهہ تي ڪري ٻيهہ."

شهربانوءَ چيو تہ "تڏهن بختاور، چڱو سڀاڻي تون مون کي وري بہ چوڪريءَ جو سماءُ وٺي ڏج. حامد علي کي آءُ پاڻهي ڪن تي وجهنديس. نيٺ اهو بہ هيڏو سارو اچي ٿيو آهي، نيٺ هيئنر اسان جو وارث آهي. گهر ۾ هيئنر مڙس ماڻهو اهوئي آهي."

ٻيو ڏينهن ٿيو پهر سوا سج چڙهيو. زينت بانو قرآن پڙهي پوءِ ڪارچوب ڪڍيو. مائي شهربانو ويٺي وهنجڻ. تنهن کي بختاور ميٺ تيل ۽ پاڻي ڏيئي آئي. پاڻ وڃهہ ڏسي، اچي زينت جو پاسو ورتائين. چوڻ لڳيس تہ "امان ڪيئن، ڪالهوڪن مهمانن جو ڪو سماءُ پيئي."

زينت ورندي ڏني تہ "ڪهڙو سماءُ! خير سان پلڪ گذري ويئي، مهمان خوش ٿي ويا. مائي جان بيبي بلڪل غريب زال آهي، اسان سان محبت ٻجهي ويئي اٿس."

بختاور چيو تہ "سو برابر. پر آيا هئا تنهنجي لاءِ

زينت پڇيو تہ "منهنجي لاءِ؟ منهنجي ڏسڻ جي سڪ پئي هين ڇا؟"

بختاور جواب ڏنو تہ "تنهنجي ٻانهن گهرڻ ۾ مائي جان بيبيءَ اسان جي مائيءَ کي گهڻيون منٿون ڪيون پنهنجي پٽ جي لاءِ" مائيءَ ورندي ڪانہ ڏنيس. پلا ويچاريءَ کي سجهيو ٿي تہ اڄ پٽ ڏيون سڀ آهن وات وڪيل. هاڻ تون بہ امان اسان کي ڪٿي ٻڌاءِ تہ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي، وري هن مان ڪهڙو عيب ٿي ڪڍين؟"

زينت تہ حيا ڪان في الحال ورندي ڪانہ ڏنيس. تڏهن ڀاڻ وري چيائين تہ "جيڪي وصف انهيءَ ڏينهن تو ٿي چيا، سي تہ هن ۾ موجود آهن. توکي بہ خبر هوندي تہ مائي جان بيبيءَ جو پٽ پڙهڻ لکڻ ۾ هوشيار آهي، ڪنڻ ڪمائڻ وارو آهي، سيڪي ٿو گهر ۾ اچين. شڪل صورت جو چڱو آهي، جوان جماڻ آهي، اشراف گهر جو آهي، ڏاريو آهي تہ بہ مائٽن وانگر آهي. اسان جي سرائيءَ ۾ علي نواز مغل جو ڀاڻ ۾ رستو ڪين هو؟ هاڻي تہ مرضي تنهنجي، ماڻهين ويچاريءَ تہ انهيءَ ڏينهن ڪانپوءِ ڪٿي ماٺ ڪئي آهي. جڏهن ڪٿي بہ سندس ڪانہ ٿي هلي، تڏهن ڀيو ڇا ڪري!"

زينت چيو تہ "دائي، امان الائجي ڇو خفي ٿي آهي. مون تہ اڳي بہ توکي چيو هو تہ اولاد جو ڇا وس جو مائٽ جي سامهون ٿئي. منهنجي مرضي ڪهڙي آهي! جيڪا امان جي مرضي. انهيءَ گهر جي جيڪا ڳالهہ ڪيئي، سا مون کي اڳيئي خبر آهي، هو اسان وٽ ايندڙ ويندڙ آهن. جنهن ڳالهہ ۾ امان جي مرضي ٿيندي، سا مون کي قبول آهي."

بس، هن جي ايتري چوڻ مان بختاور سمجهيو تہ زينت کي انهيءَ پاسي تي اعتراض ڪونهي. انهيءَ هوندي بہ هن جي دل پڪي ڪرڻ لاءِ جان بيبيءَ ۽ سندس پٽ جي هلت چلت جي تعريف ڪرڻ لڳي ۽ ڪڏهن تہ وري چرچي طور هن کي اشارا ڏيڻ لڳي تہ هاڻ اجهو سگهوئي ٻارن ٻچن واري ٿيندينءَ. اولاد جو سيڪ ايندءِ ڳالهہ نہ مڃيندا تہ پاڻهي ڪاوڙ لڳنديئي.

انهن چرچن ڪندي، مائيءَ شهربانوءَ وهنجي بس ڪيو هو تنهن بختاور کي سڏ ڪيو. هن وڃي اتيئي گرما گرم خبر ٻڌايس ۽ مبارڪ ڏنائينس تہ

ڏيڻين مس مس بيٺي آهي. پوءِ تہ مائي بہ نڪري ٻاهر آئي، بختاور وچي پنهنجي ڪم ڪي لڳي.

ٻنپهرن جو وري مائيءَ شهربانوءَ وچي ڪوٺيءَ ۾ آرام ٿي ڪيو تہ اتي حامد بہ آيو. تنهن کي سڏي پر ۾ ويهاريائين، هن سان اهو ذڪر چورياَئين ۽ جيڪي چوٽو هوس سو چڱيءَ طرح سمجهاياَئينس. حامد تہ علي رضا جو سنگتي هو ۽ هن جي هلت چلت جو چڱيءَ طرح واقف هو سو انهيءَ رٿ ۾ ناراض نہ ٿيو باقي پنهنجي شاديءَ بابت تہ هو پاڻ بہ انهيءَ ڳالهہ تي بيٺو تہ "اجا منهنجي شاديءَ جي تڪڙ ڪانہ پيئي آهي، نڪو اجا آءٌ ڪٺڻ ڪمائڻ جهڙو ٿيو آهيان." پيو هيءُ بہ چيائين تہ "مامي جي ڌيءَ اجا ننڍڙي آهي، جڏهن ڪا وڏي ٿئي، تنهن کان سواءِ هن کي سڳاوتيءَ جو سودو پسند ناهي. آءٌ جڏهن شادي ڪرڻ جهڙو ٿيس، تڏهن پاڻهي پنهنجي زال جو بندوبست ڪندس، اوهان کي هلاڪي ڪانہ ڏيندس." حامد تہ اهي ڳالهيون علي رضا، توڙي شهر جي ٻين ڪن سنگتين جي صحبت ۾ سکيو هو ۽ شهربانوءَ کي بہ اڳ ئي هن جي دل جي خبر هئي، تنهن هينئر ڪٿي ماٺ ڪئي.

زينت بانوءَ جو پنهنجي دائي کي نئين رٿ جي پسنديءَ جو اهڙو جلد جواب ڏنو سو گهڻي خيال ۽ ويچار کان سواءِ نہ هو. اڳئين ڏينهن ماڻس سان جان بيبيءَ جا سُس پس پئي ڪئي، تنهن مان ٿورو گهڻو شڪ اڳيئي پيو هوس. وري هن پيري جان بيبيءَ بہ اڳي کان وڌيڪ پيار ڏيکاريو هوس ۽ اشاري طرح ايترو بہ چئي چڪي هيس تہ تون اسانجي گهر ڪڏهن ايندينءَ. تنهن مان هن کي پڪو گمان پيو تہ منهنجي بابت ذڪر هليو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي هوءَ انهيءَ ڳالهہ تي خيال ڪرڻ لڳي. علي رضا جي گهر جي خبرچار ساري هيس، سندس گڻن جي تعريف پاءُ کان بہ ٻڌي هئائين، جو هن جو پڪو سنگتي هو. سندس شڪل بہ ڏٺي هئائين جو هڪڙي ڏينهن اتفاق سان نانگ مارڻ جي لاءِ اندر آيو هو ۽ سندس منهن پئجي ويو هو. هن جي تصوير بہ پاڻس وٽ هئي، جا پاڻس جي ڪتابن سان گڏ سندس جاءِ ۾ رکي هوندي هئي. تنهن کي هن وري بہ هاڻي چتائي ڏٺو جنهن هن جي دل تي زياده اثر ڪيو. مطلب تہ هوءَ ٿوري عرصي منجهہ پنهنجي دل ۾ چڱيءَ طرح ويچار ڪري رهي هئي ۽ اها جاءِ هر طرح پسند آئي هيس، تنهن

ڪري جڏهن دائيءَ ساڻس ذڪر ڇوريو تڏهن هن کي ڪا مشڪلات ڏسڻ ۾ ڪانه آئي، ٿورن ئي لفظن ۾ اشاري طرح مرضي ڏيکاريائين. جو بختاور جي ڳالهائڻ مان صاف سمجهائين ٿي ته ماڻس انهيءَ ڪم ۾ راضي آهي ۽ پاڻس به ضرور خوش هوندو.

انهيءَ وقت کان وٺي، انهيءَ گهر جا سڀ ڀاتي سرها ڏسڻ ۾ آيا. ڇالاءِ جو جنهن ڳالهه جو سيني جي دل تي بار هوندو هو تنهن جو فيصلو هاڻي اچي ويجهو ٿيو هو.

ساڳيوئي حال هنن مغلن جي گهر جي ڀاتين جو هو. گذريءَ ملاقات کي ٽي يا چار ڏينهن مس گذريا هئا، ته علي رضا ماءُ کي چيو ته "امان، بهتر صلاح آهي ته سرائيءَ جي گهران سماءُ وٺجي ته ڪهڙو حال آهي، هيستائين مائي به پنهنجي دل ۾ ٺهراءُ ڪري رهي هوندي، بهتر آهي ته ترت جواب وٺجي، متان ڍر ڏني ڪم بگڙي وڃي!"

اها صلاح ماڻس به مناسب ڄاتي، تنهن ڪري مريم جي هٿان ڪي گل جا هار به سوکڙي ڪري ڏياري موڪليائين ۽ مائي شهربانوءَ ڏي چوائي موڪليائين ته "جنهن ڳالهه جو مون تاڪيد ڪيو هو تنهن جو پلائي ڪري اسان ڏي جواب جلد موڪلجئين. جو اسان جو سچو ئي خيال انهيءَ پاسي ٿي بيٺو آهي." ٻيو ته جيڪي مريم کي سمجهاڻو هون، سو سمجهائي هن کي روانو ڪيائون.

مريم وڃي وڃن گهرن ۾ آئي ويئي هئي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ فضيلت واري ۽ چالاڪ هئي، تنهن خلاصو وقت وٺي پنهنجو پيغام چڱيءَ طرح وڃي پهچايو. پاڻ منجهس جيڪا ضروري پيچ گهڙ ڪرڻي هيس سا به ڪيائين ۽ جيڪو مڙهو مصالحو وجهڻو هوس سو به وڌائين.

مائي شهربانوءَ ته اڳيئي تن من پيچي رکيو هو پٽ ۽ ڌيءَ جي به دل جي ڳالهه هٿ ڪئي هئائين. تنهن مختصر طرح جواب ڏنس ته "مائي جان بيبي کي منهنجي پاران دعائون ڏج، ۽ چئج ته تو واري ڳالهه اسان کي قبول آهي. پوءِ ڪهڙي به ڏکيائي اسان جي نظر آئي، پر جڏهن تو پاڻ انهيءَ ڪم لاءِ پنڌ ڪيو ۽ وري پنهنجو رستو به ڏارين وارو ناهي، ماڻٽن وارو آهي- تڏهن آءٌ اها ڳالهه ميان تي،

اڳتي جيڪي لکيي ۾ هوندو سو ٿيندو. اوهان جي ته الله جوڙي، اسان جي به ڪٽي جوڙيندو! هاڻي اوهين تياري ڪجو اسين به ڪنداسين. ڪو چڱو وار ڏسي في الحال مڱڻي جو بندوبست ڪجي، پوءِ شادي به ٿي پوندي "

اهو جواب وٺي مريم سگهوئي پنتي موٽي، اڳيان ته هنن سندس وات پٽي ڏٺي، ايندي سان مائيءَ کي ۽ علي رضا کي مبارڪ ڏنائين.

جان بيبيءَ ٻوڙ پائي مصريءَ جو هيڏو سارو ٽڪر ڪٽي وات ۾ وڌس، پوءِ ته سيئي پاڻ ۾ خوشيون ۽ چرچا ڪرڻ لڳا ۽ علي رضا ته پنهنجن ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيو.

-*-

باب ستون

# مبارڪ شادي

انهيءَ ڏينهن کان وٺي پيئي طرف تياري ڪرڻ لڳا ۽ ڪپڙو گندي ڳهه ڳٺو جوڙائڻ لڳ. پنهي گهرن ۾ اها پهرين شادي هئي ۽ پيئي سڪر ماڻهو هئا، تنهن ڪري پنهي جي خواهش هئي تہ آبروءَ جهڙو بندوبست ٿئي. هن کان پوءِ جڏهن ڪڏهن علي رضا ۽ حامد علي پاڻ ۾ گڏبا هئا تہ اڳي کان وڌيڪ پاڻ ۾ گستاخ رهندا هئا، جو پڪ هين تہ سگهوئي مائٽ ٿيندا سين ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ايندڙ شاديءَ جي نسبت ۾ گفتگو ڪندا هئا ۽ ان جي تياريءَ بابت پاڻ ۾ صلاح ڪندا هئا

هو پيئي نئين زماني جا ماڻهو هئا، نئون چلتو ڏٺو هئائون، ان بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هئائون ۽ چڱن چڱن ماڻهن کان ٻڌو هئائون، تنهن ڪري اهڙين ڳالهين بابت هنن پنهي جي هڪڙي راءِ هئي. ان موجب پاڻ ۾ پڪو ٺهراءُ ڪيائون تہ اها شادي جا ٿيندي سا هو نئينءَ ۽ سڌريل رٿ پٺيان ڪن ۽ اڳوڻا رستا ڇڏي ڏين. هنن کي سجهيو ٿي تہ اهڙن ڪمن ۾ زالن جي پيگهي مچندي آهي ۽ مڙسن جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ هلدي آهي، پر پنهي سان سندن مائرن جي محبت گهڻي هئي ۽ جهڙي هي هنن جي مرضي رکندا هئا، تهڙي هو هنن جي مرضي رکنديون هيون" تنهنڪري هنن ڄاتو تہ اسين ڪي لٺ سان، ڪي ڇٽ سان سيني ڪي آڻي پنهجي رستي تي پيهنداريندا سين. پوءِ تہ پنهي گڏجي ڪي مکيہ ڳالهيون مختصر طرح ڪٽي ڪاغذ تي اتڪايون، جن بابت شاديءَ جي ڪم ۾ هنن کي هلت ڪرڻي هئي:

1۔ پهرين ڳالهہ اها رٿيائون تہ مڱڻي کان شادي گهڻا ڏينهن پوءِ نہ ٿئي هفتي ڪن ۾ ٿئي، ڇالاءِ جو ڄاتائون تہ گهڻن ڏينهن وچ ۾ پوڻ ڪري هڪڙو تہ ڏيتي ليتي جو خرچ بہ ٿئي ٿو ۽ پيو تہ هڪبئي جي سنڀال رکڻ بہ ڏکي ٿي ٿئي.

2ـ مڱڻي ۾ رڳو ڪن ٿورن عزيزن کي سڏي، مناٿي ورهائي پڌري ڪرائجي ۽ ڪنوار کي ويڙهه يا منڊي نشانيءَ لاءِ وجهجي. ٻيو ڪي ڪين ڪجي.

3ـ شاديءَ جو ڏينهن ٻنهي طرف صلاح ڪري اهڙو مقرر ڪن، جو ٻنهي کي سولو هجي. ڏڻ وار وڻ يا ياڻ يا مُلي کان ڏينهن ڪڍائڻ يا ڏساسول جاچڻ، اهو سڀ بند رکجي.

4ـ ڏاج چئن جوڙن ڪپڙن ۽ ضروري زيورن کان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين ٺهرائجي. وڏيڪ جيڪي ڏيڻو هجي، سو شاديءَ کان پوءِ هڪيئي کي ڏيئي سگهجي ٿو.

5ـ ڏاج ڏيکارڻ جو ڪو به ضرور ڪونهي.

6ـ زيور وسعت آهر رڳا هيٺيان يا انهن مان ڪي هئڻ گهرجن. ڪنن جي لاءِ هڪ جُت پنڙا يا دُر هٿن جي لاءِ مُنڊي، ٻانهن لاءِ ڪنگڻ يا ڪنگڻيون ۽ ڳچيءَ لاءِ دُهري يا اهڙو ڪو ٻيو زيور. باقي نڪ ۾ ضرور ڪونهي. جي اصل ننڍي هوندي کان تنگ نڪتل هجي ته پوءِ لاچار هڪڙي ننڍڙي قلڙي وجهجي. انهيءَ ڪري هنن جاتو ته اجاين زيورن تي پئسا به خرچ نه ٿيندا. نڪ ۽ ڪن به گهٽ تنگن ڪيڻ ۽ گهٽي بار ڪٽڻ جي عذاب کان ڇٽي پوندا.

7ـ نڪاح سنجهي جو ڏهين ٻجي اندر پورو ٿيڻ کپي، جنهن کانپوءِ گهوٽ ڪنوار پنهنجي جاءِ تي هليا وڃن ۽ نڪاح مهل ڪي ٿورا ويجها عزيز يا گهرا دوست حاضر هجن. جي نڪاح کان پوءِ مناٿي يا ڪارڪون وٺي، پنهنجي پنهنجي گهر هليا وڃن، نه ائين، جو سڄي رات اتي ويٺا ڀنڪيون ڪائين ۽ شاديءَ وارن کي دل ۾ پٽين.

8ـ ڪنهن به قسم جا سڳڻ سات، سي اڪثر ٻاهر مڙسن ۽ يا اندر زالن ۾ ٿيندا آهن، سي بند رکجن. رڳو گهوٽ نڪاح کان پوءِ ڪنوار جي گهر اچي، ڪنوار سان هڪ ڪٽ تي ذري تائين گڏ ويهي ۽ عزيز انهن کي ڏسن ۽ مبارڪون ڏين، پوءِ رات جو گاڏيءَ يا ڏليءَ ۾ يا ڪجائي ۾ هليا وڃن.

9ـ شاديءَ جي ٻئي ڏينهن يا ان جي اڳئين ڏينهن، شاديءَ جي ماني ٿئي، گهوٽيتا ٻاهر جي ڪن ۽ ڪُنواريتا اندر جي. پورا پنا ماڻهو عزيز ۽ دوست سڏجن،

جنهن ڪري اجايو خرچ مانيءَ تي بہ نہ ٿئي. مانيءَ ڪاڌي کان پوءِ جي پهت جا پئسا وٺڻ ۾ ايندا آهن ۽ وقت بوقت جا گهور ڏيڻ ۾ ايندي آهي، سا اصل بند ڪجي.

10 ـ ٻاهر دهلن وڄائڻ يا ڏونڪن هڻڻ ۽ اندر ڍولڪ وڄائڻ جو دستور، جيڪو هلندڙ آهي سو بند ڪجي. ڇالاءِ جو شاديءَ جي گوڙ ۾ دهل مرڳو گڙٻڙ وجهو ڏين ـ تنهن ڪان سواءِ شرعي بہ منع آهي.

انهن مٿين ڳالهين جي ٺهرائڻ ۾ هنن ٻنهي جوانن پاڻ ۾ چڱا چڱا دليل هلايا ۽ حجتون آنديون، مگر انهن جو بيان ڪرڻ جو هتي ضرور ڪونہ ٿو ڏسجي.

انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هنن پڪي ڪمر ٻڌي، ٻنهي ڄڻن پنهنجي پنهنجي گهر ڳالهہ چوري، پهريائين تہ سندن مائون ۽ دايون، توڙي ٻيا جيڪي ماڻهو وٽن ايندا هئا ۽ ٻڌندا هئا سي کلندا هئا ۽ چوندا هئا تہ "ڇوڪرا انگريزي پڙهي ڪري پيا آهن، ٻاهر جا ڪم تہ بگيڙيا اٿن هاڻ وري اندرين زنانن ڪمن ۾ ٿا هٿ وجهن. نيون ٻوليون ٿا ٻولين. جيڪي سندن اَبي ـ ڏاڏي ڪيو تنهن تان ٿا عيب وٺن.

مطلب تہ هنن ۽ زالن جي وچ ۾ ڇتا پيتي هلي ۽ هنن بہ ديني توڙي عقلي حجتن ڏيڻ سان گهٽايو ڪين. ٿوري تائين سندن مائون خفي ٿيون ۽ ڪاوڙ ڪرڻ لڳيون، نيٺ هنن هٿين پيرين پئي، پنهنجي ڳالهہ تي آڻي بيهارين ۽ اهو عذر جوڙي وات ۾ ڏنائون تہ "جيڪو اوهان کي انهيءَ باب ۾ چوي ٽوڪ ڪري، تنهن کي اوهين چئو تہ اسين ڇا ڪريون ڇوڪرا نٿا مڃن. جي سندن مرضي نٿا رکون تہ اسان جي هٿن کان ٿا وڃن. الائجي پنهنجي منهن ڪا ٻي وڏيڪ خرابي نہ ڪن تنهنڪري لاچار آهيون."

انهيءَ تجويز سان هنن پنهنجو پنهنجو پڪو بندوبست بيهاري شاديءَ جو سعيو ڪيو. نيٺ ٻنهي طرفن صلاح ڪري پنهنجي سهنج موجب شاديءَ جي لاءِ هڪڙو ڏينهن مقرر ڪيو. انهيءَ ڏينهن جي گهوٽيتن توڙي ڪنواريتن ماڻهن کي دعوت ڏني. ماڻهو آيا، ماني کاڌائون، رات ٿي نڪاح پڙهيو. گهوٽ کي ڪنوار جي گهر آنداٺون، ٿوري وقت کان پوءِ گهوٽ، ڪنوار کي ساڻ وٺي وري پنهنجي گهر آيو. انهيءَ ڪم جي پورائيءَ ۾ جيڪي جيڪي ٺهراءَ ٻنهي طرفن ڪري ڇڏيا هئا، انهن تي زور ڪري عمل ڪيائون. اگرچہ گهڻن ماڻهن تہ منهن تي پئي

مٿن ٽٽوليون ڪيون پر تڏهن بہ هنن، انهن جي پرواهہ ڪانہ رکي. جيئن مناسب ڄاتائون تيئن پنهنجو ڪم پورو ڪيائون.

ياد رکڻ گهرجي تہ هن شاديءَ ۾ سرائي فتح خان يا سندس زال جا گهڻا مائٽ راضي نہ هئا. ٿوري گهڻي ڪونس تہ هنن سان ڪڇيءَ ڪان ڪنئي هئائون پر هاڻ تہ ويتر سندن وچ ۾ وڏو سنڌو پئجي ويو. جو هنن ڄاتو تہ هيءَ مائي پنهنجي پٽ جي ۽ ٻين ماڻهن جي ڳالهہ تي لڳي، مائٽڻ کي ڇڏي ڏارين سان گڏي آهي، انهيءَ ڪري هن شاديءَ ۾ نہ ويئا. هنن بہ مائٽڻ مان گهٽن ڏينهن کان آسرو لاهي ڇڏيو هو. هاڻ هنن مغلن کي پنهنجو مائٽ ٿي ڄاتائون. ٻيئي گهر سيڪنهن ڪم ۾ هڪٻئي جي ڏي تي رهندا هئا ۽ هڪٻئي جا صلاحڪار هوندا هئا.

گهوٽ ڪنوار جي گڏ رهڻ جو اسين ڪهڙو ذڪر لکون؟ هيتريءَ واقفيت، هيتريءَ سڪ ۽ هيتري محبت کان پوءِ جا سندن شادي ٿي هئي، تنهنڪري هڪٻئي سان حد کان وڌيڪ پيار ٿين. اڪثر جيڪي شاديون هتي ٿين ٿيون، تن ۾ گهوٽ ـ ڪنوار هڪٻئي جا ناواقف هوندا آهن، تنهن ڪري جيسين پرڻجي گڏ ٿين، تيسين پيا ڳڻتيون ڪائيندا آهن تہ الائجي ڪهڙيءَ طرح جو ماڻهو هوندو، الائجي ڪهڙي شڪل هونديس، الائجي ڪهڙي طبيعت هونديس. پرڻي کان پوءِ بہ ڪنوار تہ مهينو ڪن حيا کان ڪنڌ مٿي ٿي نہ ڪڻندي، ڏانهس منهن ٿي مٿي ڪري نہ نيهاريندي، اکر ٿي ڪونہ ڳالهائيندي، پر هتي اهڙو حال نہ هو. پهرئين ڏينهن کان وٺي هنن جي دل ٻجهي ويئي ۽ پاڻ ۾ اهڙا گهرا ٿي ويا جو ڄڻ اڳي جا واقف هئا.

شاديءَ جي ٽئين ڏينهن وري گهوٽ ـ ڪنوار گڏجي، ڪنوار جي پيڪي گهر آيا. هڪڙو ڏينهن رهي وري پنهنجي گهر آيا. پوءِ بہ هفتي ـ ٻئي، آچر جي ڏينهن ڪڏهن هي هنن وٽ ويندا هئا ۽ ڪڏهن هو هنن وٽ ايندا هئا.

زينت بانوءَ جي اچڻ ڪري مغلن جي گهر جي وري ٻي رونق ٿي. گهر جي ٻين ڀاتين سان هن جي اهڙي چڱي هلت هوندي هئي جو سيڪو مٿانئس ساهہ پيو صدقو ڪندو هو. سس ـ ننهن جون لڙايون اڪثر ٻڌبيون آهن، پر هتي تہ ٻنهي جي وچ ۾ روز بروز محبت وڌندي ويئي.

گهر جو سڄو حساب ڪتاب زينت بانوءَ جي هٿ ۾ رهندو هو جهڙيءَ طرح پيءُ جي گهر ۾ هوندو هو. هن پنهنجي مشغوليءَ جي لاءِ وقت ورهائي ڇڏيو هو ان موجب لکڻ پڙهڻ ۽ سبق پرڻ جو ڪم ڪندي هئي. مڙس جي ويهڻ جي جيڪا جاءِ هوندي هئي، تنهن کي هن اچي اڳي کان وڌ سينگاريو. علي رضا تونگر ماڻهو نہ هو جيئن تہ اسان مٿي ڏيکاريو آهي، نڪي وري تمام غريب هو پوري پنيءَ وسعت وارو هو. هن شاديءَ جي ڪري جيڪو پئسو اڳي ميڙيو هو تنهن کي گهٽي ڇڪ اچي ويئي هئي، تنهن ڪري زينت بانوءَ جو خاص ڪري انهيءَ پاسي ڌيان ٿيو. مڙس جيڪي مهيني ۾ ڪمائيندو هو تنهن مان ماهوار خرچ ڪڍي رکندي هئي، باقي بيو سڀ مڙس جي معرفت بئنڪ ۾ رکائي ڇڏيندي هئي. اگرچہ بئنڪ مان وياج وٺڻ جي نسبت دل تي ديني خطرو گذرين، تڏهن بہ هنن پاڻ ۾ پهي، ٺهراءُ ڪيو تہ پئسا تہ قابو رکيا هوندا باقي وياج ڪٽي نہ وٺنداسين يا وٺي پنهنجي ڪم نہ لڳائينداسين. ڪنهن اڙتي اٽڙتي ڪم ۾ آڻينداسين. يا تہ ڪنهن کي ڏيئي ڇڏينداسين.

انهيءَ طرح گهر جي ڪمن ۾ هنن ٻنهي گڏجي يڪدل ٿي اهڙو سڌارو ڪيو جنهن مان ڏسڻ واري کي جيڪر صاف معلوم ٿئي تہ في الحقيقت مڙس جو ڪم آهي پورهيو ڪري ڪٽي ڪمائي اچڻ ۽ زال جو ڪم آهي گهر جو سڀ ڪم ڪار سنڀالڻ، نہ رڳو ايترو پر پاڻ ٻاهر جي ڪمن ۾ مڙس جي مددگار ۽ صلاحڪار هئڻ.

زال – مڙس ٻنهي ديني ۽ علمي سڌاري ۾ بہ پريندي کان گهٽي ڪوشش ڪئي. هڪڙو وقت مقرر ڪري ڇڏيو هئائون، جنهن تي مڙس، زال کي انگريزي پڙهائيندو هو ۽ ٻيا جيڪي ڪتاب اڪثر اسڪولن ۾ پڙهائيندا آهن، جهڙوڪ تاريخ، جاگرافي، حساب وغيره. سي بہ هن کي پڙهائيندو هو. جيتوڻيڪ اهي زال کي گهٽي ڪم جا نہ هئا، پر تڏهن بہ واقفيت جي لاءِ هن ضروري ڄاتا. تنهن کان سواءِ وقت ٽارڻ جو بہ اهو چڱو اپاءُ هو ۽ زينت بانو بہ انهن جي سکڻ جي خواهشمند ٿي.

ڪنهن وقت وري ڪو ديني يا اخلاقي علم جو ڪتاب کڻي، گڏ ويهي مطالعو ڪندا هئا. انهيءَ بحث مان هيءُ بہ فائدو هو جو هڪٻئي سان بيحجاب

ڳالهائيندا هئا. هتي اڪثر رواج آهي تہ مڙس زال ماڻهن جي اڳيان گڏ نہ ويهن، نہ گفتگو ڪن. خاص جڏهن تازا پرڻيل هوندا آهن. تہ نہ زال مڙس جو نالو وٺي سڏي، نہ مڙس زال کي- رڳو رکا سوال جواب ڪن. سو بہ لڪندي ڇپندي هنن اهو رواج ڪڍيو جو مڙس زال کي نالو وٺي سڏيندو هو مگر زال ڪي حجاب کي ادب ڪان هن جو نالو وٺي نہ سڏيندي هئي، پر انهيءَ جي بدران هو هڪڙي کي سڏڻ ۾ پيار يا آبروءَ جهڙا لفظ ڪم آڻيندا هئا. جيئن تہ پيارا، يا جان، يا سائين، يا صاحب.

هڪڙي ڀيري، ڪنهن هندستاني ڪتاب پڙهندي، پردي جي نسبت ۾ هنن جو پاڻ ۾ بحث هليو جو مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

علي رضا. جو البت ٻاهر اٿليل پٿليل هو ۽ جنهن کي هاڻوڪي زماني جو گهڻو واءُ لڳل هو، تنهن چيو تہ "سنڌ ۾ پردي جي تمام جٽ آهي: جيڪي مسلماني ملڪ آهن، ايران يا ترڪستان ۾ ٻيا، اتي اهڙي جٽ ڪانهي. جهڙي هتي آهي، ڄڻ تہ مسلماني آهي ئي رڳو هتي."

زينت بانو- سو ڪيئن؟ هُتي بہ پرده داري هُليل آهي، هتي بہ آهي، ۽ ديني حڪم بہ اهڙوئي آهي.

علي رضا - پياري، ائين ناهي. هُتي سڪرن سڪرن جون زالون برقعا منهن تي وجهيو ٻاهر پنڌ يا گاڏين ۾ ڪم ڪار يا تماشہ ڏسڻ لاءِ نڪري سگهن ٿيون: هتي تہ عمر ساري در کان ٻاهر پير نہ ڪين، بند ئي بند ۾ پيون آهن. جيئن وڏيڪ سڪر، تيئن وڏيڪ بند. جي اندر تہ ڪوٽ، جي ٻاهر تہ پوش.

زينت بانو- پوءِ سائين، انهيءَ ۾ ڪهڙي حرڪت؟ زال جي لاءِ تہ پردو آهي، شال ڪابہ زال بي پردي نہ ٿئي بي پردي ۽ اُگهاڙيءَ ۾ ڪهڙو فرق؟ باقي ٿيو برقعو يا پوش يا ڪوٽ، سو تہ آهي جتي ڪٿي جي رسم. جهڙي طرح مسلمان سڀيئي مسلمان، پوءِ هڪڙي هنڌ هڪڙي پوشاڪ ٿا ڍڪين، ٻئي هنڌ ٻي پوشاڪ. چوڻي بہ آهي تہ "جهڙو ديس تهڙو ويس".

علي رضا- اهو سچ آهي، پر جنهن پردي جي اها تعريف آهي، اُهو اِهو بند ناهي. تڏهن سمجهڻ گهرجي تہ پردي ۽ قيد ۾ فرق ڪونهي، حرمخاني ۽ بديخاني ۾ تفاوت ڪونهي؟

زينت بانو۔ سائين، توهين زور آور آهيو. رڳو ٻاهرينءَ ديوار يا ڪوٽ هٽڻ ڪري ۽ ٻاهر نڪرڻ جي منع هٽڻ ڪري هڪجهڙا ٿيو ته ٻلي ٿئو نه ته مطلب مدعا هِن جو ٻيو هُن جو ٻيو. هڪڙي ۾ رهڻ فخر آهي، ٻئي ۾ رهڻ خواري آهي.

علي رضا۔ زينت جان، زورآور ته تون آهين، تون ٻانئين ٿي ته انهيءَ پردي واري بند ۾ رهڻ ڪري زالن جي حالت ڪا بهتر ٿي ٿئي؟

زينت۔ آءٌ ٻانيان ٿي ته ٿئي ٿي. جي بهتر نه ٿي ٿئي، ته بدتر ته مور نٿي ٿئي.

علي رضا۔ سو ڪيئن؟

زينت۔ هيئن، جو دنيا ۾ اهڙيون حرص وڌائڻ ۽ گمراهه ڪرڻ جون شيون پکڙيون پيون آهن، جو جڏهن مڙس به انهن تي نڳجي وڃن ٿا ۽ خطا کايو وڃن، تڏهن زالون ڇا آهن؟ انهن کان گوشي تي رهڻ ۽ انهن جي وڪڙ ۾ نه اچڻ به وڏي شيءِ آهي. جي بديءَ سان وڙهي، اُن تي غالب پوڻ وڏي نيڪي آهي، ته "جت پچڻ ناهي وس، اُت پڄڻ ڪم وريام جو." سو حقيقت ڪري زالون ڄاڻي واڻي پردي ۾ رهڻ ڪري وريامن جو ڪم ٿيون ڪن. اها به سندن هڪڙي بهادري آهي، اها به سندن هڪڙي تعريف آهي.

علي رضا۔ اهو سچ آهي، پر آءٌ ٻانيان ٿو ته ٻاهر نه نڪرڻ ڪري دنيائي شين نه ڏسڻ ڪري اندر وارن جو حرص گهٽجي نٿو پاڻ وڌي ٿو. جا چڱي شيءِ ڏٺل ناهي، پر ٻڌجي پيئي ته تمام ويجهي به آهي يا پت جي ٻاهران آهي يا ان جي ڏسڻ جي به جاءِ آهي، ته انساني طبيعت جو اهو ميل آهي ته انهيءَ کي ڏسڻ جي ماٺهو ضرور خواهش رکندو. جي خواهش رکندو ته هڪڙي وقت ڪوشش به ڪندو ۽ جا شيءِ پريندي نئين ڏسڻ ۾ ايندي، تنهن تي پهرين هڪڙو- به پيرا چتائي ڏسڻ يا خيال سان نهارڻ ضرور ٿئي ٿو پوءِ انهيءَ ڏي بلڪل خيال به ڪونه ٿو ٿئي. تنهن ڪري جنهن ڏپ کان زالن کي مڙس ٻاهر نه ٿا ڪڍن، سو ڏپ رڳو خيالي آهي، حقيقت ڪري آهي ئي ڪونه.

زينت۔ پر سائين! اهڙين شين جي ڏسڻ جو ڪهڙو ضرور؟

علي رضا- پياري ائين نہ چئو دنيا هڪڙو عجيب ڪارخانو ۽ عجائبخانو آهي. انهيءَ ۾ خدا تعاليٰ ڪروڙين شيون پيدا ڪيون آهن، جي سندس قدرت جون نشانيون آهن. اهي سڀ رڳو ڏسڻ جي لاءِ نہ آهن، پر انهن جي ڏٺي سندس قدرت جي زياده خبر پوي ٿي ۽ منجهس ديني اعتقاد زياده پڪو ٿو ٿئي. تنهن کان سواءِ انهن جي ڏٺي آزمودو وڌي ٿو علم ۽ عقل زياده ٿئي ٿو خبر وڌيڪ پوي ٿي. جنهن اهي عجائب غرائب ڏٺا آهن ۽ جنهن نہ ڏٺا آهن، تن جيٌ وچ ۾ اهڙو فرق آهي، جهڙو سڄي ۽ انڌي جي وچ ۾. هاڻ تون قبول ڪنديءَ تہ زال مڙس کان سياءَ ڪري ضعيف ۽ گهٽ عقل واري آهي. ديني ڪتاب بہ اها شاهدي ڏين ٿا، تڏهن اهڙي آزمودي جو ضرور، زال کي وڌيڪ آهي يا مڙس کي؟ جي شيطاني ڪمن کان پاسي ٿيڻ يا انهن کي ڏکي پاسي ڪرڻ لاءِ علم ۽ عقل جو ضرور آهي، تہ يقيناً مڙس کان زالن کي علم ۽ عقل جي وڌيڪ گهرج آهي. جيڪڏهن شيطان پت جي ٻاهران خرابيون ڪرائي ٿو تہ پت جي اندر لنگهڻ ۾ بہ هن کي حرڪت ڪانهي. هو تہ زالن جو ڪوڏيو آهي، جي آسانيءَ سان سندس چئي ۾ اچي سگهن ٿيون. بيبي حوا جو حال توکي ياد هوندو. ۽ جيڪڏهن شيطان کي ٿارڻ ۽ انهيءَ کي نتائڻ ۾ علم ۽ عقل جي گهرج آهي، تہ مڙسن کان زالن کي انهن جو وڌيڪ واهپو رکڻ گهرجي. هاڻي جي علم ۽ عقل جو ضرور آهي، تہ جي ڳالهيون علم ۽ عقل کي وڌائين ٿيون، تن جو تہ بيشڪ ضرور هئڻ گهرجي.

زينت- اها اوهان جي حجت بيشڪ قوي آهي، مگر ديني توڙي عقلي ڪتابن مان معلوم آهي، تہ هڪڙيون ڳالهيون ۽ هڪڙا ڪم خاص مردن لاءِ آهن ۽ ٻيا وري خاص زالن جي لاءِ آهن. خدا تعاليٰ سڀ ڪنهن تي پنهجي وسعت آهر ڪم رکي ٿو. ٻاهر گهمڻ ڦرڻ، جنگيون ڪرڻ، دشمنن کي سامهون ٿيڻ، ڪتڻ ڪمائڻ، مڙسن جي ٻلي ڪيو ويو آهي، ۽ گهر سنڀالڻ، جڏهن مڙس ٻاهران هلاڪيون ڪيو اچن، تڏهن انهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ، ٻار ڄڻڻ، انهن جي سنڀال ۽ پرورش ڪرڻ- اهي ڪم وري زالن تي رکيا ويا آهن.

علي رضا- سچ آهي، مگر جن ڳالهين ۽ شين جو آءٌ ذڪر ٿو ڪريان، تن جو عقل ۽ نيڪيءَ سان واسطو آهي. اُهي جهڙو مڙسن کي ضروري آهن، تهڙو زالن کي. انگريز ماڻهن جو حال ڏس تہ جهڙا ٻاڻ هوشيار، تهڙيون سندن زالون. اهو

سڀ ڇا کان آهي؟ رڳو ٻاهر آمدرفت ڪرڻ ۽ جيڪي ڪم اندر تي نٿا سگهن، تن جي جاچڻ کان. هنن مان هڪڙي مئدبر ڇاليهن مڙسن جي وچ ۾ ويٺي هوندي، ته بہ پرواھ ڪانہ هونديس. هنن سان گفتگو ڪرڻ توڙي حجت هلائڻ ۾ اهڙي چالاڪي ڏيکاريندي، جهڙو ڪو هوشياري مڙس ڏيکاري. هتي جي پردي وارين زالن ڪڏهن ڌارئين ماڻهوءَ جو منهن نہ ڏٺو آهي، سو جيڪڏهن ڪنهن اتفاق سان غير ماڻهوءَ وٽ آيون، تہ پوءِ اکر ئي واتان نہ نڪرندن. پنهنجي ئي پگهر ۾ پيون ٻڏنديون، ۽ جي ٻاهر ماڻهن ۾ هلڻ لاچار ٿين، تہ هلندي ٿنگون پيون وچڙنديون، جنهن ڪري سڀ پيا مٿن کلندا. انسان تي سرديون گرميون رکيون آهن، خدانخواستہ اهڙيءَ زال تي ڪڏهن ڪو اهڙو حادثو اچي پوي، تہ جيڪر مشڪلات ۾ مري وڃي، يا تہ رلي خراب ٿئي. جيڪا اصلي ٻاهر جي آمدوگار هوندي، سا اهڙن مشڪل وقتن ۾ بہ پنهجي جاءِ ڪري وجهندي، ۽ وڏي همت ڏيکاري سگهندي

زينت۔ تڏهن زالن جي ٻاهر نڪرڻ ڪري سندن گمراھ ٿيڻ جو ڊپ ڪونهي؟

علي رضا۔ ڪهڙو ڊپ آهي. جن قومن جون زالون ائين ٻاهر نڪرن ٿيون، سي خراب ڪين ٿيون آهن. چڱو مثال پارسين جو آهي، جي هندستان جا ڏيهي ماڻهو آهن: سچ آهي تہ ڪي خراب مثال اهڙين قومن مان بہ ملي سگهندا. پر اوترا مثال، بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ خراب مثال، پردي وارن ۽ حرمخانن وارن ماڻهن جا بہ ملي سگهندا. تورن جي ڪري گهٽا ڪين مسندا.

زينت۔ اهو تہ سائين ٺهيو پر پردي جي نسبت ۾ جو ديني حڪم آهي، تنهن تي بہ تہ ڪو ڌيان ڏيڻ ضروري آهي؟

علي رضا۔ هائو بيشڪ ضروري آهي: پر جيتريقدر مون انهيءَ نسبت ۾ ديني ڪتاب ڏٺا آهن، تن مان پردي جي معنيٰ بند قيد نٿو نڪري، جيئن هتي آهي. منهنجي نظر ۾ زال جي لاءِ وڏو پردو آهي مڙس، انهيءَ جو تہ قرآن ۾ بہ اشارو آهي. جا زال پنهنجي مڙس يا وارث کان پري هوندي، يا انهيءَ جي مرضيءَ ڌاران ڪيڏي ايندي ويندي، يا ڪي اجايا پير ڪڍندي، انهيءَ ڇئبو تہ پردو ڇڏيو پوءِ پلي ڪوٺن ۾ ويٺي هجي، پر جنهن زال کي مڙس يا وارث ساڻ هوندو ۽ انهيءَ جي

حفاظت هيٺ ڪيڏي ايندي ويندي، اها ڄڻ تہ پردي سان آهي، پوءِ ڀلي عام ماڻهن جي وچ ۾ هجي.

زينت۔ تڏهن ائين، اوهان جو مطب آهي تہ مئلبمن وانگي زالون ڀلي ٻاهر وتن گهمنديون ڦرنديون، ۽ ڌارين ماڻهن سان تماشا ۽ ناچ ڪنديون؟

علي رضا۔ منهنجو اهڙو مطلب ناهي. غير قومن جون مناسب ڳالهيون هٿ ڪجن، پر انهن جي نامناسب ڳالهين تي هلڻ ضروري ڪونهي. پردي جي نسبت ۾ منهنجو مختصر مطلب هيءُ آهي، تہ زالن کي اصل ديوارن جي اندر بند رکڻ ۽ بلڪل نڪرڻ کان روڪڻ اجايو آهي. جڏهن نڪرن، تڏهن مناسب پردو هجين، يعني جيڪي ديني حق جسم ڍڪڻ ۽ لباس ڍڪڻ جا آهن، سي پورا ڪجن، ۽ پنهنجي وارث کان سواءِ يا انهيءَ جي مرضيءَ ڌاران ٻئي ڪنهن هنڌ نہ وڃن. جڏهن ڪڏهن ڪن عجيب غريب شين ڏسڻ جو وجهہ سٽائو هجي، جن مان ڪنهن قسم جي فائدي جو امڪان هجي، يا جڏهن ڪڏهن ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ڪنهن هنڌ وڃڻو هجي، تڏهن مناسب ۽ شائستي رستي سان انهن جي ڏسڻ ۾ يا اتي وڃڻ ۾ ڪابہ حرڪت نہ هئڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ڪري ديني حڪم بہ بجا آڻي سگهجن ٿا، ۽ جهان جي تورڙي خدا تعاليٰ جي قدرت جي بہ زياده خبر پوي ٿي. انهيءَ ڪري سمجهہ وڌي ٿي، سک وڌي ٿو انساني حالت ۾ سڌارو ٿئي ٿو ۽ اوير سوير جي اتفاقن مهل مشڪلات ۾ ڦاسڻ کان بہ ڇٽجي ٿو.

—*—

باب اٺون

# جدائي

انهيءَ شاديءَ کي پنج- ڇهه مهينا مس گذريا، تہ جن صاحبلوڪن کي علي رضا پڙهائيندو هو تن مان هڪڙي جي بدلي بمبئيءَ ٿي. تنهن هن کي چيو تہ جيڪڏهن تون مون سان هلندين، تہ توکي اسي رپيا درماهو ڏيندس. هو جنگي کاتي جو وڏو عهديدار هو ۽ علي رضا تي گهڻو مهربان هوندو هو. هن جي بہ ساڻس پريت ٻجهي ويئي هئي، تنهن اها ڳالهہ قبول ڪئي. پانيائين تہ اسي رپيا اهي ٿيا، اهڙيون ٻہ- چار آساميون ٻيون پڙهايم تہ سيڪي تي پوندو. وري ٻي طمع هيس جو هن صاحبلوڪ دلاسو ڏنس تہ ڪنهن هنڌ ڪا آبروءَ جهڙي جاءِ خالي ٿي، تہ تنهنجو بندوبست ڪندس. تنهن ڪري هو پاڻ انهيءَ ڳالهہ ۾ خوش هو.

اها ڳالهہ علي رضا پنهنجي گهر اچي ڪئي. سيني گهر جي ڀاتين کي هڪڙي پاسي خوشي ٿي، جو فائدي جي اُميد هئي، ٻئي پاسي ارمان ٿيو جو جتي عمر ساري گذاري هئائون، اُتان نڪرڻ بہ اهنجو پئي لڳن. پر هنن جي عزازت رکو هڪ گهر سان هئي، تنهن ڪري هن ملڪ ڇڏڻ ڪري گهڻو فڪر نہ ٿي ڪيائون.

آخر ٻنهي گهرن پاڻ ۾ ٻهي اهو ٺهراءُ ڪيو تہ في الحال علي رضا بمبئي وڃي. اُتي وڃي پهريائين رهڻ جي جاءِ جو بہ بندوبست ڪري، ۽ ڏسي تہ جي اتي رهڻ ڪري فائدو هجيس ۽ ٻي حرڪت نہ هجي، تہ مهيني- ٻن کان پوءِ موڪلائي، اچي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي وڃي. تيتري ۾ علي رضا جو مامو دلاور خان، جوا ڪٿر وٽن ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻہ- ٽي ڏينهن وٽن رهي بہ پوندو هو. تنهن سندس گهر ۾ ٽڪڻ جو ذمو ڪنيو.

هفتي کن جي اندر علي رضا تپڙ ٻڌي تيار ٿيو. هلڻ جي ڏينهن صبح جو وڃي پنهنجي سس کان موڪلائي آيو ۽ ساڻس گڏ حامد علي اُماڻڻ جي لاءِ آيو. وچن وچن جي مهل، هو هلڻ لاءِ تيار ٿيو. پهرين ماءُ کي پيرين پئي موڪليائين، ۽

پنهنجي زال جي پارت ڪيائينس. وري مريم کي ياڪر پائي موڪلايائين. پوءِ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو جتي چئن- پنجن منٽن تائين زال مڙس ويهي محبت جون ڳالهيون ڪيون.

زينت بانو چوڻ لڳيس تہ ”پيارا، پوءِ نيٺ اوهين اُسهو ٿا؟“

علي رضا ورندي ڏني تہ ”بس پياري، قسمت ائين آهي، خدا ڪندو تہ وري خير سان سگهو ئي ملنداسين. زينت! تون اجا گهڻن سان گڏ ويٺي آهين، پر حال منهنجا، جو پرڏيهہ ۾ وڃي هيڪلو رهندس. جيسين توکي وري اچي پاڻ سان وٺي ويندس، تيسين الاجي منهنجو وقت ڪيئن گذرندو!“

زينت کي اتي اکين مان پاڻي اچڻ لڳو سو اُگهي مڙس کي چوڻ لڳي تہ ”تڏهن جان، خط لکڻ جو تاڪيد رکجو متان اسان کي انتظار ٿئي.“

علي رضا چيو تہ ”وڃڻ سان خبر چار لکندس، پوءِ تون بہ برابر لکندي رهج. پر پياري، جيتر وري ملون، تيتر پنهنجي پڙهڻ لکڻ ۾ مشغول رهج، اما کي خوش رکيو اچج. وڏو مائٽ آهي، ڪڏهن ڪڏهن اما سان گڏجي، مامو يا حامد ساڻ ڪري، پنهنجي پيءُ جي گهر وڃڻ تہ حرڪت ڪانهي.“

انهيءَ طرح جيڪا ضروري فهمائش ڏيڻي هيس، سا ڏئي علي رضا اُٿيو ۽ زال کي پيار ڏيئي موڪلائي نڪري ٻاهر آيو. حامد علي بہ ساڻس گڏ گاڏيءَ تي چڙهي گدوبندر تائين ويو.[1] پوءِ موٽي آيو. جو اڪثر رات جو گهر کان ٻاهر نہ رهندو هو. پٺ تي، اها رات علي رضا جي زال يا پيا گهر جا ڀاتي البت ملول هئا، جو هو پهريون ڀيرو ايڏي سفر تي نڪتو هو پر پوءِ ٺهي ويا.

علي رضا ڪراچيءَ ۾ پنهنجي صاحب کي اچي گڏيو. ساڻس گڏ اچي آگبوٽ ۾ چڙهيو ۽ اچي نيٺ بمبئيءَ ڪان نڪتو. اُتي پهريائين تہ جنهن بنگلي ۾ صاحب پاڻ رهندو هو تنهن جي احاطي ۾ هڪڙي خلاصي جاءِ سندس حوالي هئي. هفتي کن جي اندر هن قول گليءَ ۾ بي هڪڙي خلاصي جاءِ ياڙي تي ورتي، ۽ اُتي رهڻ لڳو.

---

(1) تڏهن درياهہ تي پل ڪانہ هئي، آگبوٽ تي درياهہ لنگهبو هو.

صاحب جي معرفت ہين ٻن۔ تن صاحبلوڪن سان بہ معرفت ٿيس. جتان ساڳيءَ طرح هن کي پيدائش ٿيڻ لڳي. وري سنڌ جهڙي ملڪ مان نڪري، بمبئيءَ جهڙي شهر ۾ آيو هو تنهن ڪري هن کي اُتي رهڻ هر طرح پسند آيو ۽ دل ۾ پڪو نهراءُ ڪيائين تہ اِتي انهيءَ هنڌ پنهنجي قسمت آزمايان.

بمبئيءَ ۾ پهچڻ شرط هن هڪڙو خط حامد عليءَ جي معرفت گهر موڪليو جو سندس زال زينت بانوءَ کي مليو جنهن کي اوڏانهن اکيون هيون. انهيءَ ۾ خير سلامتيءَ سان پهچڻ جي خبر لکي هئائين، ۽ ٻيو منجهس درياهہ جي مسافريءَ جو احوال ۽ بمبئي شهر جي تعريف هئي. ٻئي ٽئي خط ۾ هنن کي خبر ڏنائين تہ ”آءٌ قول گليءَ ۾ رهندو آهيان، اُتي منهنجي نالي خط لکندا رهجو.“

انهيءَ طرح هفتي ٻهفتي هڪٻئي ڏي خط لکندا رهيا. زينت بانوءَ هتي جو سڄو حال لکيس، ۽ هن وري پنهنجو احوال ٿي ڏنس، ۽ اڪثر ٻنهي هڪٻئي کان جدا رهڻ جي شڪايت پئي لکي. ۽ خدا کي سوال پئي ڪيائون تہ ڪا جلد اسان جي قسمت گڏ ٿئي.

ڏيڍ مهيني کن کانپوءِ آخر هيٺيون خط زينت بانوءَ جي نالي آيو.

خط۔ ”عزيز مهربان من، زينت جسم و جان من، سلامت بعد از سلام شوق انجام و آرزوي ديدار محبت آثار۔ اُنڪه اوهان جي خط جو جواب هن کان اڳي لکيو اٿم. منهنجي مرضي هئي تہ پنهنجي صاحب کان موڪلائي، اچي اوهان کي وٺي وڃان، مگر صاحب جو امتحان تمام نزديڪ آهي، تنهن ڪري مون کي ڇڏي نٿو سگهي. نڪي وري مون کي اوهان کان پري گذارڻ سهنجو ٿو لڳي، اگرچہ ٻيو هر طرح جو سک اٿم.

هاڻ مون ٻئي هنڌ هڪڙو موچارو وڏو گهر پاڙي تي هٿ ڪيو آهي. اوهان کي گهرجي تہ ايندڙ سومر واري آگبوٽ ۾ چڙهي روانا ٿيو. مامي ڏي بہ خط لکيو اٿم، سو اوهان سان گڏيو ايندو. بہ ڏينهن اتان اڳيرو نڪرندؤ تہ مهيني تي پهچي سگهندو. سمنڊ بہ ماٺو آهي، خدا ڪندو تہ خير سان تڪليف کان سواءِ هليا ايندؤ. آگبوٽ پهچڻ ڏينهن آءٌ پاڻهي آگبوٽ تي ايندس. مگر تاڪيد ڄاڻي، انهيءَ ڏينهن روانا ٿجو. زياده سلام، سيني گهر جي ڀاتين کي سلام پهچن.

قلم تازو۔ خميس واري آگبوٽ ۾ ضرور هن خط جو جواب لکجو ته سومر واري آگبوٽ ۾ روانا ٿينداسين. ته مون کي تسلي ٿئي.

"علي رضا"

انهيءَ خط پڙهڻ ڪري زينت بانوءَ کي مڙس جي نه اچڻ کان ارمان ٿيو مگر هن سان جلدي وري ملڻ جي ڪري خوشي ٿي. گهر جي ڀاتين کي خط جي مضمون مان واقف ڪيائين. ماءُ ۽ پيءُ کي ٻڌايائين. آخر سنبت ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ کي سندن وڃڻ ۾ ناراض به هئا. پر زال کي مڙس ڏي وڃڻ ته ضرور هو. ان موجب وڃڻ جو پڪو ٺهراءُ ڪري. خميس واري آگبوٽ ۾. زينت بانوءَ مڙس جي خط جو جواب هيٺئين لکيو:

خط۔ "شوهر مهربان. عزيز از جان سلامت. بعد تسليمات نياز آيات و اشتياق ملاقات محبت آثار عرض۔ اوهان جو خط پهتو. جلد ملڻ جي خوشيءَ کان مٺيءَ دل ۾ ساهه پيو اگرچه اوهان جي پاڻ نه اچڻ کان گهڻو ئي ارمان ٿيو. هيڏي وڏي سفر ۾ جڏهن اڳي ڪڏهن گهر کان مون ٻاهر پير به نه رکيو هو تڏهن اوهان جو مون سان گڏ هلڻ ضرور هو. پر خير. جيئن قسمت ۾ هوندو ائين ٿيندو. جنهن ڳالهه ۾ اوهين خوش. انهيءَ ۾ آءٌ به خوش. اوهان جي حڪم موجب اسين سومر واري آگبوٽ ۾ روانا ٿينداسين. مامي جن به هلڻ جو انجام ڪيو آهي. اميد ته وقت تي اسان کي ملندو. زياده نياز. گهر جي سڀني ڀاتين جا سلام پهچن۔

"زينت"

خميس واري آگبوٽ ۾ خط روانو ڪري، هنن ٺهراءُ ڪيو ته ڇنڇر جي ڏينهن حيدرآباد کان نڪرجي، آچر جي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهجي، ۽ سومر جي ڏينهن صبح جو روانو ٿجي. ڪراچيءَ ۾ علي رضا جو ڪو واقف هو انهيءَ ڏي به اڳواٽ انهيءَ بابت خط لکيائون.

نيٺ ڇنڇر جو ڏينهن آيو ۽ علي رضا جي گهر جا ڀاتي، يعني سندس ماءُ ۽ زال ۽ دائي اٺي سنبريا. انهيءَ ڏينهن حامد علي ۽ مائي شهربانو ۽ بختاور وٽن اچي رهيا هئا. انهن کان موڪلائڻ جي گهڙي به آئي. ڏاڍا روئڻ ڪيائون ۔ نيٺ به ته ويجها عزيز هئا. حامد علي به ساڻن ڪراچيءَ تائين وڃڻ جو ارادو ڪيو.

نيٺ موڪلائي توڪلائي، گاڏيءَ تي چڙهي نڪتا. رات جو ڪراچيءَ پهتا. آچر جو ڏينهن اتي گذاري، سومر جي ڏينهن سوير اچي آگبوٽ تي چڙهيا، ۽ حامد علي وري موٽي ڳوٺ ويو. هنن عمر ۾ اهو پهريون سفر ڪيو هو. تنهن ڪري ڏاڍا ابالڪا ٿيا. پر لاچار دل ڏاڍي ڪري، خدا تي رکي ويهي رهيا. آگبوٽ هليو. هنن کي هڪڙي ڪنڊ ڪان جاءِ ملي، سو اتيئي پئجي رهيا.. جيڪو گوڙ ماڻهن جي جاين وٺڻ تي ٿيندو آهي، سو جيڪو آگبوٽ تي چڙهيو هوندو تنهن کي خبر هوندي هي ويچارا ابوجهه ماڻهو هئا. سي ڏاڪڻ تان لهندي ئي پاسو وٺي ويهي رهيا. آگبوٽ هلڻ ڪانپوءِ تہ سيڪنهن جو متو ڦرڻ لڳو ۽ قيون اچڻ لڳيون. هي ويچارا انهيءَ هنڌ تختي تي فراشي وڇائي ليٽي پيا.

پهريون ڏينهن تہ ڏاڍو عذابن ۾ گذاريائون، نڪو ڪاڌو نڪو پيتو. رات جو بہ ڪاڌو نہ ڪاڌي جهڙو ننڊ ڪٽي وين. صبح جو اٿيا، تڏهن البت ساهہ پيٽ ۾ پين، لوڏو مغز ۾ ويهي وين، اٿي ويهڻ لڳا. وري سگهوئي ٽيڙ ٽاڙي ڪٽاياٽون، جو خلاصي آگبوٽ کي ڌوئڻ ۽ صاف ڪرڻ لڳا. جڏهن صفائي ٿي رهي ۽ هنن وري پنهنجو هنڌ وڇايو تڏهن البت لذت سان ٽڪر ٽيرو ڪاڌائون. انهيءَ هوندي بہ اجا موڳا ٿيا ويٺا هئا.

منجهن وري بہ زينت بانو سجاڳ ۽ چالاڪ هئي. سيني جي خدمت پئي ڪيائين. سندس مامو تہ زالن کان بہ پري هو. موالين وانگي گوماٽيو پيو هو. زينت بانو ۽ سسٽس تہ برقعو پهرئين ڏينهن لاهي ڇڏيو هو. اهڙي هنڌ پلا پردو ڪيترو هلي سگهندو؟ وري اتي پيو سڃاڻڻ وارو بہ ڪونہ هو. ڪيترائي پيا مڙس زالون اوري– پري ويٺا هئا. هي بہ پنهنجو منهن کوليو ويٺيون هيون، ويٺي هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪيائون.

زينت بانوءَ کي اتي مڙس جي ڳالهہ ياد آئي، جنهن چيو هوس تہ پردو هن دنيا ۾ گهٽڻ جاين تي ڪمر نہ ايندو آهي، اٿلندو تڪليف ڏيندو آهي. ماڻهن جي وچ ۾ کلئي منهن رهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪري پاڻ هن کي همت آئي، ۽ هيترن جي وچ ۾ پنهنجي سنگت جي چڱيءَ طرح اتي ويٺي ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ سندن مٿان جا ڏاڪڻ جي جاءِ هئي، اتي وڃي ٿڌيءَ هوا ۾ ويهندي هئي

۾ آسمان پاڻيءَ جو رنگ ڏسندي هئي، مٿان بيٺي هنن سان ڳالهيون به ڪندي هئي.

هي پاسي وارين ٻن- ٽن زالن سان به واقف ٿيون، سو ڪڏهن ڪڏهن وري انهن سان ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪنديون هيون. پهرئين ڏينهن ته جان بيبي پنهنجي پٽ تي ڪاوڙي هئي، چوڻ لڳي ته "پلو ٽئيس، ناحق رلائي، اسان جي پاڙ ڪيدي اٿس. ڪهڙي نه آرام سان مڙس جي ڪکن ۾ ويٺي هيس 'نبمر نان، صحت جان' آٽي اسان کي هتي رلايو اٿس." پر پوءِ وري ننهڻس دلاسا ڏيئي بس ڪرايس. انهيءَ طرح خير سان اهو ڏينهن گذريو ۽ رات تي چنڊ به چڙهي سنئون ٿيو سمنڊ به مانو هو ڏاڍو لذت جهڙو وقت هو. ڳچ رات تائين پاڻ ۾ ڪلي ڳالهيون ڪري سڀ سمهي رهيا.

رات جو ٻين- ٽين بجي ڏاري زينت بانوءَ کي سجاڳي ٿي، ڏاڍي اُڃ لڳيس. هيڏي هوڏي ڏٺائين، سڀ سمهيا پيا هئا، ڪنهن کي جاڳائڻ تي به دل نه چيس. پاڻي پيئڻ جي لاءِ اٿي. پاڻيءَ جي هڪڙي وڏي گگهري ساڻ هين، سا سانجهن جو ڏاڪڻ جي پاسي کان رسي سان ٻڌل، هوا ۾ ٺرڻ لاءِ رکي ڇڏي هئائون. تنهن مان پاڻي پيڻ لاءِ وٺو ڪٽي ڏاڪڻ تي آئي.

پيو ڪو ڊپ ڪونه هوس، ماڻهن کان پري ڪين هئي. پاسي واري تختي کي ٽيڪ ڏيئي، گهگهريءَ مان پاڻي تي ڪيپائين ته اوچتو اهو تختو جو لوهه جي ڪڙي سان آگبوٽ جي پاسي واري ڪنهڙي سان ڳنڍيل هو ۽ انهيءَ مهل شايد لوڏي جي ڪري نڪري پيو هو ۽ رڳو اشاري وهيٺو هو سو ليٽي پيو ۽ زينت بانو وٺي سوڏي تختي سان گڏ ڏو وچي سمنڊ ۾ پيئي. هن کي اجا پاڻيءَ اندران ڪي ٻاهر مس ڪييو ته آگبوٽ پري وڃي نڪتو ۽ جهڙي جلديءَ سان هليو پئي آيو اهڙي جلديءَ سان اڳتي هليو ويو.

اگرچه ماڻهوءَ جي يا تختي جي ڪرڻ ڪري آواز به ٿيو پر آگبوٽ جو ڏمچر اڳيئي گهڻو متل هو پيو لهرن جو سٽڪو هو تنهن ۾ اهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ڪين آيو. وري مهل به ننڊ جي هئي. انهيءَ حادثي جي، رات سڄيءَ ۾ ڪنهن کي به خبر ڪانه پيئي. هيڏي هوڏي نهاريائين، ته به نظر نه آيس. پاءُ کي اٿاريائين، مريم کي

سڏ ڪيائين. سيئي سسا مسا ٿي ويا. هيڏي هوڏي ڳولڻ لڳس، پر هن جو پتو ئي ڪونہ پيو.

ڪپتان کي رپورٽ ڪيائون. جنهن چڱيءَ طرح جاچ ڪرائي: آخر ڏاڪي جي پاسي وارو تختو بہ ڪونہ ڏنائون، ۽ هنن جو وٺو بہ ڪونہ لڌو. تنهن مان صاف معلوم ٿيو تہ گگهريءَ مان پاڻي پيئڻ ويئي آهي، تختي کي ٽيڪ ڏيندي ڪري پيئي آهي. پر رات جو الائجي ڪيڏيءَ مهل ڪري، تنهنڪري سمنڊ ۾ ڳولا ڪرڻ هنن اجائي ڄاتي. اگرچہ پريندي رپورٽ ٽيڻ مهل ڪپتان آگبوٽ ڪڙو بہ ڪرائي ڇڏيو هو پر جڏهن لبڻ جو امڪان نہ ڄاتائين، تڏهن وري انهيءَ کي هلائڻ لڳو.

ههڙي ڪوڏن جهڙيءَ جوان زال جي هن رستي گم ٿيڻ ڪري، جيڪي رڙيون سندس عزيزن ڪيون، تن جو اسين هتي بيان ڏيئي نہ سگهنداسين. شال ڪنهين انسان سان اهڙو واقعو نہ ٿئي، شال ڪنهن جي مٿان اهڙي اوچتي آفت نہ اچي. جان بيبي ويچاري منهن- مٿو پٽي پٽي ساٽي ٿي پيئي. مريم جو بہ چرين جهڙو حال ٿي پيو. ۽ جان بيبيءَ جي پاءُ دلاور خان کي بہ افسوس حد کان گهڻو ٿيو پر هن انهيءَ حال هوندي بہ زالن کي دلاسي ڏيڻ ۾ ڪين گهٽايو. اهو سڄو ڏينهن هنن روئندي ۽ اوساريندي گذاريو. هنن جو روئڻ- پٽڻ ڏسي، پاسي ۾ جيڪي ويٺل هئا، تن کي بہ پئي روئڻ آيو. وري جا رات آئي، سا بہ هنن روئڻ- پٽڻ ۾ گذاري پاڻ تہ ننڊ نہ ڪيائون، پر ٻين جي بہ ننڊ ڦٽايائون: آخر جهڪا ٿيا.

وري جو ٽيون ڏينهن ٿيو تنهن تي سڀ ماٺهو تيز تاڙي ٻڌڻ لڳا، جو پري کان بمبئيءَ جا جبل پئي ڏٺا. سگهوئي شهر جي عمارتن منهن ڪڍيو ۽ بندر جا جهاز ڏسڻ ۾ آيا. آگبوٽ اچي ناري کي سٽائو لنگر ڪيو. ٻونديون آگبوٽ کي وڪوڙي ويون: ڪي پئي لٿا، ڪي پئي چڙهيا، ڪي پنهنجن سنگتين ۽ عزيزن کي وٺڻ آيا، ڪي پنهنجي سامان جو سماءُ ڪرڻ آيا.

هڪڙي ٻتيلي ۾ علي رضا مغل بہ چڱا خاصا ڪپڙا ڍڪيو خوشيءَ منجهان مرڪندو هليو آيو. هو ڀلا پنهنجي پياريءَ زال کي هيترن ڏينهن جي وڇوڙي کان پوءِ ملڻ تي آيو سو ڪهڙو نہ سرهو هوندو! آگبوٽ تي اچي چڙهيو ۽ گوڙ ۾ هيڏي هوڏي جهوتون ڏيندو، ڪلها هٽندو، اچي پنهنجن عزيزن جي مٿان

بيٺو پري کان ماءُ کي ڏسي پانيائين تہ ٻوڙي وڃي پيرين پوانس، تہ کيس ڏسي هو سيئي اڳيان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳا. هو ويچارو حيرت ۾ پئجي ويو پلا اها ڪلڻ جي مهل هئي يا روئڻ جي؟ هن جي هانو ۾ ڌڪاءُ پئجي ويو خبر پڇيائين، پر هنن جو روئڻ بيهي، تہ هن کي ورندي ڏين! گهر جا ڀيا سڀ پاتي ڏنائين. زال نہ ڏٺائين سو هن کي پڪ ٿي تہ منهنجي زال سان خير ڪونهي.

خبر ملڻ کان اڳ ئي، هنن سان گڏ هو ماءُ کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳو. هنن جو اهڙو حال ڏسي، ٻين ماڻهن جي دل پئي ڳري. آخر جيڪا ڳالهہ هئي، سا سڏڪا ڀريندي هن کي ڪري ٻڌايائون. "ابا، تنهنجي زينت سان ڏاڍو ڦهر ٿيو ويچاري اوچتي وڃي سمنڊ ۾ پيئي." هيءُ ٻڌي علي رضا نئون سنئون روئڻ لڳو. پلا اوچتو سمنڊ ۾ ٻڏي مرڻ جو موت شال دشمن کي بہ نصيب نہ ٿئي.

آخر ٻيو چارو ڪونہ ٿيو. ماڻهو تہ ڀيا سڀ لهي ويا هئا. پوءِ هي بہ مرندا جهرندا، ٻتيلي تي چڙهي وڃي ڪناري تي پهتا، ۽ علي رضا هنن کي وٺي پنهنجي جاءِ تي آيو. جيڪي خوشيءَ جا سانباها ڪيا هئائين، سي هينئر ڏک ۽ عذاب ٿي پيا. ويچارو گذريون ڳالهيون ياد ڪيو پئي ڳريو ۽ ذري ذري زال جي هٿ جا لکيل خط پئي پڙهيائين، ۽ واڪا ڪيو پئي رنائين. يا وري سندس ڪپڙا گنديون ڪنيون منهن کي پئي ملپائين ۽ هنجون پئي هاريائين.

-*-

باب نائون

# بچاءُ

زينت بانو جو سمنڊ ۾ ڪري سو پريندي نہ تختي سوڏو هيٺ هلي ويئي. ٻڏندي ماڻهوءَ کي جيڪي پهچ ۾ اچي تنهن کي سوگهو ڪري جهليندو آهي. هن کي تہ خدا تختي سان ڪيرايو هو تنهن کي هن ساهہ جي ڏپ کان ڪٽي ٻک وڌا, انهيءَ سگهو ئي مٿي ڪٽي آندس. پر آگبوٽ تان پاڻيءَ ۾ ڪرڻ ڪري جو هن کي ڌڪو آيو ۽ وري سمنڊ جو کارو پاڻي جو اکين, نڪ ۽ وات ۾ پيس, تنهن هن کي موڳو ڪري وڌو ۽ اڌ مئن وانگي تختي کي چنبڙيو پيئي هئي, بيو ڪوبہ سماءُ ڪونہ هوس.

صبح ٿيڻ ۾ باقي جيڪي ٻہ- ٽي ڪلاڪ هئا, سي هوءَ پئي اتي پاڻيءَ ۾ ٽُلڪي ۽ لهرن تي لڏي, جڏهن ڏينهن ٿيو تڏهن البت سماءُ پيس. پر ڪيڏي هڪڙي نازڪ پردي ۾ پيٺل ضعيف زال, ۽ ڪيڏي ههڙو حادثو ۽ سمنڊ جون لهرون ۽ اڪيلائي! ساهہ مٺ ۾ ڪيو پيئي هئي. سيڪنهن لهر پئي پانيائين تہ اجها ٻڏيس, پر اچا ڏينهن هئس. هوءَ ڏاڍي نيڪ زال هئي,تنهن خدا تي ڪٽي توڪل رکي. ٻڏي مرڻ جي پڪ هيس, تنهن ڪري اها گهڙي فرصت ڄاڻي الله کي ياد ڪرڻ ۽ ڪلما پڑهڻ لڳي.

جنهن هنڌ تي اهو اتفاق ٿيو سو ڪڇ جي ڪناري کان گهڻو پري نہ هو ٻيڙيون ۽ ڊونڊيون مڇي مارڻ لاءِ توڙي پاسي وارن بندرن کان انهيءَ هنڌان سمنڊ تي ايندڀون ويندڀون هيون. اهڙي هڪڙي ٻيڙي اوچتو آسپاس جي لنگهي, سا پري کان پاڻيءَ تي ڪا شي لتڪندي ڏسي لڙي آئي, مهاڻن ويجهو اچي, همت ڪري هن کي ڇڪي ٻيڙيءَ تي آندو.

هوءَ پاڻي ۾ پڇي پيئي هئي ۽ ڏکن ۾ ساڻي تي پيئي هئي، تنهن کي هڪڙي چادر ڏنائون تہ ويڙهجي، پسيل ڪپڙا لاهي ڏئي. هن ائين ڪيو پوءِ مٽي پاڻيءَ جو لوٽو ڏنائونس، جنهن مان هن گرڙيون ڪيون ۽ منهن ڌوتو جڏهن بت سڪس ۽ سامت ۾ آئي، تڏهن هن سان مهاڻن ڳالهايو ۽ حال ورتائونس. وٽن مانيءَ جو ٽڪر پيو هو سو ڳڙ سان ڏنائونس، جو هن کاڌو البت بُود ۾ آئي.

انهيءَ ٻيڙيءَ تي چار مهاڻا هئا. هڪڙو ٻيڙيءَ جو مالڪ هو اهو پير مرد هو ۽ تمام غريب ۽ رحمدل ماڻهو هو انهيءَ جو نالو صديق هو. ٻيو سندس پٽ هو ۽ ٻہ سندس نوڪر هئا. جي ٻيڙيءَ جا جوان ڪري رکيا هئائين. هن پيري مڙس زينت بانوءَ کي دڙدلاسو ڏنو ۽ چيائينس "تون مون کي ڌيءَ وانگي آهين. ٻيو ڊپ نہ ڪر، آءٌ توکي ڪناري تي نيئي، پنهنجي گهر پنهنجي زال وٽ سکيو رکندس، پوءِ جيڪا تنهنجي مرضي هوندي، ائين ڪنداسين."

هوءَ ويچاري خوش ٿي. هن مهاڻي جي گهڻي شڪرگذاري ڪئي، جو هن ٻڏڻ کان بچايس. نيٺ هو اچي ڪناري تي پهتا. ڪناري کي ويجهو هڪڙو ننڍو ڳوٺ مهماڻن جو ڏسڻ ۾ آيو جتي ڏهہ- پندرهن پونگيون ڏٺيون ٿي. انهن مان هڪڙيءَ ۾ زينت کي پير مرد مهاڻو ۽ سندس پٽ وٺي آيا.

انهيءَ ۾ ٻہ زالون ٻہ هيون. هڪڙيءَ انهيءَ مهاڻي جي زال ۽ ٻي سندس پيڻ جا وٽن مهمان هئي، هنن کي صديق زينت جي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ هنن کي پارت ڪيائين تہ "هيءَ مون کي ڌيءَ وانگي آهي، تنهن جي چڱيءَ طرح خدمت ڪريو هيءَ سکر اشراف گهر جي ڏسجي ٿي." هنن زالن ٻہ هن جي گهڻي آدر ڀاءُ ڪئي، وس پڄندي هن کي خوش ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايائون ۽ جهڙو حال هون، اهڙو هن جي اڳيان رکيائون.

زينت بانوءَ کي لاچار ٿيو هنن مهاڻن سان گذارڻ. هو هن جي پرگهور گهڻي ڪندا هئا. تنهن ڪري هن بہ پاڻ تي فرض ڄاتو تہ هنن کي گهر جي ڪم ۾ مدد ڏئي، سو اوير سوير ٻهاري ڏيڻ، ماني پچائڻ، توڙي ان پيهڻ ۽ ڇڙڻ ۾ هنن سان

شامل ٿينديون هئي. انهيءَ ڪري هو هن جو مان رکندا هئا، ۽ جي هوءَ زور ڪري گهر جو ڪم ڪندي هئي، تہ بہ هن کي منع ڪندا هئا. خاص ڪري پريو مڙس تہ هن کي گهڻو پيائيندو هو. ۽ وقت بوقت زال ۽ پيڻ کي هن جي پارت ڪندو هو. اگرچہ هو سڀ جهنگلي ماڻهو هئا، تہ بہ هن نئين پاتيءَ جي اچڻ ڪري هنن جو گهر سڄي ڳوٺ ۾ سٺري پيو ۽ اڳي کان وڌيڪ صفا رهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ويهي گهر جي پاتين کي، يا ٻيون جيڪي پاڙي جون زالون اتي اينديون هيون، انهن کي قرآن ۽ حديث جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي، جنهنڪري هفتي- ٻن جي اندر ڳوٺ ۾ اها ڳالهہ مشهور ٿي ويئي تہ صديق جي گهر ڪا وڏي اشراف ۽ نيڪ زال آئي آهي.

زينت بانوءَ کي بت تي سؤ- سوا جا زيور بہ هئا، جن سوڌو هوءَ سمنڊ ۾ ڪري هئي، اهي پهرئن ئي ڏينهن پريي مڙس صديق هالڪياڻيءَ جي مرضيءَ پٽيان پنهنجي وسلن ۾ امانت طرح لڪائي رکي ڇڏيا هئا. انهن مان هڪڙو- بہ زينت خوشيءَ سان هنن کي ڏنو ٿي، ڇالاءِ جو هنن نہ ورتا، چيائون تہ "تنهنجي شيءِ پلي توکي ڪم اچي."

هن پنهنجو سڄو حال هنن کي ڏنو هو ۽ هو ڄاڻندا هئا تہ هن کي پنهنجن وارثن ڏي وڃڻ جي گهڻي خواهش آهي، مگر جيسين ڪو اهڙو وجهہ ملي، تيسين اتي رهڻ ۾ راضي آهي ۽ اتان نڪرڻ لاءِ اهڙي تڪڙي ناهي.

اهو مهاڻن جو ڳوٺ، ڪڇ جي وڏي شهر ڀڄ کان اٽڪل ويهہ- ٻاويهہ ڪوهہ پري هو. ڳوٺ جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪم ساڻ اوڏي ويندا هئا، ۽ ڪن جا مائٽ بہ اتي هوندا هئا، جن سان آمدرفت هوندي هين.

صديق جي پيڻ، جنهن جو نالو صفوران هو ۽ جا سندس گهر ۾ ڪن ڏينهن کان مهمان هوندي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن هتي مائٽن کي ملڻ ايندي هئي، هن پيري بہ ائين آئي هئي، سامهينو کن گذاري وري اوڏي سنبري. انهيءَ جو سانباهو ڏسي زينت جي بہ مرضي ٿي تہ ساڻس گڏجي اوڏي وڃان، هڪڙو تہ ههڙي

سڄي جنگلي ڳوٺ ۾ رهي ڪڪ تي پيئي هئي، ۽ ٻيو ڇاتائين تي تہ وڏي شهر ۾ وري بہ بمبئيءَ ڏي وڃڻ يا ڪراچي موٽڻ جو شايد چڱو وجھہ ملي ويندو. تنهن ڪان سواءِ صفوران بہ پيچ جون ڳالهيون ٻڌايون هيس تہ ههڙو شهر آهي، هيڏو شهر آهي، ۽ دلاسو بہ ڏنو هئائينس تہ "اتي تون هن ڪان وڌيڪ سکيو گذاريندينءَ. جو تون پاڻ وڏي شهر جي آهين" ايترو بہ ٻڌايو هئائينس تہ "منهنجو گهر وارو فضل محمد لاڙڪن جي پاڙي جو نيڪ مرد آهي ۽ اشراف ماڻهو آهي، ۽ اسان کي خدا جو ڏنو سيڪي آهي، اسان وٽ هوندينءَ تہ منهنجو گهر وارو تنهنجو ضرور ڪوبندوبست ڪندو، جو هن جي وڏن وڏن ماڻهن سان واٽ آهي."

نيٺ پڪو ٺهراءُ ڪري، هڪڙي ڏينهن سانجهيءَ جو ماني ٽڪي ڪاڏي ڪان پوءِ صفوران ۽ زينت کي ڏاندن جي گاڏيءَ تي چاڙهي روانو ڪيائون. گاڏيءَ وارو بہ سنڌن راج مان هو، تنهن کي بہ صديق گهڻي پارت ڪئي. اميد هين تہ رات جو ٽڏ ۾ پنڌ ٿيندو، ٻئي ڏينهن سوير وڃي پهچندا.

هنن جي سنبرڻ مهل صديق کي زينت بانوءَ جي امانت ياد پئي، سو ڊوڙ پائي سڀ ڳهہ اڳڙيءَ ۾ ٻڌل کڻي آيو، ۽ سندس حوالي ڪيائين. گاڏي هلي، رستو برپٽ مان هو. گهاڙو سڙڪ ڪانہ هئي، چارو هو سو چارو ڏيو آهستي هلندا ويا. هڪڙي رات انڌاري، ٻيو گاڏيءَ جو پنڌ۔ پنڪيون ڪائيندا هليا ويا. ڪڏهن تہ ٿيئي جٽا ننڊ ۾ پئجو تي ويا ۽ ڏاند پاڻهي ئي پئي هليا.

اڌ رات مهل گهوڙن جي ڪڙڪي ڪان هو ڇرڪ پري اٿيا. چار مڙس گهوڙن تي چڙهيل ڏڪا ۽ ترارين کڻي متن ڪاهي آيا. اهي ڌاڙي وارا چور هئا. جي اڪثر رستا ڦريندا هئا ۽ هاڻ گهمندي هي شڪار منهن پئجي ويو هون. يا تہ ڪا ڪٽڪ هين، تہ انهي رات کي بہ زالون ڳهن ڳٺن سميت هن واٽ سان وينديون، سوا ڳ وٺي آيا هئن.

هنن ايندي سان گاڏيءَ واري کي ڏڪو مٺي وارو هنيو جو گوماٽجي گاڏيءَ تان ڪري پيو ۽ ماندو ٿي ويو پوءِ زالن تي هڪل ڪري آيا، چيائون تہ "مال ڪيو".

هنن جون تہ ٻہ ٻہ وييون ٿي بہ وييون. پهرين تہ ڪچيائون ڪين، ڏپ ۾ اونڌيون ٿي پئجي رهيون. پر جڏهن هڪڙي چور لهي هٿ وڌن، تڏهن چيائون تہ "اسان وٽ جيڪي آهي سو وٺو پر اسان کي جيئندان ڏيو". هنن پهرين صفوران جا ڳهہ لهرايا، جي هن کي بت تي پيل هئا، ويچاريءَ وٽ جيڪي ڳهہ ٽڪهہ هئا، سي ڏکي ماڻتن کي ملڻ آئي هئي، اهي سڀ هينئر لاهي هنن کي ڏنائين، ۽ زينت تہ پنهنجي هڙئي ٻڌل ڪٽي هنن کي هٿ ۾ ڏني. پر انهيءَ تي بہ هو راضي نہ ٿيا. هنن کي گهڻي مال جي اميد هئي، يا ڏس هون، تنهن ڪري هنن کي دڙڪا تاب ڏيڻ لڳا.

نيٺ جڏهن ٻئي وسيلي جو آسرو ڪونہ رهين، تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ "هن ڇوڪريءَ کي ڪٽي هلجي، هوءَ پاڻ بہ هڪڙو زيور آهي" زينت بانوءَ کي جوڙ جماڻ ڏسي لچا اچي مست ٿيا، ۽ پانيائون هيتري هلاڪي بہ ڪئيسون، ٿورڙي مال تي ڪيئن راضي ٿي ويهون. سو هن ويچاريءَ کي هڪڙي جٽي کنيي، ڪٽي پنهنجي پٺيان گهوڙي تي وڌو ۽ گهوڙا ڊوڙائي جهنگ منهن ڏيئي اُٽي هليا.

چورن جي وڃڻ کان پوءِ گاڏي وارو بہ اُٿيو الائجي سامت ۾ آيو هو تہ اُٿيو يا ڏپ کان ڇپ هنيو پيو هو سو هنن کي ويندو ڏسي پوءِ اُٿيو هنن کي پنهنجي ساهہ جي لڳي، سي گاڏي ڊوڙائي، رستو ڏيئي اُٽي هليا ۽ ويچاريءَ زينت جي پوئواري بہ ڪانہ ڪيائون.

هو ٻئي ڏينهن وڃي شهر رسيا، پنهنجي ماڻتن مان رستي جي واقعي جو بيان ڪرڻ لڳا. هيڏي چور اڳيرو اچي ڪنهن کوهيءَ ڏاري لهي پيا، ۽ زينت بانوءَ کي بہ لاهي هڪ پاسي ويهاريائون. پاڻيءَ ڏک پي، پوءِ پاڻ ۾ ويهي مال ورهائڻ لڳا،

گهڻيءَ ريڙهه پيڙهه کان پوءِ اهو نهراءُ ڪيائون ته مال جا ٽي حصا ٽين، جي ٽي ڄڻا ونن. چوٿين پنهنجي پتيءَ ۾ زينت جي ٻانهن قبول ڪئي. اتي سيڪو چور پنهنجو پنهنجو رستو ڏيئي هليو ويو ۽ منجهائن هيبت نالي، جنهن کي هيءَ زال پتيءَ ۾ آئي هئي، سو هن کي لاڏ سان ٻانهن مان وٺي گهوڙي تي چاڙهي ڳوٺ هليو.

جيڪي زينت جي دل ۾ هو سو پڙهندڙن کي پاڻ خيال ۾ اچي سگهندو اسين بيان ڪرڻ ضروري نٿا ڄاڻون. ويچاري سور پيي، پنهنجي ٻيڙي قسمت تي افسوس ڪائي، صبر ڪري ويهي رهي، ۽ پرهه ڦٽيءَ مهل چور هن کي پنهنجي گهر آڻي پهچايو.

هن کي هڪڙي زال اڳ ئي گهر ۾ هئي، تنهن کي ۽ پنهنجي سس کي هن اٿاريو ۽ زينت جي ٻانهن ڏيئي چيائين ته هيءَ "سوکڙي اوهان جي لاءِ آندي اٿم، تنهن جو بلو ڪريو." پوءِ پاڻ وڃي گهوڙي کي ٻڌي، هنو لاهي، گاهه ڏيئي، اچي ڦڙهه تي سمهي پيو.

زينت کان بـ هنن ٻـ- تي ڳالهيون هيڏي هوڏي جون پڇيون، پوءِ هن کي سمهڻ جي جاءِ ڏنائون، جا پئي رهي، چور رات جو جاڳيل هو سو پهر سوا تائين ستو پيو هو زينت کي ته ننڊ ڪانه هئي. سج اڀرئي ڏاري اُٿي ويهي رهي.

چور جي زال ۽ سس سمجهيو ته ڪٿان هيءَ ٻانهن ڦر ڪري چورائي، پنهنجي لاءِ وٺي آيو آهي، سو هن کي غريب اشراف زال ڄاڻي مٺس ڪهل ڪيائون ۽ سندس حال احوال پڇيائون. هن کي ٽڪڙ ٽيڙو کارايائون، پرهن ويچاريءَ جي دل ۾ الائجي ڪهڙي واويلا هئي، سو ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي ڳري.

نيٺ چور اٿيو. هن جو اچي پاسو ورتائين هن کي دلاسو ڏنائين ته "هاڻ گهڻو مٺو نـ مار، وري ڪنهن پاسي توکي وڃڻو نـ ٿيندو. آءٌ توکي سکيو رکندس. هزارن قسمن جا توکي مال کارائيندس ۽ ڪپڙا ڍڪائيندس." انهيءَ طرح هن نامراد ڪيترائي ٻيا ناشائستا لفظ سندس نسبت ۾ ڳالهايا. پر هن ورندي ڪانـ ڏني، ڪنڌ هيٺ ڪيو وٺي ٻڌائين.

انهيءَ حال ۾ هن کي ڏينهن جا اڍائي ڪي-تي پهر گذريا. پوءِ هڪڙا ٽي ڄڻا انهيءَ گهر ۾ آيا. جن سان هيبت چور گوشي تي ويهي ڳالهيون ڪيون. اهي هن جا راتوڪا سنگتي هئا. ڪلاڪ- اڌ تائين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري، ٽيئي ڄڻا سنبري هڪڙي پاسي اٿي هليا.

هنن جي ويئي کان پوءِ چور جي زال ۽ سس زينت سان وري وڏيڪ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳيون. اگرچه هن جي اچڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيون ۽ منجهانئس گهڻو راضي هيون، مگر هيءَ جا نئين پهاج جا مٽان ٿي پيئي، تنهن ڪري هو ٻيئي هن جي نه هجڻ ۾ وڌيڪ راضي هيون، ۽ زينت به چين ته "مائي، اوهين مون تي رنج نه ٿيو آءٌ پنهنجي خوشيءَ سان هتي ڪين آئي آهيان. زور ظلم سان مون کي هتي اندو اٿس. آءٌ لاچار اچي بند ۾ ڦاٿي آهيان ۽ منهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ جيڪا مدد پڄيو سا ڪريو ته خدا اوهان کي اجر ڏيندو."

هنن کي به اها صلاح آئڙي ته هن کي روانو ڪجي. زينت به اڳيئي ٻڌايو هون ته آءٌ شهر ڏي ويٺي هيس، ۽ اهو شهر به انهيءَ هنڌان اٿ- ڏهه ڪوهه مس هو. سو هن کي انهيءَ طرف جو رستو ڏيکاريائون، ۽ چور جي سس ڳچ تائين ساڻ به ٿيس.

زينت اگرچه وڃڻ ۾ خوش هئي، پر ڊني ته متان چور اچي مليم ۽ ماريم. مگر هنن پڪ ڏنيس ته "هو هن پاسي ويا آهن، سو وري اڌ رات جو مس ايندا. انهيءَ جو تون ڪو ڊپ نه ڪر." سنئون پيچرو انهيءَ هنڌ کان ڏکڻ ڏي ويو سو وٺي هليون، ڪوهه کن تائين چور جي سس به زينت سان ويئي، پوءِ هن کي دڳ لائي موٽي آئي.

هن کي سمجهائي ڇڏيائين ته "سامهون هلي وڃ، ڏينهن ڏنو آهي. شهر کان ٻه- اڍائي ڪوهه اوري دڳ سان هڪڙي کوهي ۽ مڪان اٿئي، جتي هڪڙو فقير ۽ سندس زال رهن ٿا، اتي جي ٽڪجين ته لڙي پاڻي پيجئين ۽ ساهي کڻجئين."

انهيءَ ڏس تي زينت اُٿي هلي، اگرچہ جهنگ مان هيڪلي پئي وئي، پر ڏينهن ڏٺو هو ڍارو لڳو پيو هو ۽ وري آزاد ٿيڻ جي بہ خوشي هيس، تنهن ۾ پنڌ ڪرڻ سان گهٽاياءِين ڪين، ۽ سج لهڻ تي انهيءَ فقير جي اوتاري وٽ اچي پهتي.

هيءَ ويچاري ٿڪجي پئي هئي، سا لنگهي اوتاري ۾ آئي ۽ اچي مٿن مان پاڻي پيتائين ۽ منهن ڌوتائين،هنن پڇيس تہ "مائي ڪير آهين؟" هن چيو تہ "واٽهڙو آهيان، شهر تي ويجان."

فقير جي زال رات ٽڪڻ جي صلاح ڪيس ۽ چيائينس تہ "رات تي پوي تون هيڪلي آهين."زينت کي بہ اها صلاح پسند آئي، هڪڙو تہ هن کي اڳتي هلڻ جي طاقت بہ ڪانہ رهي، ٻيو رات بہ پئجي آئي هئي ۽ اڳيان شهر ۾ بہ سندس لاءِ جاءِ ٺهي ٺڪي ڪانہ پئي هئي، تنهن ڪري هن فقير ۽ فقيرياڻيءَ جي مهرباني ڏسي رهجي پيئي.

هن کي ٽڪر مانيءَ جو ڏنائون، سو کائي، ٽڏو وڇائي، سندن پاسي ۾ سمهي پيئي، جيتوڻيڪ چور جي اچڻ جو ڊپ گهٽو هوس، پر لاچار ٿي خدا تي ياڙي سمهي رهي، هن چڱي موچاري ننڊ ڪئي، پر رات جو ٿي- چار پيرا بڇڙا خواب ڏسي دانهن ڪري اُٿي، وري ڪلمو پڙهي سمهي رهي.

نيٺ خير جو صبح ٿيو، هيءَ هٿ منهن ڌوئي نماز پڙهي، فقير ۽ فقيرياڻي کان موڪلائي، اٿي اهو ڏڪڻ وارو دڳ ڏيئي هلي. ٽڏ جو پنڌ سولو لڳس، پهر ڏينهن جو مس ٿيو تہ اچي پيچ جي شهر کان نڪتي.

—*—

باب ڏھون

# ڀڄ ۾

ڀڄ جو شهر ساري ڪڇ ۾ وڏو گهاٽو شهر آهي. اهو ڪڇ جي راءِ يعني راجا جي رهڻ جو هنڌ آهي، تنهن ڪري منجهس وڏا وڏا ماڻهو هندو توڙي مسلمان رهندا آهن، ۽ گهڻا شاهوڪار ۽ واپاري ڏنڌو هلائيندا آهن. انهيءَ جو واپار جهڙو سمنڊ جي رستي مڏئي بندر کان ٻين پاسي هلندو آهي، تهڙو خشڪيءَ جي رستي گجرات ۽ ٻين پاڱن سان. مڏئي جو بندر ڀڄ کان ارڙهن ڪوھ پري آهي ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پيئي آهي، جنهن سان ڏاڍي وهڪ آهي. انهيءَ بندر تي ڪراچيءَ ۽ بمبئيءَ وارا آگبوٽ ٻه اچي بيهندا آهن، ۽ مال لاهيندا چاڙهيندا آهن، انهيءَ ڪري مڏئي ۽ ڀڄ زور وٺندا وڃن.

زينت بانو شهر ۾ اچي پهتي ته سهي، پر هاڻ وڃي ڪيڏي، هن کي سجهيو ڪين ٿي ته ڪيئن ڪريان. ڀهرياڻين ڀانيائين ته ڪنهن ڌرمسالا ۾ وڃي ويهان پر هڙ ۾ ڪي ڪين هوس. جنهن سان کاڌي پيتي جو بلو ڪري. ساري شهر ۾ هن کي هڪڙو ماڻهو واقف سجهيو ٿي اها هئي صفوران، صديق مهاڻي جي ڀيڻ، جنهن کي ساڻس گڏ رستي ۾ چورن اچي ڦريو هو. انهيءَ جي ٻه پڪ خبر نه هيس ته ڪيڏي ويئي پر ڄاتائين ته ضرور اڏ ۾ پنتي موٽي نه ويئي هوندي، گاڏيءَ تي هئي، سا ڀڄ آئي هوندي، ۽ سندس مڙس جو نالو ٻه سجهيس ٿي ته فضل محمد آهي ۽ لاڙڪن جي پاڙي جو چڱو مڙس آهي. في الحال دل ۾ اهو ٺهراءَ ڪيائين ته "انهي کي ڀڃائي وڃي هٿ ڪريان. ۽ ڏينهن سجو پيو آهي، خدا ۾ اميد آهي ته ڳولي وڃي لهنديسانس.

هيءَ اڳيرو هلي، ته بازار ۾ هڪڙو سرڪاري سپاهي ترار سان مليس، جو شهر ۾ نظرداريءَ لاءِ پئي گهميو. ڀانيائين ته هئي کان ڏس پڇان. تنهن کان هيءَ سرڪاري ماڻهو آهي، هن کي وڌيڪ خبر هوندي سو هن کي ويجهو اچي چيائين ته "سائين، ڀلائي ڪري مون کي ڏس ڏي ته لاڙڪن جو پاڙو ڪهڙي پاسي آهي؟"

سپاهيءَ پڇيس تہ ”ڇو مائي! تون ڪا نئين آئي آهين ڇا؟“

زينت چيو تہ ”هائو. آءٌ فضل محمد پريي مڙس جي ماتٽياٽي آهيان. انهيءَ جي گهر وينديس.“

سپاهيءَ چيو تہ ”ماتٽن مان پيو ڪو مڙس ماٺهو ساڻ نہ ڪنيئي؟“

زينت اڳ وٺي چيو تہ ”هڪڙو مون سان هو پر هتي ڪنهن پاسي مون کان ڇڄي جدا ٿيو آهي. ڳوليومانس پر هٿ نہ آيو. تڏهين اوهان کي سوال ڪيم.“

انهيءَ گفتگومان سپاهيءَ ايترو سمجهيو تہ هيءَ غير واقف زال آهي. وري جوان جماڻ مهانديءَ جي چڱي ڏٺائينس. تنهن دل ۾ پيو ڪو پهہ پچائي، هن کي گمراهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن کي چيائين”تہ مائي، اچ تہ آءٌ توکي فضل محمد جو گهر لهي ڏيان. هتان سٽائو آهي.“

زينت بانوءَ دعا ڪيس ۽ چيائينس تہ ”مهرباني اوهان جي، جو مون غريب کي رستي لايو ٿا.“

سپاهي ٿيو اڳ ۾، زينت بانو ٿي پٺ ۾. ٻہ- ٽي گهٽيون ور وڪڙ ڏيئي، سپاهي هڪڙي در تي اچي بيٺو. زينت کي چيائين تہ ”مائي، تون بيهہ آءٌ سماءُ لهان.“ اندر وڃي سگهوئي نڪري آيو. چيائين تہ ”مائي، اهو گهر آهي، تون اندر هلي وڃ“. سپاهي پاڻ اتان ئي موٽي ويو. زينت بانو اندر گهڙي وئي.

اهو گهر فضل محمد لاڙڪ جو نہ هو. اهو شهر جي فوجدارجو گهر هو. جنهن جو نالو سمندر خان هو. هو شهر جي سيني سپاهين جي مٿان داروغو ۽ عملدار هو ۽ وڏي حڪم وارو هو مگر ڏاڍو ظالم ۽ بدچال ماڻهو هو. ٻاريچو ڪونہ هوس، گهر ۾ هڪڙو پاڻ رهندو هو پيو نوڪر هوندو هوس، ۽ تنهن ڪانسواءِ ڪيترائي سپاهي سڙا هميشہ وٽس پيا حاضري پريندا هئا. ۽ اڪثر هن کي بدپيشي ۾ واهر ڏيو خوش رکندا هئا. هن سپاهيءَ کي بہ هيءَ نڌٽڪي جوان زال هٿ لڳي ويئي، تنهن پنهنجي عملدار کي راضي ڪرڻ ۽ پنهنجي سرخروئي ڏيکارڻ لاءِ هن کي اتي آڻي ڪيڏيو هو ۽ اڳ ۾ اندر وڃي سمجهائي آيس، پوءِ هن ويچاريءَ کي اندررواںو ڪري پاڻ هليو آيو.

زينت بانو اندر لنگهي ايوان ۾ آئي. سامهون جاءِ جا در کليا پيا هئا تن ۾ هلي ويئي. اندر جاءِ ڏاڍي ٺاهوڪي ڏسڻ ۾ آيس. ڏاڍا گلم غاليچا وڇايا پيا هئا، ٻه- ٽي ڪٽون ٿهيون پيون هيون. سڀ شيءِ چڱي ڍول سان رکي هئي. هڪ- ٻه جاين تي ڪي ترارين بندوقون ٻه پيون هيون. هوءَ هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي. ڊپ ٻه ٿيس پر پڪ هيس، ته صفوران آسپاس هوندي.

ائين ڪندي پاسي واري در کان هڪڙو قداور مڙس ڪپڙن گنديت ٿهيل نڪري آيو. زينت بانوءَ ڀانيو، نه صفوران جو مڙس فضل محمد هوندو. هن ايندي سان چيس ته "ڀلي آئينءَ، خوش چڱي ڀلي آهين؟"

زينت بانوءَ حجاب سان پر ڊپ کان سواءِ جواب ڏنس ته "سائين، خير هجي، سلامت هجو."

فوجدار چيو ته ويهه خوش ٿي ويهه اها ڪٿ پئي اٿئي."

زينت ويٺي ۽ هن کان پڇڻ لڳي ته "سائين! مائي صفوران ته خير سان اچي پهتي؟ خوش چڱي ڀلي ته آهي؟"

فوجدار ڪوڙ ڪري چيو ته "خوش چڱي ڀلي آهي، تنهنجي لاءِ ڏاڍي انتظار ۾ آهي، تون دلجاءِ ڪري ويهه ته سڀڪي توکي موجود ڪري ٿو ڏجي."

ائين چئي فوجدار وري پاسي واري در کان نڪري ويو. وري سگهوئي چوڻ لڳو ته "پياري! هي سيجون سڀ تنهنجي لاءِ وڇايون اٿم. هي سامان سڀ تنهنجي لاءِ تيار ڪرايو اٿم، تون هيءُ گهر پنهنجو ڄاڻ، منهنجا ماڻهو ٻه تنهنجي خدمت ڪندا ۽ آءٌ ٻه تنهنجي خدمت ۾ حاضر رهندس." ائين چئي، هو اچي زينت بانوءَ جي پير ۾ ويٺو.

اتي زينت کي ٻه شڪ پيو ته مون سان ڪا دغابازي ٿي آهي، سا چرڪ ڀري پريرو رڙهي ويئي، اصل منهن بچڙو ڪري چوڻ لڳي ته "تڏهن سائين تون فضل محمد ناهين، تڏهن مون سان ڌوهه ٿيو آهي!"

فوجدار محبت سان پنهنجون ٻانهون ڊگهيون ڪري چيس ته "منهنجي جان! چو ٿي ڊڄين؟ تون ڊپ ڪونه ڪر. جيڪي تون طلبيندينءَ سو توکي حاضر ڪري ڏيندس. جهڙو پنهنجي گهر ۾ سکي هوندينءَ، انهيءَ کان ٻه آءٌ توکي سکيو رکندس. توکي خبر ناهي ته آءٌ وڏو امير آهيان، شهر جا جيڪي سپاهي آهن، تن

سيني جو آءٌ سردار آهيان. مون وٽ رهڻ کان توکي عار ٿو اچي! سون ربي جا تو وٽ آءٌ ڍير ڪندس، پٽ پٿيهر تنهنجي مٿان وجهندس، تون ڇو پاسو ٿي ڪرين؟" ائين چئي ٻانهون ڊگهيرري ڀاڪر وجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، تہ زينت دانهن ڪري وڃي پري بيٺي. فوجدار بہ اٿي ڪڙو ٿيو.

اتي ڪي بہ سپاهي بيا بہ ٻاهران آيا، تن کي ڏسي، زينت بانوءَ کي پاڻ ڊپ ٿيو ۽ ڀڄڻ جو رستو بند ڏٺائين، جڏهن فوجدار ڏٺو تہ هيءَ خوشيءَ سان راضي نہ ٿي ٿئي، تڏهن دڙڪو ڏيئي چيائينس تہ نادان رن، ماٺ ڪري ويهي رهہ نہ تہ ترار ڪڍي بہ اڌ ڪري وجهندوسئين."

زينت ڄاتو تہ هي بيحيا ماڻهو ٿو ڏسجي، نہ زبردستي ڪرڻ کان ڊڄندو نہ مارڻ کان. آءٌ هن سان ڪنهن بہ طرح پڄي نہ سگهنديس. تنهنڪري في الحال ڪو حيلو ڪريان، پوءِ اويسلائيءَ ۾ نڪري هلي وڃان. سا ماٺ ڪري وري وڃي پنهنجي جاءِ تي ويٺي، ۽ منهن مٺي ڪري ڪلي چوڻ لڳي تہ "ڀلا سائين، آءٌ حاضر آهيان، منهنجي ڇا مجال جو آءٌ پاسو ڪنديس؟ اسين مهاٽا ماڻهو اوهان جهڙن سردارن وٽ رهڻ کان اسان کي ڪهڙو عار هوندو. اسان جو ڪم اهو آهي. مون بہ رڳو انگل تي ڪيو. اسان جا انگل نيٺ اوهين امير ماڻهو ڪڍندو.!"

هي مٺا لفظ ٻڌي ، فوجدار ڏاڍو خوش ٿيو. ڪاوڙ ڍري ٿيس، هن کي شاباس ڪيائين، پاڻ ماٺ ڪري پرپرو وڃي ويهي رهيو ۽ نوڪر کي حڪم ڏنائين تہ "سگهوئي ماني تيار ڪرائي ڪٺي آءُ، تہ منهنجي لاڏلي کائي آرام وٺي."

پوءِ ويهي زينت بانوءَ ساڻ پنهنجي وڏائيءَ ۽ حڪم جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ جيڪي سامان اتي پيل هو تنهن جو ملهہ ٻڌائڻ ۽ هن کي آئيندي جا دلاسا ڏڙا ڏيڻ لڳو. زينت بانوءَ ڪوڙ ڪري، مرڪندي منهن سان هائو هائو ويٺي ڪئي.

نيٺ ماني وڏائي آيا، فرش تي رکيائين. فوجدار زينت بانوءَ کي بہ سڏيو تہ "جاني، اچ تہ ماني کائون."

هن ويچاريءَ دل ۾ اهڙن بيحيائيءَ جي لفظن ٻڌڻ ڪري هن کي گهٽو ٿي پٿيو ٿي، پر لاچار هئس، ڍونگ ڪري پنهنجي آبرو بچائڻي هيس، تنهنڪري ٽپ ڏيئي اچي مانيءَ تي ويٺي. ٻيئي گڏجي ماني کائي اُٿيا.

زينت وري وچي ڪٿولي تي ويٺي ۽ فوجدار ڪپڙا ڍڪڻ لڳو. زينت بانوءَ پڇيس تہ "سائين ڪيڏي ٿا سنبرو؟"

هن چيو تہ "ٻاهر ڪو سرڪاري ڪم آهي، سو لاهي جهٽ ۾ وري ٿو اچان."

زينت بانوءَ چيس تہ "سائين، آءٌ هيڪلي ويٺي هونديس، پلائي ڪري سگها موٽجو."

هن چيو تہ "پياري، دلجاءِ ڪجئين."

انهيءَ مهل سنيري، اُهي ٻيئي سپاهي ساڻ ڪري، سمندر خان فوجدار روانو ٿيو ۽ نوڪر کي پارت ڪري ويو تہ مهمان جي سنڀال رکجئين.

هن جي وڃڻ کان پوءِ زينت بانو پنهنجي منهن گهڙيءَ تائين ويهي خيال پچائڻ لڳي. پهريائين تہ گذريل ڏينهن ياد ڪري روئڻ لڳي، پوءِ خدا کي سوال ڪرڻ لڳي تہ "يا الاهي! زماني جي گردش مون کي گهڻو ستايو آهي. اڳتي ڪنهن مصيبت جي ڪٽڻ جي طاقت ڪانہ رهي آهي، پنهنجي فضل ۽ رحم سان مون کي يا پنهنجي مڙس وٽ پهچاءِ يا موٽي وطن تي، نہ تہ ڪنهن اهڙيءَ امن واري جاءِ تي پهچاءِ جتي عزت ۽ آبروءَ سان حياتي جا ڏينهن گذاريان. جي قسمت ۾ اجا بہ ٻيءَ طرح آهي تہ مون کي موت ڏي، تہ قبر جي ڪنڊ ۾ وڃي آسودي ٿيان."

پوءِ ٿوريءَ دير تائين ليٽي ڪِٽيون ڪرڻ لڳي، تہ هن بند مان ڪيئن ڇٽان. دل ۾ چيائين تہ "هن ماريي کي دلبو ڏيئي خوش رکيو اٿم، نہ تہ هو مون کي هينئر جو هينئر خرابي پهچائي ها، پر هاڻي پڪ اٿس تہ ڪميني ذات جي آهي، منهنجي سون ربي جي دلاسي تي ٺهي ويٺي آهي، سا ويندي ڪين. سو رات جو ضرور ڪار منهون مون سان زبردستي ڪندو تنهن کان جند ڇڏائڻ جو ڪو بلو ڪجي. هاڻي ڏينهن ڏنو آهي، جي سٺ پائي درڪان ٻاهر ٿيس، تہ بازار وهندي منهنجو ڪوبہ نالو وٺي نہ سگهندو ۽ شهر بہ آڏو آهي، ڪنهن پاسي پڇي ويندس، ۽ وڃي پڇا ڪري فضل محمد جو گهر هٿ ڪنديس، نہ تہ بہ ڪنهن مسيت ۾ وڃي ويهي رهنديس. بندي جي گهر کان وري بہ الله جو گهر چڱو آهي، پاڻهي لولو مانيءَ جو پيو ملندو!"

اهو پڻ پڇائي، هيڏي هوڏي ڏسي در ڏي هلي، ڏسي ته در کي اندران کلف ڏنو پيو آهي. فوجدارکي اگرچه پڪ هئي ته هيءَ ويندي ڪين، پر تڏهن به اڳ ڳڻتي ڪري نوڪر کي سوگهائيءَ جو تاڪيد ڪري ڇڏيو هئائين. تنهن اندران ڪلف ڏيئي ڇڏيو هو.

زينت بورچيخاني ۾ وڃي ڏسي ته فوجدار جو نوڪر تڏي تي سمهيو پيو آهي ۽ به- تي ڪنجيون ڏاڳي ۾ ٻڌل بورچيخاني واري در جي ڪلف ۾ لڳيون پيون آهن، سي آهستي ڪڍي اچي ٻاهريون در پٽيائين ۽ وري در ورائي خدا کي سنيالي، نڪري ٻاهر ٿي، ۽ ٻن- ٽن ڪهڙين مان لنگهي اچي وڏي بازار ۾ پيئي.

ماڻهو گهٽائي پئي آيا ويا. وچين وچين جي مهل هئي. زينت بانو به هٽن تي جيڪي ماڻهو ويٺا هئا، يا گهور ڪندا وتيا، تن کان لاڙڪن جي پاڙي جو ڏس پڇائيندي پڇائيندي، اچي انهيءَ پاڙي ۾ نڪتي، جو شهر جي اوپرين پاسي کان هو.

اتي ستون ڏيندي، فضل محمدجي گهر پڇائيندي، اوچتو اها ساڳي صفوران منهن پئجي ويس. انهيءَ کي ڊوڙي وڃي ٻانهن کان ورتائين. هوءَ به هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ ته اتي بيٺي هڪٻئي کي حال احوال ڏنائون.نيٺ صفوران هن کي وٺي پنهنجي گهر ويئي.

اهو گهر به چڱو پڪو جڙيل ڏسڻ ۾ ٿي آيو. صفوران جو گهر وارو فضل محمد ويٺو هو. تنهن کي چيائين ته "ميان! جنهن مائيءَجي نالي مون ڳالهه ڪئي، سا اجها خدا ڪٽي آندي آهي." پوءِ هن کي ڏسي گهر جا جيڪي ٻه- چار ياتي هئا، سي اچي گڏ ٿيا.

اگرچه زينت ويچاري ڏکن سورن ۾ گهٽوئي لتڙي هئي، تڏهن به سنديس شڪل وڏ گهراڻي پئي ڏني، تنهن کي گهٽي تعظيم ڏنائون، ويهاريائونس ۽ دلاسا ڏنائونس. هنن جي آدرياءَ ڏسي، زينت بانوءَ کي پيٽ ۾ ساهه پيو جيئن نه پنهنجن مائٽن جي گهر آئي هجي. پوءِ ته دلجاءِ ڪري اتي ويهه رهي ۽ گهر جي ياتين سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري ٺهي ويئي.

فضل محمد لاڙڪ هن پاڙي جو نيڪ مرد هو. وسعت وارو ماڻهو به هو. سندس ڪيترين ئي ٻيڙين مڏئيءَ وٽ سمنڊ ۾ هلندڙ هيون ۽ واپار ۾ به هٽ

هوس، تنهنڪري هلنديءَ وارو به هو. ڪيس اولاد ڪونہ هو مگر سائس گڏ سندس نندیو ڀاءُ ۽ ڀاڄائي رهندا هئا، جن کي ٽي ننڍيا ٻار هئا. ٻہ ڌيئون ۽ هڪڙو پٽ. اهو ڀائس بہ ڪم ۾ سائس ڀائيوار هو. هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي پٽ وانگي پالي وڏو ڪيو هو ۽ پرڻايو هئائينس، تنهن ڪري هن سان گهڻي محبت هوندي هيس، هن جي اولاد کي پنهنجو اولاد ڪري ڄاڻندو هو.

انهيءَ گهر ۾ زينت کي البت چڱي وندر ٿي. هيءَ وري هتي بہ وقت سر نماز ۽ قرآن پڙهڻ لڳي ۽ سگهوئي سڄي پاڙي ۾ مشهور ٿي ويئي. فضل محمد هن کي گهر ۾ ٻيو ڪم ڪرڻ نہ ڏيندو هو. هن کي چيائين تہ "مائي، تون اسان جن ٻارن کي قرآن پاڙهيندي وڃ." سو هن کي پاڻ اهو شغل سڀ کان وڌيڪ پسند آيو سا هاڻي مُلياڻي ٿي ويئي ۽ ٻارن کي ٻيئي پڙهائيندي هئي.

انهيءَ هنڌ هن کي آرام مليو تہ بہ هن پنهنجا مائٽ وساري نہ ڇڏيا هئا. هن بہ خط لکي ٽپال ۾ وڌا: هڪڙو پنهنجي مڙس ڏي بمبئيءَ ۾ ٻيو پنهنجي ڀاءُ جي نالي حيدرآباد ۾. مڙس جو پتو ڦول گليءَ ۾ هوس، سو لفافي تي بہ ائين لکيائين. باقي ڀاءُ واري لفافي تي حيدرآباد لکي ڇڏيائين.

انهن خطن ۾ هن پنهنجو حال لکيو ۽ پڇاڙي ۾ لکيائين تہ "جي ٿي سگهيو تہ منهنجو سماءُ لهجو ۽ جي نہ تہ بہ جيسين ساهہ پيٽ ۾ هوندم، تيسين اوهان جي تانگ رکنديس ۽ جنهن مهل وجهہ ملي سگهيم، تنهن مهل اچي اوهان وٽ نڪرنديس."

اهي خط ويا تہ سهي، مگر بمبئيءَ واري کي ڦول گليءَ ۾ رلائي رلائي ٻيئا تہ ميان علي رضا هٽ ڪونہ لڳو جو اتان لڏي وري ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي ويٺو هو ۽ حيدرآباد وارو خط سو وڃي حيدرآباد دکن کان نڪتو جو انهيءَ تي سنڌ جو لفظ لکيل نہ هو. انهيءَ کي بہ اتي رلائي ڦاڙي ڦٽو ڪيائون.

ٿورا ڏينهن ڏنائين، جڏهن ڪو پوئواريءَ وارو ڪونہ پيدا ٿيو تڏهن وري مڙس ڏي ٻيا خط لکڻ لڳي، پر انهن جي پهچڻ جو تہ امڪان ئي ڪونہ هو جو علي رضا ڦول گوليءَ مان لڏي الائجي ڪهڙي هنڌ وڃي ويٺو هو ڀاءُ ڏي وري هن ٻيو خط ڪونہ لکيو جو ڄاتائين تہ هو اڃا ڇوڪر آهي، شايد منهنجي پٺيان اهڙا جاکوڙا ڪري اچي نہ سگهيو ۽ خط پهچڻ کان پوءِ بہ ماٺ ڪري ويهي رهيو آهي. ماءُ تہ

زال ماڻهو ڪين ايندي، انهيءَ پاسي جو خيال ڇڏي، رڳو علي رضا ڏي پئي لکيائين.

انهيءَ طرح ويچاريءَ جي وچڙيءَ جي خبر نه هن پاسي مائٽن کي پهتي، نه هن پاسي. نه ڪو ڪڏهن انهن جو جواب هن کي آيو نه ڪو ماڻهو آيو. پانئيائين ته وساري ويهي رهيا يا خط نه پهتن، يا ڪو ٻيو سبب هوندو.

فضل محمد جي گهر ۾ زينت بانوءَ کي ڇهه مهينا گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ هن کي ٻارهه ڄائو ڄالاءِ جو مڙس کان جدا ٿيڻ مهل هن کي پيٽ هو. ويچاريءَ هيترا ڏڪا پيٽ سان پئي کاڌا، پٽ ڄمڻ ڪري زينت توڙي فضل محمد جي گهر جا ڀاتي ڏاڍا خوش ٿيا.

زينت ڄاتو ته وري ٻه مڙس جي ڪا نشاني مون سان ٿي، ۽ پرديس جي ڏکن ڏوجهرن ۾ ڪا سنگت، ڪا وندر ته ٿي. انهيءَ جو نالو محبوب علي رکيائين. هو ڏاڍو ملوڪڙو ٻار هو. جنهن ٿي ڪنيس، تنهن کي هن جي شڪل شباهت ۽ هن جي يتيمي ڏسي مٿس ڪهل پئي آئي.

ويم ۾ ٻه زينت بانوءَ کي انهيءَ گهر جي ڀاتين چڱي مدد ڏني، جهڙي ڪو مائٽ مائٽ کي ڏئي. هن ويچاريءَ سندن گهڻي شڪرگذاري ڪئي ۽ هنن سان ملي رهندي آئي ۽ هنن جي ٻارن کي پيئي پڙهائيندي هئي.

اسان مٿي چيو آهي ته فضل محمد جو شهر ۾ سکر سکرن سان رستو هو. انهيءَ طرح سندس زال صفوران جو ٻه سکرن جي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ جو رستو هو. شهر ۾ هڪڙو ميمڻ سيٺ حاجي ڏوسل نالي هوندو هو. انهيءَ جو بمبئي ۽ ٻين ولايتن سان واپار هلندو هو ۽ هزارن جو خاوند هو. هن جون جايون مڏئيءَ ۾ ٻه گهڻيون هونديون هيون، جتي ڪڏهن ڪڏهن هو مهينن جا مهينا وڃي رهندو هو.

هو وڏو نمازي ماڻهو هو ۽ ٻه حج ٻه ڪيا هئائين. هن کي ڪا پورهيت گهربي هئي. هڪڙي ڏينهن اهڙي ڳالهه انهيءَ سيٺ جي گهر ۾ مائيءَ صفوران جي آڏو چوري، هن چيو ته "اسان وٽ هڪڙي زال آهي، پر ڏاڍي اشراف نمازڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جي هوشيار آهي. اسان جي ٻارن کي پڙهائيندي آهي. ننڍڙو ٻار ٻه ساڻ اٿس، جي راضي ٿي ته انهيءَ جي ٻانهن اوهان کي آڻي ڏينديس، پوءِ اوهان کان جيڪي پڄي سگهي، سو هن جي حق ۾ ڪجو." هنن قبول ڪيو.

صفوران گهر اچي زينت بانوءَ سان ڳالهه ڪئي ۽ سيٺ جي گهر جي تعريف ڪرڻ لڳي. زينت بانو هن جي گهر ۾ نهي ويئي هئي، ۽ پيو اهنج به ڪونه هوس. اهائي جاءِ هئي، جتي مائٽن جي ڊار ٽيڻ ڪان پوءِ به- تي ڏينهن آرام ورتو هئائين، تنهنڪري اتان نڪري وڃڻ به پسند نه هوس. مگر جڏهن معلوم ٿيس ته هتي آءُ وڏيڪ آسودي به رهنديس، ۽ سيٺ جي معرفت سگهو چرڪو بمبئي يا ڪراچيءَ وڃڻ جو به وجهه لڳي ويندم، تڏهن صفوران واري رٿ قبول ڪيائين.

صفوران به زينت مان ڪڪ نه ٿي هئي، جنهن ڪري هن کي اهڙا ڏس ٽي ڏنائين، پر انهن کي به پڪ هئي ته هيءَ سکر گهر جي آهي، اتي وڏيڪ سکي رهندي ۽ نيٺ وڃي مطلب کي به رسندي، تنهنڪري اها صلاح ڪئي هئائين.

پوءِ ته ٻئي ڏينهن زينت کي سيٺ حاجي ڏسول جي گهر وٺي ويئي. سيٺ توڙي سندس گهر جا ڀاتي هن کي ڏسي خوش ٿيا ۽ سندس ڳالهين مان سهي ڪيائون ته هيءَ بيشڪ اشراف آهي، نتهنڪري هن جي گهڻي خاطرداري ڪيائون. هن کي ڇهه روپيا پگهار پيٽ جي ماني، ڪپڙو گندي ٻڌي ڏنائون. اتي به هن کي ٻارن پڙهائڻ جي ڪم تي رکيائون، جو گهر ۾ ٽي- چار ڇوڪريون هين، انهيءَ کان سواءِ پيو به اتي- وٺيءَ جو هلڪو ڪم هيءَ ڀاڻهي پيئي ڪندي هئي، جهڙو پاڻي پيارڻ ٻارن جا ڪپڙا سبڻ ٻارن کي وهنجارڻ.

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته فضل محمد جي گهر کان زينت بانو هتي سکي هئي ۽ جهڙي هن گهر ۾ محبت ملندي هيس، انهيءَ کان گهٽ هتي به نٿي مليس. ڏينهن پٺي هنن سان به نهي ويئي، سندن گهر- ڀاتي ٿي ويئي.

-*-

## باب يارهون

# جيل ۾

سيٺ ڏوسل جي گهر ۾ زينت بانو تقريباً ٻارهن مهينا رهي. هن کي اگرچہ سک ۽ مشغولي گهڻي هئي ۽ پنهنجي اولاد جي وندر بہ ججهي هئي، انهيءَ هوندي بہ پنهنجن مٽن عزيزن کي وساريو ڪين هئائين. پئي انهن ڏي وڃڻ جا وجهہ ڳوليندي هئي. ہہ۔ ٽي ڀيرا تہ سيٺ پاڻ بہ هن کي چيو تہ "مائي! جي تنهنجي مرضي هجي تہ توکي بمبئي يا ڪراچيءَ روانو ڪري ڇڏيون، جو مڏئي وٽان آگبوٽ لنگهندا آهن." پر زينت بانو پئي چيو تہ "اجا تہ اوهان سان منهنجي روزي لکيل آهي، ڪنهن ڏينهن اوهان کي آءٌ پاڻيهي عرض ڪنديس."

هن جو مطلب هو تہ جڏهن في الحال خير سان وقت پيو گذري، تڏهن پلي ساه پٽي، ہہ۔ ٽي پئسا بہ گڏ ڪريان، متان ڪا ويل نہ ڪنهن جهڙي! سو هينئر پنهنجي پگهار مان ٿي سٺ۔ ستر رپيا گڏ ٿيا هئس، چالاڪ جو ڪپڙو گندي، ڪاڏو پيتو ڏار هنن کان ملندو هوس. نيٺ هڪڙي ڏينهن مائٽ اچي ياد پيس ۽ مڙس جي محبت اچي دل تي چڙهيس، روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ٿي پيس.

انهيءَ اياڻڪي حالت ۾ سيٺ جي زال کي اچي عرض ڪيائين تہ "مائي هاڻي مون کي موڪل ڏيو تہ آءٌ پنهنجن مائٽن ڏي بمبئيءَ وڃان ۽ سيٺ کي پارت ڪر تہ مون کي اوڏي روانو ڪري" هن مائيءَ سيٺ کي سمجهايو. سيٺ تہ اڳيئي انهيءَ ڪم لاءِ تيار هو. هفتي کن جي اندر هڪڙو ڪناري وارو آگبوٽ ڪراچيءَ کان هليل اچڻو هو.

مڏئي يا جنهن کي ماندوي ۾ سڏيندا آهن، سو وڏو بندر آهي، جتي آگبوٽ اچي بيهندا آهن. جيئن مٿي چيو ويو آهي، تہ اهو ٻيج کان ارڙن ڪوهہ پري آهي، ۽ وچ ۾ شاهي سڙڪ لڳي پيئي آهي ۽ انهيءَ مڏئيءَ ۾ سيٺ جون جايون جڳهيون هيون ۽ سندس ماڻهو رهندا هئا.

زينت بانوءَ کي سيٺ پنهنجي ڪنهن مائٽ سان مڏئيءَ ڏي موڪليو ۽ ان کي سمجهايائين تہ ”هن مائيءَ کي ٽڪيٽ وٺي چاڙهي، پيو ڪو سجاڻ جاڻ ويندڙ هجي تہ ان کي پارت ڪري پوءِ اچجئين.“

زينت بانو سنيري، سيٺي کان موڪلائي ٻار ڪڇ تي ڪري هلي. هلڻ مهل گهر وارن ساڻس ڏاڍيون ڀلايون ڪيون. ڏهـ- پندرهن رپيا روڪ ۽ ٻہ- ٽي وڳا ڪپڙن جا بہ انعام طور ڏنائونس. هيءَ انهيءَ ئي ڏينهن اچي مڏئيءَ پهتي. سگهوئي آگبوٽ بہ آيو. هن کي آٽي آگبوٽ تي چاڙهيائون. پيا بہ ڪي ڪيچي مهاڻا سيٺ جا واقف اتان چڙهيا، تن کي سيٺ جي طرفان سندس مائٽ هن مائيءَ جي گهڻي پارت ڪئي. نيٺ آگبوٽ لنگر کڻي روانو ٿيو ۽ سيٺ جو مائٽ، زينت بانوءَ کي امانڻ آيو هو سو موٽي ڪناري ڏي ويو.

ٻئي ڏينهن ٻنپهرن کان پوءِ آگبوٽ اچي بمبئيءَ پهتو. گهڻائي ماڻهو آگبوٽ تي چڙهي آيا ۽ پنهنجن جاڻن سڃاڻن کي ڳولي هٿ ڪيو پئي لاٿائون. ويچاريءَ زينت کي بہ دل ۾ آيو تہ ”جي منهنجي مڙس کي خبر هجي ها تہ جيڪر مون کي بہ وٺڻ اچي ها.“ وري چيائين تہ ”اڳئين پيري هنن ماڻهن وانگي آيو هوندو مون کي نہ ڏسي گهڻو ارمان ٿيو هوندس. هاڻي الائجي ڪٿي هوندو ڇا ڪندو هوندو؟ يا موٽي حيدرآباد ويو هوندو.“ پر انهيءَجي گهڻو ڪري پڪ هيس تہ موٽي نہ ويو هوندو ڇالاءِ جو مڙسس کي بمبئيءَ ۾ ڪن ورهين تائين گهر ڪري رهڻ جو ارادو هو. سو هينئر خدا تي ڪم رکي، توڪل ڪري اچي اتي نڪتي هئي.

آگبوٽ ۾ جيڪي رفيق هئس ۽ جن کي سندس پارت ڪئي هئائون، تن هن کي پاڻ سان گڏ بتيلي تي چاڙهي آڻي بندر تي لاٿو. زينت بانوءَ کي ڦول گليءَ ۾ ويٺو هو ۽ هنن ماڻهن کي ميمڻ محلي ۾ لهڻو هو سو هڪڙي گاڏي ڀاڙي ڪري ميمڻ محلي تائين تہ گڏ آيا. پوءِ هو لهي پيا ۽ گاڏي واري کي اڳواٽ پئسا بہ ڏيئي ڇڏيائون ۽ چيائونس تہ ”هن مائيءَ کي ڦول گليءَ جي منهن وٽ لاهي ڇڏجئين.“

گاڏيءَ واري اڳيرو وڃي، هڪڙي گهٽيءَ جي منهن وٽ زينت بانوءَ کي لاهي ڇڏيو. هن کي چيائين تہ ”ڦول گلي اها اٿئي.“ حقيقت ڪري ڦول گلي اڃا

پري هئي، پر بمبئيءَ جي گاڏيءَ وارن سان خدا شال ڪنهن جو پلو نہ اٽڪائي. ڏاڍا لُچا ٿيندا آهن. هن ڏنو تہ مون کي پنهنجا پئسا ملي ويا آهن ۽ زال بہ غير واقف ٿي ڏسجي. چالاڪ ايترو هلاڪ ٿيان." اتيئي لاهي ڇڏيانس.

هو تہ گاڏي هڪلي هليو ويو. زينت بانو ٻار ڪڇ تي ڪري لهي پئي. هوءَ پاڻ بہ ٻُکي هئي ۽ ٻار بہ بکيو هوس. تنهنڪري ٻہ- ٽي آنا ڪڍي ڪنهن گهورڙيي کان ٽورا ڪماند جا ڇليل ٽڪر ۽ ڪيوڙن جون ڦريون ۽ ڪتل وٺي جهوليءَ ۾ ڪنيائين. هڪڙي ڦري ڪٽي ٻارجي هٿ ۾ ڏنائين. جو کائيندو هليو ۽ پاڻ ڪماند جا ٽڪر کائيندي هلي.

هن گهٽيءَ جي ڦهرئين ٻن هٽن تان پڇا ڪئي. اتان جواب مليس تہ ڦول گلي ڀينڊي بازار جي وچ ڌاري آهي. سو هتان هيءَ گهٽي ڏيئي وڃي ڀينڊي بازار ۾ پئي پوءِ سڌي هلي وڃ. هن ويچاريءَ ايئن ڪيو. گهٽي وٺي اچي بازار ۾ پيئي.

ڪنڊ تي پهچڻ کان اڳي هڪڙو اتفاق ٿيو جو ڪنڊ واري هٽ تي ميوو ۽ ٻيو وکر ڪاڏي جو رکيو هو تنهن مان ڪال زال گوڙ ۾ هلندي جهٽ ڏئي ڪيوڙي جو ڇڳو ۽ مٺ ڪتل جي ڪٽي اٿي پڳي هئي. هٽ وارو ڪم سان اندر ڪوٺيءَ ۾ هو نندڙو ڇوڪر سندس هٽ تي هو تنهن ڌانهن ڪئي، تنهن تي اندران هٽ وارو بہ نڪتو سو هٽ تان لهي هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳو.

اها زال تہ گوڙمان ڪسڪي، ٻي ڪا گهٽي ڏيئي هلي ويئي، پر زينت بانوءَ جا هاٽي ورڪائي اچي ڀينڊي بازار ۾ پئي هئي، ۽ پاسو ڏيو هلي ائي. تنهن کي آٽي هن ٻانهن کان ورتو ڀانيائين تہ اها آهي. هن کي چيائين تہ "تون چور آهين." هن چيو تہ "آءٌ غريب مسافر آهيان." هٽ واري کي ڪيوڙو ۽ ڪتل ڏسي پڪ ٿي؛ "فرياد فرياد" ڪيائين تہ هڪڙو- ٻہ پوليس جو سپاهي اچي نڪتو. جهولي پٽي سندس ڪيوڙو ۽ ڪتل هٿ ڪيائون ۽ پڇيائونس تہ "هي ڪٿان آندا اٿئي؟" هن چيو تہ "ملهہ ورتا اٿم." پڇيائونس تہ "ڪنهن کان ورتا اٿئي. هلي ڏيکار." پر هو تہ گهور وارن مان هو جي هلندي وڪرو ڪن، سو الائجي ڪيڏي ويو. ويچاري لاجواب ٿي؛ ٻيو وري هندستاني برابر ڳالهائڻ نہ پئي اچيس، نہ هنن جي ٻولي برابر سمجهي سگهي، گوڙ ۾ موڳي ٿي ويئي.

هن کي توڙي فريادي کي پوليس وارن پاڻ سان کنيو. ويجهي ٿاڻي تي وٺي آيا، اتي هن کان پڇاڳاڇا ٿي. هٿ واري پنهنجو ڇوڪر ۽ هڪڙو ٻيو شاهد ڏنو جن چيو ته اسان انهيءَ زال کي ڪٽندو ڏٺو جنهن قسم جو مال چوري ٿي ويو هو سو به هن زال وٽان ۽ هيءَ وري هئي به ننڍڙڪي، ۽ غير واقف. سو ڀانيائون ته فقيرياڻي آهي، جا ڪنهن ظاهري گذر اپاءَ کان سواءِ گهمندي وتي. وري وٽائنس سٺ- اسي روپيا به ليپي پيا. هيڪاري پڪو شڪ پيئن ته هيءَ ڪا خراب چال واري آهي، جهلي ڪورٽ ۾ رجوع ڪيائونس.

ٻئي ڏينهن مقدمو هليو. فريادي جا شاهد گواهه پڇيا ويا. هن ويچاريءَ جو خدا کان سواءِ نڪو شاهد نڪو گواهه نڪو واقف، نڪو سڃاڻو. گهڻوئي بچاءَ ۾ دانهون ڪيائين، حجت دليل ڏنائين، پر هڪڙو ته سندس ٻولي پوريءَ طرح نه سمجهن، ٻيو وري قاعدي موجب بچاءَ جو شاهد ڪونه هوس، تنهنڪري هڪ مهينو قيد ملي ويس. روپيا، شڪ ۾ چوريءَ جا ڄاڻي ضبط ڪيائون ۽ ڪيوڙو ۽ ڪتل فريادي کي ڏياريائون. ويچاريءَ منهن مٿو پٽيو پر ڪنيڙين کان وڌي، ٻار سوڌو وڃي جيل ۾ وڌائونس.

جيل ۾ زنانو گهر مڙسن کان ڌار هو. هتي اڳيئي پنج- ڇهه قيدياڻيون ٻيون هيون، تن سان زينت به وڃي گڏي. سندس ڪپڙا لهرائي قيدين جا ڪپڙا ڍڪاياٿونس. پهريائين چار- پنج ڏينهن سخت پورهيو ڪراياٿونس، جنهن ڪري هٿ ئي لڦن سان ڀرجي پيس. پوءِ هلڪي هلڪي ڪم تي رکيائونس. سندس ٻار جي سنڀال به سرڪار جي طرفان ٿيندي هئي. مگر هو اڪثر ساڻس رهندو هو تنهن ڪري هن جي هانو کي وري به ڪو ڏڍ هوندو هو.

ويچاريءَ پنهنجي ڦٽل نصيب تي پئي رُنو. چوندا آهن ته هن دنيا ۾ ڏک ايندا آهن، ته هڪيئي پٺيءَ ڪاهي اچي ڪنڌ تي ڪڙڪندا آهن: سو سچ آهي. اجا هڪڙيءَ بلا مان مس ڇٽي، ته ٻيءَ ۾ اچيو ڦاسي. وري به شاباس هجيس، جو سڀ مصيبتون سر تي ڪٽي صبر ۽ تحمل سان ڏينهن ڪاٽيو آئي.

هن ويچاريءَ پئي ڏينهن ڳڻيا، ته ڪڏهن بند مان نڪرنديس. آخر مهينو پورو ٿيو ۽ زينت جي ڇٽڻ جو ڏينهن آيو. پنهنجا ڪپڙا ڍڪيائونس ۽ موڪل ڏنائونس. انهيءَ ساڳئي ڏينهن هڪڙي ٻي قيدياڻي به ڇٽي. جيل ۾ رهي

زينت هن سان واقف ٿي وئي هئي. هوءَ بہ بمبئيءَ جي تر جي هئي. ڪا هندستاڻ ٿي ڏٺي، تنهن هن کي چيو تہ "آءٌ توسان گڏجي هلنديس، هلي توکي قول گلي ڏيکارينديس." سي هاڻ ٻيئي گڏجي اتي هليون.

گهڙيءَ ۾ اچي قول گليءَ جي منهن وٽ نڪتيون. اتي هن کي ڇڏي هوءَ ٻي زال هلي ويئي، جا قيد مان ڇٽي هئي ۽ گهر موٽڻ لاءِ تڪڙي هئي. زينت بانوءَ وري بہ ٻن- ٽن دڪانن وارن کان پڇي پڪ ڪئي، تہ قول گلي برابر اها آهي. پڪ ڪري پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس علي رضا جي پڇا ڪرڻ لڳي.

قول گليءَ جي منهن وٽ پهريون هٽ جيڪو هو، سو هڪڙيءَ سرهاڻن وڪڻڻ واريءَ زال جو هو. انهيءَ جو نالو چاند بيبي هو. اها مرداني ۽ چڱي زال ڏٺي ٿي، تنهن کان وڃي زينت پڇيو تہ "مائي، هن گهٽيءَ ۾ هڪڙو ماستر علي رضا نالي سنڌ جو ماڻهو رهي ٿو، تنهن جي گهر جو پلائي ڪري ڏس ڏينديئن؟"

هن چيس تہ "هائو مائي، اهو مون کي سجهي ٿو، هتي برابر رهندو هو پر گهڻا ڏينهن ٿيا، جو لڏي ويو ۽ وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ جاءِ ورتي اٿس، سندس اصلوڪو گهر بہ پري ناهي، او اهيو پريان هن ماڙيءَ تي هوندو هو. پر هينئر منجهس ٻيا ماڻهو ويٺا آهن."

وري پڇڻ لڳيس تہ "ڇو مائي، تون انهيءَ جي واقف آهين ڇا؟"

زينت بانوءَ چيو تہ "هائو مائي، آءٌ بہ سنڌ جي آهيان. هڪڙي پاڙي جا ويٺل آهيون. منهنجو هتي اچڻ ٿيو تڏهن ارادو ٿيم تہ هن وٽ وڃان، جو هتي منهنجو ٻيو واقف ڪونهي."

زينت بانوءَ ڄاڻي واڻي سچي ڳالهہ نہ ٻڌايس. پانئياڻين تہ منهنجو مڙس هتي آبروءَ سان هلندو چلندو هوندو. متان هي ماڻهو ڄاڻن تہ آءٌ سندس زال نڌڻڪي گهمندي ڦرندي وتان، ۽ هن جي خواري ٿئي، تنهن ڪري بدلائي ايئن ڳالهہ ڪيائين.

پوءِ تہ پاڻ ۾ هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪري ٿهي ويون. زينت بانوءَ کي هينئر ڪي بہ ڪين ٿي سجهيو تہ ڇا ڪريان! ههڙي وڏي شهر ۾ پلا مڙس جو پتو ڪيئن پئجي سگهندو! دل ۾ ٺهرايائين تہ في الحال ڪٿي گذارڻ جو بندوبست ڪريان، پوءِ جيڪا خدا گهري هوندي سا ٿيندي

چاند بي بي بہ چڱي زال هئي ۽ موچاريءَ وسعت واري هئي، تنهن جو زينت کي ههڙي حال ۾ ڏٺو ۽ ڄاتائين تہ هيءَ پرديس ۾ غير واقف آهي، تنهن کي متس ڪهل آئي. وري هن کي ڏٺائين بہ اشراف ۽ غريب. تنهن سچ لٽي تائين اُتيئي پاڻ وٽ ويهاريس ۽ پوءِ دڪان بند ڪري، هن کي ٻار سوڌو پاڻ سان وٺي پنهنجي گهر آئي، جو سندس هٽ کان گهڻو پري نہ هو.

چاند بيبيءَ جي گهر ۾ رڳو هڪڙي پاڻ رهندي هئي، ٻيو سندس پٽ، جو ڏينهن جو ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪمائڻ ويندو هو ۽ ٽين هڪڙي پورهيت هين ماني پچائڻ واري. پٽس پرٽيل هو پر مهينو- ڏيڍ ٿيو هو جو سندس زال هڪڙي ننڍڙي ڌيءَ ڇڏي مري ويئي هئي، سو اڃا انهيءَ جي سوڳ ۾ هو. انهن ٽياتين سان زينت بانوءَ جو هاڻي اچي گذر ٿيو.

هن وٽ هتڙ ۾ پئسو ڪونہ هو تنهن ڪري هو ماني ڪارائيندا هئس، ۽ پاڻ هنن جي گهر جو جيڪو پورهيو مناسب ڄاڻندي هئي اهو ڪندي هئي، ۽ هن ٻئي ننڍڙي ٻار جي سنڀال بہ ڪندي هئي، جنهنڪري چاند بيبيءَ جو پٽ هن پنهنجيءَ مهمانڻ جو گهڻو شڪر گذار هوندو هو.

هفتي- ٻن جي آزمودي مان چاند بيبيءَ کي زينت جي اشرافت ۽ نمڪ حلالي چڱيءَ طرح معلوم ٿي ويئي، سا هاڻ هن کي پاڻ سان مدد لاءِ هٽ تي وٺي نيئي ويهارڻ لڳي. بعضي وقت تہ پاڻ ڪنهن پاسي هلي ويندي هئي ۽ زينت پيئي سودو ڏيندي هئي، جو هوءَ ڏسي ڏسي واقف ٿي ويئي هئي.

پاڙي جي هڪڙي ٻي بہ زال چاند بيبيءَ جي ذات جي هوندي هئي، جا اڪثر وٽن اچي رهندي هئي. اها شهر جي البت واقفڪار هئي، ۽ چڱن چڱن گهرن ۾ پورهيت ٿي تہ ڪمايو هئائين. تنهن هڪڙي ڏينهن ڳالهين ڪندي زينت بانوءَ کي چيو تہ "مائي، هتي تون رڳو پيٽ تي پيئي ڪمائين، ڇو نہ ڪٿي پورهيت بيهين؟ ٻہ- ٽي روپيا مهيني ۾ نڪري پوندءِ" بمبئيءَ جهڙي شهر ۾ پنهنجي پئسي کان سواءِ مڙئي ڪوڙ آهي."

زينت بانوءَ چيو تہ "مائي، سچ آهي، مگر منهنجو هتي واقف ڪونهي. تنهن کان سواءِ اڄ ملڪ ۾ اشرافت ڪانہ رهي آهي، ڪو سڪر گهر هجي تہ جيڪر ڇو نہ بيهان."

هن مائيءَ چيوتہ ”منهنجي هڪڙي ساهيڙي آهي، اها آياجو ڪم ڪندي آهي، تنهن ٿيون ڏينهن مون کي چيو هو تہ ”ڪنهن سکر ماڻهوءَ کي اشراف پورهيت گهرجي، سو ڪا هٿ لڳيئي تہ مون کي ٻڌائج. پگهار چڱو ملندس.“

زينت بانوءَ چيوتہ ”مائي، جي اهڙي ڳالہ آهي ۽ گهر سکرن جو آهي، تہ آءٌ خوشيءَ سان پورهيت ٿيهنديس.“

هن مائي ورندي ڏني تہ ”چڱو مائي، سڀاڻي صبح جو آءٌ هتي سوير ايينديس، تون سنڀري ويٺي هججئين تہ آءٌ توکي وٺي پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ هلنديس.“

اهو ڏينهن تہ خير جو گذريو.

رات جو زينت بانو چاند بيبيءَ سان اها ڳالھ ڪئي، تنهن ڏوراپو ڏنس تہ ”متان اسان وٽ بک هيئي تنهن کان پڳي آهين؟“ پر هن چيس ”آءٌ تہ اوهان وٽ ڏاڍي سکي هيس. اوهان جو گهر پنهنجو گهر ٿي ڄاتان. پر آخر اوهين پنهنجن ٻارن ٻچن وارا آهيو. گهڻائي ڏينهن مون نڌڻڪيءَ سان اوهان ڀلائي ڪئي. هاڻي جڏهن ڀاڻيهي حق- حلال جي پورهيي جي آڇ ٿي آهي، تڏهن ڇو نہ اُهو هٿ ڪريان؟“

انهيءَ طرح رات جو هنن کان موڪلائي ڇڏيو هئائين. صبح جو سوير اها مائي هٿ تي آئي، تنهن سان گڏجي پنهنجو ٻار ڪڇ تي کڻي هلي.

ٻہ- ٽي گهٽيون لنگهي ٻيئي ڄڻيون هڪڙي گهر ۾ گهڙي ويون، اتي هوءَ ٻي مائي آيا ويٺي هئي، ٻي هڪڙي ڇوڪري ٻہ وٽس هئي، ٻيو ماڻهو اتي ڪونہ هو. هن زال انهيءَ کي چيو تہ ”ادي، پورهيت توپڇي ٿي، سا اجها“ هن چيو تہ ”ادي چڱو جو تون آئينءَ. آءٌ ٻہ تنهنجي دلاسي لڳي ويٺي هيس، نہ تہ ويس ٿي هلي. هاڻ مائي تڏهن اُٿ تہ هلون.“

هي ٻيئي اُٿيون ۽ هوءَ اڳين زال موڪلائي هلي ويئي.

-*-

باب ٻارهون

# ميلاپ

آيا ۽ زينت بانو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون بازار ڏيئي هليون. پهريائين تہ هڪٻئي جو حال ڏنائون ورتائون، پوءِ زينت بانوءَ پڇيس تہ "مائي، اهو ڪنهن جو گهر آهي، جتي پورهيت گهرجي ٿي؟"

آيا چيو تہ "مائي، هڪڙو ماستر آهي، هتي اچي ورهيہ ٻن ڪان رهيو آهي، هو ٻارن ٻچن وارو آهي. زال اٿس، ڌيءَ اٿس، ماءُ اٿس ۽ هڪڙي پورهيت اٿس. وڏا اشراف ٿا ڏسجن ۽ پنهنجيءَ وارا بہ آهن. اِءُ سندن گهر ويندي آهيان، جو سندس زال سان منهنجي ڏيٺ آهي. ٿورا ڏينهن ٿيندا جو ٻار جي لاءِ هڪڙي پورهيت رکي هئائون، پر اها سگهوئي ڇڏي وين، ٻيءَ جي ڳولا ۾ آهن. مون کي بہ منٿ ڪئي هئائون تہ اسان کي ڪو اشراف ماڻهو ڳولائي ڏي"

زينت پڇيو تہ "ٻار ڪيڏو آهي؟"

آيا چيو تہ "ننڍڙو آهي، ڄائي چار- پنج مهينا مس ٿيندس."

زينت وري پڇيس تہ "مائي، انهيءَ ماستر جو نالو ڇا آهي؟"

آيا ورندي ڏني تہ "مائي، نالو تہ مون کي نٿو اچي، باقي سندس زال جو نالو عزت بي آهي."

زينت چيو تہ "پوءِ ادي! اها مائي ڪهڙي هنڌ جي آهي؟"

آيا جواب ڏنو تہ "اها مائي هتي جي رهاڪو آهي. سندس پيءُ هڪ اشراف دکني آهي، ذات جو شيخ آهي، تنهن سان ماستر جو رستو هو پوءِ تہ نيٺ پاڻ ۾ مائٽي ٿي وين."

اهي ڳالهيون ٻڌي زينت بانوءَ پنهنجي دل ۾ اهو ويچار ڪيو تہ "لاشڪ اهو ماستر منهنجو مڙس علي رضا آهي، جو مون کي مئو ڄاڻي هتي پرڻيو آهي ۽

ڏيءَ بہ ڇائي اٿس." انهيءَ ڪري هن ڪي دل ۾ نهايت گهڻي خوشي بہ ٿي، جو ڄاڻائين تہ جنهن مڙس سان منهنجي هيتري دل هئي، ۽ جنهن لاءِ هيتري جاکوڙ پئي ڪئيم، تنهن سان نيٺ ملڻ جو وقت نزديڪ اچي ٿيو آهي. پر پوءِ هيءَ ڏک بہ ٿيس تہ "جڏهن بي زال پرڻيو آهي، تڏهن الائجي مون سان خاطر ٿئيس يا نہ پيو تہ ساڳئي گهر ۾ ۽ پهاج سان گڏ رهڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. تنهن ڪان سواءِ آءُ جو هيترا ڏينهن ڪانئس ڌار رهي آهيان ۽هو ٻڌندو تہ آءُ ڪهڙن ڪهڙن خراب ماڻهن جي چنبن ۾ پئي رهي آهيان ۽ وري اتان نڪتي آهيان تہ شايد هن ڪي منهنجي پاڪدامنيءَ ۾ شڪ پيو تہ عجب ڪونهي. تنهنڪري يا تہ مون ڪي پاڻ وٽ رکندو ئي ڪين يا جي رکيائين تہ بہ محبت ڪانہ ڏيندو رڳو عذاب سهڻو پوندو."

نيٺ اهي ڳڻتيون ڳڻي، دل ۾ ٺهراءُ ڪيائين تہ "آءُ پاڻ ظاهر نہ ڪريان، پورهيت ٿي وڃي وٽن ويهان.ا گرچہ پهاج جي اڳيان ڪمائڻ ڏکيو آهي، پر تڏهن بہ مون ڪي پنهنجي مڙس ڏي ڏسڻو آهي. جڏهن ڪو مناسب ۽ سٺائو وجهہ ڏٺم، تڏهن ڪٽي ظاهر ٿينديس. تيسين پنهنجو نالو زينب ڪٽي رکنديس، جو زينت جي نالي کي ويجهو بہ آهي. آءُ ڳالهائيندينس بہ ڪٽي هندستاني، جو هتي گهڻا ڏينهن رلڻ پنڻ ڪري مون کي چڱي موچاري اچي بہ ويئي آهي ۽ هن جي زال بہ دکنڻ آهي، سو گهر ۾ اڳيئي هندستاني ڳالهائيندا هوندا." ائين ڪندي هي ٻيئي ڄڻيون اچي ماستر علي رضاجي گهر وٽان نڪتيون.

حقيقت جي ڳالهہ بہ ائين هئي، جيئن زينت بانوءَ انهيءَ ماستر بابت دل ۾ سمجهي هئي. اهو گهر برابر علي رضاجو هو مائٽ جي آئي ڪان پوءِ ويچارو پهريان ڏينهن تہ زال کي ياد ڪري پيو ڳرندو هو ڏينهن جا ڏينهن هنن جي گهر ۾ ماتم هو مهيني کن جي اندر هنن قول گليءَ وارو گهر ڇڏي ڏنو جو ماڻس چيس تہ "اهو گهر نياڳو آهي، جنهن ۾ روئندي اچي داخل ٿيا آهيون." سو نڪري، وري اچي بازار جي هن پر بابلا تلاءَ جي پاسي ۾ هڪڙي جاءِ ياڙي ڪري وينو جا اڳي کان بهتر هئي.

ماڻس تہ پرينديءِ شرط گهڻا زور ڪيس تہ موٽي وطن هلون. چيائينس تہ "ابا، هيترن ماڻهن تي چيئي تہ آرام سان، گهر ويٺي الله ٽڪر پيو ڏئي، سو ڇڏي، گهٽي جي لالچ تي پرديس ۾ نہ وڃ. پر تون نہ رهئين، نہ تہ ههڙي جٽ نہ ٿئي ها. پيو تہ اوهين نئين پوچ پيدا ٿيا آهيو سي ڏاڍا ڏنگا آهيو. شاديءَ جا سڳڻ ساٽ بند ڪرائي ڇڏيو رڳو دهل جو بہ ڏونڪو نہ لڳو. گهڻن مون کي چيو تہ نياڳي، خراب ڪم تي ڪرين، سوڻن سڳڻن جي ڳالهہ اٿئي، سنيالج. پر مون نہ سنيالو. اوهان جي انگلن ڏي ڏنم. هاڻ اها ساڳي بدسوٽي پيش آئي!"

علي رضا تہ ماٺ ڪري اها ڪاوڙ سٺي، جواب ڪونہ ڏنائين، جو اها ڏک جي مهل هئي. ٻئي گهر ۾ بہ ٻہ- چار مهينا رهيا. نيٺ ٿورو ٿورو ڪري زينت کي وساري، سهسائي ويهي رهيا. زماني جود ستور بہ ائين آهي، ٻارو هي ڪنهن لاءِ ڏک ڪين ٿو رهي. جيترو ڪالهہ هو اوترو اڄ ناهي، جيترو اڄ آهي، اوترو سڀاڻي نہ هوندو.

علي رضا جو ڪم چڱيءَ طرح پٽي هليو گهٽي معرفت شهر ۾ ٿي ويئي هيس. پئسو بہ چڱو مورچارو گڏ ڪيو هئائين، تنهنڪري پنٽي موٽڻ جو ارادو في الحال بند ڪري، هتي جو رهاڪو ٿي رهڻ لڳو.

هڪڙي دکني ماڻهوءَ شيخ شهاب الدين نالي سان رستو ٿي ويو هوس. هو چڱو ماڻهو هو. بمبئيءَ جو رهاڪو هو ڪنهن ڇاپخاني ۾ ڀائيوار هوندو هو جنهن مان چڱي پيدائش هوندي هيس. انهيءَ کي ڌيءَ عزت بي نالي هئي، تنهن سان شاديءَ جو بندوبست ڪيو هئائين. هوءَ بہ جوان ۽ خوبصورت ۽ نرم سڀاءَ واري ڇوڪري هئي. هندستاني چڱي طرح لکي پڙهي ڄاڻدي هئي. تنهن مان هڪڙي ڌيءَ بہ ڄائي هيس، جنهن جو نالو آمرازادي رکيو هئائين.

علي رضا جو مامو جو سندس ٻار پهچائڻ آيو هو سو بہ ٻہ مهينا ساڻس گڏ رهي، وري ڳوٺ هليو ويو باقي سندس ماءُجان بيبي ۽ سندس دائي ساڻس هيون. مريم ماني ٽڪيءَ جي ڪم تي هئي،تنهن ڪري هنن ٻي هڪڙي پورهيت رکي هئي، جا اُٽيءَ ويٺيءَ جي ۽ گهر جو پيو ڪم ڪار بہ ڪندي هئي ۽

پوءِ جڏهن ٻار گهر ۾ تيو تڏهن ٻار بہ سنڀاليندي هئي. پر اُها هاڻي ڇڏي ويئي هين، هو ٻيءَ جي تلاش ۾ هئا، متين آيا شيخ شهاب الدين جي گهر جي واقف هئي، پوءِ سندس ڏيءَ جي خاطر هن گهر جي بہ واقف تي، تنهن کي کنهن پورهيت لاءِ سوال ڪيو هئائون، سا هاڻ زينت بانوءَ کي هٿ ڪري سندس گهر تي آئي.

جڏهن هي ٻيئي اندر ويون، تڏهن گهر جا ڀاتي سڀ حاضر هئا. آچر جو ڏينهن هو. علي رضا بہ گهر ۾ هو پر متي ماڙي تي پنهنجي جاءِ ۾ هو. لکڻ پڙهڻ جو ڪم تي ڪيائين. مائي هيٺ آئي. آيا مائيءَ کي چيو تہ ”هيءَ پورهيت اوهان جي لاءِ آندي اٿم. مون کي بہ هن جي ٻانهن ڪنهن ٻيءَ سهيليءَ ڏني آهي. پر جهڙي اوهان تي ڳولي، اهڙي آهي. رهندي بہ اوهان وٽ. پنهنجي ٻار واري آهي، سا اوهان جي ٻار جي سنڀال بہ چڱي ڪندي ۽ ٻيو جيڪو ڪم ڪار چوندوس اهو بہ پئي ڪندي هاڻي پنهنجو پگهار ٻولائي ڇڏيوس.

مائيءَ هن کان مختصر خبرچار ورتي. پگهار پنج روپيا ۽ پيٽ جي ماني نهرايائين. علي رضا کي خبر ڪيائون، سو بہ لهي آيو. تنهن بہ هنن جي ڳالهہ ٻڌي قبول ڪيو. پوءِ آيا بہ ستت ئي موڪلائي هلي ويئي.

زينت بانوءَ سان گهر جا ڀاتي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ٻار بہ ساڻس هو تنهن جو پڇيائونس، هو تمام وڻندڙ ٻار هو جهڙو نالو محبوب هوس، اهڙو محبوب هو. تنهن ڪري ويجهو اچي انهيءَ سان کيڏڻ لڳا. هو کلڻ ۽ ڏانهن اهلرون ڪرڻ لڳو. تنهن کي علي رضا ۽ ٻين کنيو چميون ڏنائونس ۽ ٽول هٿ ۾ ڏنائونس ۽ پورهيت کي جس شابس ڪري سندس ڪم ڪار سمجهائي ڇڏيائون، سا انهيءَ مهل وڃي مريم وٽ ويٺي.

زينت بانوءَ جي نڪا سونهن نڪا جواني گم تي وئي هئي، جدا ٿئي بہ ورهيہ کن مس ٿيا هئس، پر هيترا ڪشالا ۽ هيڏا جاکوڙا جي ڪيڍيائين، پنڌ ڪاٽيائين، جنڊ ڪيڍيائين، ڏک سٺائين، تنهن ڪري بيشڪ سندس شڪل جهڪي تي ٿري وئي هئي ۽ هينئر ٻيو نالو هوس، ٻي ٻولي هيس، ٻي حالت هيس،

تنهن ڪري جن ساڻس گڏ گذاريو هو سي بہ پلجي ويا. وري هنن هن کي مئو سهسايو هو پڪ هين تہ ٻڏي ويئي. هنن جي وري ڏسڻ جي اميد ئي ڪانہ هين. تنهن ڪري امڪان ڪونہ هو تہ هن کي سڃاڻن. انهيءَ هوندي بہ هنن کي هن جا ڪي مهانڊا پئي دل ۾ لڳا. جيئن تہ هي ماڻهو ڪتي ڪو ڏٺو هجين. پر ياد نہ پوين. پر ماڻهو ماڻهن جهڙا. انهيءَ پاسي ڏي ڪنهن کي گمان بہ ڪونہ پيو.

آخر زينت بانو "زينب" جي نالي هيٺ پنهنجي مڙس ۽ ڀاڄ ۽ سس جي اڳيان پورهيت تي ڪمائڻ لڳي. مهيني کن جي اندر هن جي چالاڪي، نمڪ حلالي، اشرافت ۽ چڱي هلت ڏسي هن کي آفرين ڪرڻ لڳا. خاص ڪري هن جي نماز ۽ قرآن جي شغل ڪري منجهانئس خوش هئا. پر هن جي لڪپڙهہ ڄاڻڻ جي خبر ڪانہ هين. نڪو زينت بانوءَ کي انهيءَ ڳالهہ ظاهر ڪرڻ جو في الحال ارادو ئي هو.

جيئن وڏيڪ ڏينهن پوندا ويا. تيئن سيني جي محبت هن سان وڌندي ويئي. خود علي رضا بہ هن جي افعالن ۽ اخلاقن تي عاشق ٿي رهيو هو ۽ هن کي گهڻو پيائيندو هو. ڪنهن مهل تہ انهيءَ پورهيت کي ڏسي، هن کي پنهنجي زال بہ ياد پوندي هئي ۽ بہ_ ٿي پيرا انهيءَ بابت پنهنجي نئين زال سان ذڪر بہ ڪيو هئائين. جنهن تي هن چرچو ڪري چيس تہ "ڌيان ڪر. متان پلجي وڃين ۽ چڱي چڱي ڪري وڃي متس هٿ رکين! هن جي گهڻي تعريف ٿو ڪرين. تنهن ڪري مون کي ٿو شڪ پوي" هن ٻار جي بہ گهر جي پاتين سان. خاص ڪري علي رضا سان ڏاڍي دل ٻڌهي وئي. سو گهڻو ڪري هن سان کلندو ڳالهائيندو هو. پلا رت جي ڇڪي ڪتي تي لڪي سگهي؟

جان بيبيءَ تہ هڪڙي پيري اٿين بہ چيو هو تہ "هن نينگري جو نڪ ۽ اکيون ۽ ڳل ساڳيا اهڙا آهن. جهڙا علي رضا جا نندي هوندي هئا." ۽ هن سان چرچو ڪري چوندي هئي تہ "مائي. متان ڪا تو ۾ اسان جي لڇ بہ گڏيل آهي؟" هوءَ جواب ڏيندي هئي تہ "مائي، ڪا هوندي تہ خدا کي خبر!"

انهيءَ طرح هن کي اٺ مهينا گذريا. عزت بي پيٽ سان هئي، تنهن جي مدت بہ اچي پوري ٿي هئي، تنهن کي ويم جا سور اچي ٿيا، دائي گهرايائون، پر سور سخت ٿيڻ لڳا. بہ ڏينهن لنگهي ويا، تہ بہ ڇوٽڪارو نہ ٿيو. ڊاڪٽر کي آندائون، انهيءَ مٿا هنيا پار آ مهاڙو اچڻ لڳو نيٺ هيلن سان ڪڍيائون مئل نڪتو. عزت بي ويچاري ٽي ڏينهن سانده. تمام خراب حالت ۾ هئي، نيٺ رضا خدا جي، دم ڏنائين. هن جي مرڻ ڪري وري اچي هن گهر ۾ واويلا ٿي. ويچارا روئي پٽي ماٺ ڪري ويهي رهيا.

ننڍڙي ڌيءَ عزت بيءَ جي ويچاري ڇوري ٿي، تنهن کي ہاٿليءَ سان کير پيارڻ، توڙي ٻي سنڀال ڪرڻ ۾ زينت بانوءَ ڪين گهٽايو. پنهنجي ٻار کان بہ وڌيڪ خدمت ڪرڻ لڳس. جي زال جي جيئري ئي علي رضا کي هن پورهيت جو ڪپ هو تہ هاڻي زال جي مئي کان پوءِ ٻارڻ وڌيڪ ٿيو. سو هوءَ ماءُوانگي هن کي پاليندي هئي ۽ جان ٻيبي، جا سوڻ سگهڻ ڳنڍڻ واري هئي ۽ جنهن وري هن گهر کي بہ نياڳو ٿي سمجهيو سا بہ هن جي رهڻ ۾ گهٽو راضي هئي، تنهن ڪري زينت بانو ساڻن ڳنڍي آئي.

انهيءَ طرح پنج- ڇهہ مهينا گذري ويا. جا محبت ۽ الفلت گهرجي ياتين جي، خاص ڪري علي رضا جي زينت بانوءَ سان اڳي هئي، تنهن کان هاڻ وڌيڪ ٿي ويئي. عليءَ رضا کي هينئر زال جي رنڍڪ ڪانہ هئي، جوان پورهيت گهر ۾ موجود هئي، جنهن جي لڇڻن جي چڱي خبر هيس. هيترا ڏينهن ٻاڻ ٻارن ٻچن سان رهيو هو، تنهن ڪري هاڻ ڇڙو رهڻ تي دل نٿي چيس، زينت بانوءَ کان اڳيئي ڳالهين ڪندي هن کي معلوم ٿيو هو تہ هيءَ هينئر رنڙ آهي. هوءَ اگرچہ پورهيت هئي، پر گهر ۾ زال ئي وانگي ٻار جي سنڀال ڪندي هئي، توڙي جو ٻيو ڪم ڪار سندس حوالي هوندو هو. تنهنڪري علي رضا کي هن ڏي گهٽو خيال ٿي ٻيٺو. ماءُ سان صلاح ڪيائين. تنهن کي بہ اها ڳالهہ وڻي. مريم بہ کلي چيس تہ ”ابا، توکي ڪنواري ڪانہ ٿي ڦبي، من رنڙ ڦبئي!“ نيٺ ماءُ کي سمجهايائين تہ ”وجهہ ڏسي انهيءَ باب ۾ هن کي ڇوءُ ڏس تہ ڀاتي چوي“ اينتري پڪ هين، تہ اسان

سان ٿهي ويئي آهي، ظاهري ڪري ڏسجي ٻه نڌڪي ٿي، تنهن ڪري پورهيت جي درجي ڪان گهر جي ڏياڻي ٿيڻ ۾ گهڻو خوش ٿيندي.

هوڏي وري زينت بانوءَ دل ۾ پئي ويچار ڪيو ته عزت ٻي جي مرڻ ڪان پوءِ پاڻ ظاهر ڪرڻ جو چڱو وجهه آيو آهي. ۽ اهو ٻه خطرو هوس ته متان ڊرائي ڪريان، ۽ هو وري ڪنهن ٻئي هنڌ شاديءَ جو بندوبست ڪري ڇڏي، پر اڳوڻو ڏپ ٻه دل تان نٿي ويس ته متان منهنجي پاڪ دامنيءَ ۾ شڪ اچيس ۽ اٽلندو هن حالت ڪان ٻه خراب ٿيان.

نيٺ مڙس جي جا محبت هاڻي پاڻ ڏني هئائين، تنهن جي ڏِڍ تي دل ۾ اهو ٺهراءُ ڪيائين ته پوءِ ظاهر ٿيڻ ڪان هينئر ظاهر ٿيڻ بهتر آهي. انهيءَ رٿ ۾ هئي، ته ڪو خلاصو وقت ڏسي ڪنهن ڪاغذ تي پنهنجو ڏک ڀريو احوال لکي ڪٽي ڏيانس. پوءِ جڏهن خبر پيس، تڏهن ضرور مون سان ڳالهئين پوندو پوءِ آءُ پاڻهي خاطري ڏيندي سانس.

پر هيڏي قصي لکڻ لاءِ وقت ۽ وجهه گهرجي. گهر جي ڪم ڪان جيڪو ٿورو گهڻو ملندو هوس، سو پيئي لکندي هئي. انهيءَ ۾ هن کي ست_ اَٺ ڏينهن لڳي ويا، ۽ اڃا پنهنجو داستان لکي پورو نه ڪيو هئائين، ته هڪڙي ڏينهن جان ٻي ٻي سڏي چيس ته "زينب! هڪڙي ڳالهه چوئين، جي چڙين نه؟" زينت بانو چيو ته "مائي، تون منهنجي سائڻ آهين، ڀلي چؤ." جان ٻيبيءَ چيو ته "زينب! توکي خبر آهي، ته منهنجي پٽ جي زال مري ويئي آهي، هوءَ ڇورو ٻار ڇڏي ويئي آهي، جو تنهنجن هٿن ۾ آهي. تون هن کي ماءُ وانگي آهين ۽ اسان سان ٻه ٺهي ويئي آهين. تون غريب اشراف ڏسجين ٿي، ۽ اسين پاڻ ٻه اشراف آهيون. هن جو ٺهيو ٺڪيو گهر هلندي هلندي ڍهي پيو جي تون ڪٽي هائو ڪندينءَ ته سندس گهر وري آباد ٿي پوندو. پاڻ سڀ گڏ خوش پيا گذاريندا سين. اها مسلماني پر آهي، ڪا مهڻي جي ڳالهه ناهي، سڀ مسلمان ڀائر آهيون، تون اسان وٽ پورهيت ٿينءَ ته چا ٿيو" تنهنجا لڇڻ موچارا آهن، سو اسان کي ماڻهن ڪان ٻه پياري آهين."

ائين چئي هن ذري تائين بس ڪئي، پانيائين تہ هوءَ ڪو جواب ڏيندي، زينت بانو تہ پڪي هئي، دل ۾ تہ گهڻوئي خوش هئي، ۽ پئي چيائين "انڌو گهري الله کان ٻہ اکيون" پر شڪ لاهڻ لاءِ پڪائي ڪري ماٺ ڪٽي ڪيائين. جان بيبيءَ وري چيس تہ "مائي، تڏهن منهنجي ڳالهہ وٽيئي؟ مون کي رنج ڪندينءَ؟صاف جواب ۾ شرم چو ٿي ڪرين؟ آءُ توکي بہ ماءُ وانگي آهيان، مون کان ڪهڙو حال ٿي لڪائين، ڪجھ تہ سهي." ائين چئي ٻانهن ڏگهي ڪري، منهن مٿي ڪرڻ لڳس. زينت چيو تہ "مائي، آءُ هينئر ڇا چوان، آءُ ٻاٽيهي ڳالهہ ڳٽي ڏينهن- ٻن ۾ اوهان کي جواب ڏينديس." جان بيبيءَ چيو تہ "مائي شابس جس اٿئي!"

ڏينهن- ٻن ۾ زينت بانو بہ وٽ پيچ ڪري پنهنجو دفتر پورو ڪيو. آچر جي ڏينهن صبح جو پهريون پهر هو. علي رضا مٿي جاءِ ۾ هو. هوتيئي زالون ٻن ٻارن سان هينئينءَ جاءِ ۾ گڏ ويٺيون هيون، ويٺي ڳالهيون ڪيائون. چوڪري جان بيبي جي هنج ۾ هئي، محبوب مريم جي اڳيان ويٺي راند ڪئي. ائين ڪندي زينت ڪنهن ڪم پٽيان اُٿي، سگهوئي هڪڙو بند ڪيل لفافو هٿ ۾ ڪٽي آئي، ۽ مريم جي هٿ ڏئي چيائين تہ "اديهيءَ ٻاهران آيو آهي، پلائي ڪري مٿي پهچائي اچ، آءُ وري ٿي اچان."

اهو خط زينت بانوءَ جي حال جو هو جو هن پنهنجي مڙس لاءِ لکي تيار ڪيو هو مريم خط ڏيئي وري اچي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي، ۽ زينت بانو بہ ذري کان پوءِ وري اچي سندن اڳيان ويٺي.

انهيءَ وچ ۾ علي رضا لفافو کولي پڙهيو هن ۾ زينت بانوءَ اول کان آخر تائين اهڙي چڱي ۽ ڏک ڀريءَ عبارت ۾ پنهنجو احوال لکيو هو جو پٿر جي دل واري ماڻهوءَ کي بہ روئڻ اچي وڃي. هيءُ بہ هنجو هاريندو ڀڃاڙيءَ تائين پڙهندو ويو. پنهنجي زينت جا اکر بہ صاف سڃاتائين.

جيڪا محبت هاڻ تازي منجهس ڦٽي هئي، تنهن ڏهوٽون زور رکيو هو ٽپ ڏيئي اٿيو مٿان ڏاڪڻ تان دب دب ڪندو تڪڙو لٿو ۽ پري کان "منهنجي جان، منهنجي پياري!" ڪندو ڳوڙها ڳاڙيندو جيئن زينت بانو سامهون ويٺي هئي،

تيئن هن کي وچي ياڪر وڌائين. ۽ بي حجاب ٿي هيٺرن جي اڳيان هن کي چميون ڏيڻ لڳو. پوءِ ٻيئي هڪٻئي کي چنبڙي ويا ۽ اوڇنگارنو ڏيئي روئڻ لڳا.

هي زالون ويچاريون ڀريائين ته علي رضا کي مٿان تڪڙو لهندو ڏسي ڊچي ويون. پوءِ جو هو دانهن ڪري وچي زينت کي چنبڙيو ۽ چميون ڏيڻ لڳو، تنهن تي ڄاتائون ته هيءُ الائجي ڇريو ٿيو آهي، يا ڪينءَ! مطلب ته هي اوچتو رنگ جو ڏٺائون، سو حيران ٿي ويون.

سگهو ئي علي رضا زينت کي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي اچي ماءُ جي اڳيان بيٺو ۽ چوڻ لڳو "امان، هيءَ منهنجي پياري زينت" ۽ محبوب عليءَ کي ڪٽي چميون ڏيئي چيائين ته "هيءُ منهنجو پيارو پٽڙا" سڀ اچرج ۾ پئجي ويون.

زينت وچي جان بيبيءَ جي پيرن تي ڪري، جا ياڪر پائي ملڻ لڳيس ۽ چوڻ لڳي ته "ابا، مون سان ته ڳالهه ڪر. هي ڪهڙو رنگ؟ آهي ته بيشڪ زينت. مون کي اڳيئي شڪ پئي پيو هن نينگر جا مهاندا به مون کي پنهنجن جا پئي لڳا. امان زينتڙا ٻڌاءِ ته سهي، ته تون ٻڌي ڪيئن بچينءَ؟ هيترا ڏينهن ڪٿي ڪيئن پئي گذاريئي ۽ هتي ڪيئن اچي پهتينءَ؟"

مريم جا اٿي وچي زينت کي چنبڙي، تنهن چيو ته "وري به خدا جا لک شڪرانا، جنهن وڇڙيا ته ملايا!"

علي رضا ماءُ کي چيو ته "امان! اهو ڪاغذ جو مون کي مريم مٿي آٽي ڏنو تنهن ۾ زينت پنهنجو سڄو حال لکيو هو. اهو مون پڙهيو آهي، آءٌ ٿو توکي ٻڌايان؟" پوءِ هن ويهي اتي ماءُ کي اهو قصو ٻڌايو جو ٻڌي سڀني کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر پڇاڙيءَ ۾ وري به سڀني خدا جو شڪرانو ڪيو ۽ اهو سارو ڏينهن خوشيءَ ۾ گذاريائون.

ٻئي ڏينهن علي رضا خيرات جي ماني ڪئي ۽ پنهنجا دوست گڏ ڪري، انهن کي به ڪارايائين ۽ غريب غربي کي به ڏِءُ ڪرايائين. پوءِ جيئن اصل گهر جا ياتي هئا، تيئن گڏ رهڻ لڳا، ۽ هندستاني ٻولي، جا ڪن ڏينهن کان اچي سندن وچ ۾ پئي هئي، سا اڏامي ويئي. وري اچي ويچاري سنڌي پيئي.

علي رضا زينت جي ماءُ ۽ پاءُ ڏي هن خوشخبريءَ جو ٽي لکيو پر جان بيبيءَ جهليس ته "ابا، تڪڙ نه ڪر. منهنجي صلاح آهي ته هاڻ اسين اڳتي هتي نه رهون. جيڪي هتي ٿو توکي ملي، سو الله بيشڪ هُتي به ڏيندو. پيو پنهنجو جڙيو جيڪو گهر ڦٽو ڪيو پرديس ۾ پراون گهرن ۾ رهندا وتون! گهڻوئي جلاوطني ڪاٽيسين، گهڻائي ورهيه جدا ريهاسين. هاڻ هلو ته هلون."

جان بيبيءَ جي ڳالهه کي مريم پشتي ڏني. زينت بانو گهڻن ڏينهن کان ماٽن جي منهن لاءِ پئي سڪي، جي هن کي مٺو سهسائي وينا هئا. تنهن به چيو ته "هميشه لاءِ نه هلجي، ته به في الحال ته ڪي ڏينهن هلي پنهنجي وطن گذاريون.

هيترن جي مرضي ڏسي علي رضا به قبولدار ٿيو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته جي هلجي ته اڳ ۾ ڪنهن کي خط نه لکجي. ماٺ ماٺ ڪري اوچتو هلي نڪرجي، ته پلي اڳين جي خوشي وڌي.

پوءِ ته سڀ سانباهو ڪرڻ لڳا. علي رضا جو ته هٿ ٻن- چئن صاحبلوڪن سان اٽڪيل هو تنهنڪري يڪدم هنن کي ڇڏي وڃڻ مناسب نظر نه آيس. پهريائين هڪڙو هوشيار منشي سجاٽپ وارو ڳولي هٿ ڪيائين ته "مون کي ڪنهن ضروري ڪم لاءِ پنهنجي وطن ڏي وڃڻو آهي، پنهنجي جاءِ تي پيو عيوضي اوهان کي رکي ڏيو ٿو وڃان. جي آءٌ موٽي آيس ۽ اوهين هتي هوندو ته آءٌ وري به اوهان جو نوڪر آهيان، نه ته معاف ڪجو."

هنن لاچار چاٽي موڪل ڏنيس، پر انهيءَ هوندي به علي رضا مهيني جي پچاڙيءَ تائين ساڻ رهيو. پوءِ هنن کان پگهار وٺي موڪلايائين، هفتي جي اندر هي سڀ گهر جا ڀاتي آگبوٽ ۾ چڙهي روانا ٿيا ۽ پنجين ڏينهن صبح جو اچي ڪوٽڙيءَ کان پهرئين پور ۾ پتڻ لنگهيا.

اسان چيو آهي ته هنن جو گهر حيدرآباد جي ڪچي ۾ هو جو ماٽن جي حوالي ڪري آيا هئا. علي رضا جو مامو به اڳيئي موٽي آيو هو سو به اتي هو پر ڪنهن کي به هنن جي موٽڻ جي اميد ڪانه هئي. هي گاڏيءَ تان لهي پنهنجي

اصلوڪي گهر گهڙي آيا. جيڪي بہ تي ماڻهو سندن عزيز اتي رهندا هئا، سي ٽپ ڏيئي اٿيا. هنن کي مليا، ڏاڍا خوش ٿيا.

پهچڻ شرط علي رضا هڪڙي کي سمجهائي، سرائي فتح خان جي گهر ڏياري موڪليو تہ "حامد عليءَ کي ۽ سندس جاءِ تي خبر ڏي، تہ فلاڻا اڄ صبح جو بمبئيءَ کان آيا آهن." پر هيترو تاڪيد ڪري چڏيو هئانيس تہ "زينت بانوءَ جي هنن سان بلڪل خبر نہ ڪجئين."

هن وچي اهو پيغام ڏنو. هو هنن جي اچڻ جي خبر ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا، مگر جڏهن پنهنجي نياڻيءَ جي ساڻ وڃڻ ۽ ٻڌي مرڻ جي ڳالهہ ياد ڪيائون، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿين، هو ستت ئي تياري ڪري، اچي علي رضا جي گهر جي در تي لٿا.

اڳيان هنن وري هيئن ڪيو جو زينت بانوءَ کي ڪٽي ڪوٺيءَ ۾ لڪايائون. پڪ هين تہ هو اچي اسان کي روئي ملندا، پوءِ زينت اوچتو نڪري ايندي تہ ڏاڍا خوش ٿيندا ۽ هڪڙو وڏو چرچو ٿيندو. ٿيو بہ ائين. مائي شهر بانو ۽ حامد علي روئندا اوچنگارون ڏيندا اندر گهڙي آيا ۽ اچي هنن کي ڀاڪر پائي گڏيا. هنن بہ ڪوڙ ڪري منهن هيٺ ڪري هنن سان رنو. ٿوري دير کان پوءِ ماٺ ڪيائون، ويهي گذريل حال جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

پر مائي شهربانوءَ وري بہ پنهنجي ڌيءَ جي ٻڏڻ جي ڳالهہ ۽ سندس هٿن جون شيون، جي هاٿي ڪيڏي ٻاهر ڪيون هئائون، سي ڏسي نئين سر ڏک ڪرڻ ۽ زينت جو نالو وٺي دانهون ڪري روئڻ لڳي. اوچتو ڪوٺيءَ جو در کليو ۽ زينت جيئري جاڳندي ٻاهر نڪري، چوڻ لڳي تہ "جيجل امان! تون نہ رو. آءٌ جيئري آهيان، ٻڌي ڪين مئي آهيان." ائين چئي ڊوڙي اچي ماءُ کي ڳراٽڙي پاتائين.

هن کي ڏسي، سندس ماءُ، پيءُ ۽ دائي، سڀ خوشيءَ کان ڪپڙن ئي ۾ نہ ماپي سگهيا. اعتبار نہ آين تہ ڪا سچ پچ هيءَ زينت آهي. ڀانيائون تہ گهڻي روئڻ ڪري متو ڦري ويو اٿئون ۽ هيءَ ڪا خيالي شڪل آهي. پر نيٺ جڏهن معلوم ٿين تہ نہ ساڳي اها زينت بانو آهي. تڏهن سڀ اٿي انهيءَ سان گڏجڻ لڳا ۽ هڪٻئي کي ڏاڍا پيار جا ڀاڪر پاتائون.

علي رضا واري پهر وري هنن جو چرچو ڏسي، خوشيءَ کان ڪلڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳي. گهڙيءَ ۾ ماتم مان منجي شادي ٿي ويئي ۽ ڏک مان منجي سک ٿي پيو. انهيءَ ڏينهن سيني گڏجي خوشي ڪئي ۽ هڪ هنڌ ويهي ماني کاڌائون. جيڪي واقعات زينت تي ٿي گذريا هئا، سي هن پنهنجن مائٽن کي ڪري ٻڌايا، جي ٻڌي هنن کي ڏک ۽ ارمان ٿيو.

شهربانو ۽ حامد علي ٻـ ڏينهن ٻيا ٻـ هنن جي گهر ۾ ٽڪي پيا. پوءِ وري زينت بانوءَ کي پاڻ سان وٺي ويا ۽ نيئي هفتو کن پنهنجي گهر رهاياٿونس. اوري پري جا ماڻهو جي هنن جا واقف هئا، سي اهو احوال ٻڌي، ڏاڍا حيرت ۾ پيا ۽ خوش ٿيا ۽ مائي شهربانوءَ کي اچي مبارڪون ڏيڻ لڳا.

—*—

باب تيرهون

# خانہ بربادي

علي رضاجن جي سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ سرائي فتح محمد خان جي گهر کي گهڻي شڪست پهچي ويئي هئي. تنهن جا ٻہ۔ ٽي سبب هئا. پهرين تہ هنن جي اُٿ۔ ويهہ جيڪا وڃي رهي هئي، سان علي رضا جن سان ۽ ڪن ٽورن پيين ماڻهن سان. ماٽئن ۽ عزيزن سان تہ رستو گهڻو ڪري بند ٿي ويو هئن. جيئن اسان مٿي بہ ڏيکاريو آهي. سو هنن جي وڃڻ ڪري هي ڏاڍا اپاڻڪا ٿيا. هنن کي اڪيلو ڏسي، سنڌن عزيز جي مٿن اڳيئي ڪاوڙيل هئا. سي هنن کي هر طرح ستائڻ لڳا. هڪڙي پيري تہ ڪوڙي سوڙي معاملي ۾ حامد ۽ سندس ماءُ کي ڪورٽ ۾ بہ آڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائون. جو سنڌن اٽبٽت ظاهر هئڻ ڪري هو انهيءَ تڪليف کان ڇٽي ويا. پيون تہ سندن ايماندار ٻانهي بختاور علي رضا جن جي وڃڻ کان اٺ۔ نو مهينا پوءِ مري ويئي هئي، هوءَ مائي شهربانوءَ جي صلاحڪار ۽ مددگار سنگتياڻي هوندي هئي. هن کي ٻانهي نٿي ڄاتائون،پر گهر جو وڏو ڀاتي ڪيو ٿي ڄاتائون. هوءَ سرائيءَ جي اولاد کي پنهنجو اولاد ڄاڻندي هئي، ۽ هو بہ کيس پنهنجي ماءُ ڪري ڄاڻندا هئا. هنن سان ايتري خاطري هوندي هيس، جو مرڻ مهل بہ زينت بانوءَ کي ياد ڪيو پئي رنائين، ۽ سيني کي دعائون ڪندي دم ڏنائين.

هن جي مئي کان پوءِ مائي شهربانوءَ هڪڙي پورهيت رکي، پر ڪيڏانهن نمڪ حلال ٻانهي جو منهن، ڪيڏانهن پورهيت جو منهن. سگهوئي هڪڙي ڪڍي ٻي رکيائين، ٻي ڪڍي ٽين رکيائين. ڪا پاڻيهي ڇڏي هلي ويئي، ڪا گهر جي شيءِ شڪل چورائي پڇي ويئي. مطلب تہ ٿوري ئي عرصي ۾ هنن وٽ ڪيترين ئي زالون آيون ويون. پرجا لذت هنن کي اڳي بختاور مان ايندي هئي سا نہ آئي.

نڪا وري زينت جي جهڙي ٻي ڏيءَ گهر ۾ هئي، جا هن کي رڌڻ پچائڻ يا ٻئي ڪم ۾ مدد ڏئي، تنهن ڪري مائي شهربانو ويچاري ڏکي ٿي هئي، پاڻ کان ٻـ رڌڻ پچائڻ جو توڙي ٻيو ڪم ڪار نٿي ٿي سگهيس، لاچار ڏکيو سکيو گذران پيئي ڪندي هئي.

ٿيون جنهن ڏک هن کي سڀ کان وڏيڪ ماري وڌو هو سو وچئون ٻيو ٿيو هو اهو هيءُ، تـ سندس پٽ حامد، جو اڳي هڪڙو سڌريل ڇوڪرو هوندو هو سو هاڻي ڪري ٻهر تي پيو هو. علي رضا جو هتي هئڻ هن جي لاءِ وڏي ڳالھ هئي، جو اڪثر هن کي هن جي صحبت ۾ رهڻو ٿيندو هو. گهر ۾ تـ هن کي پيٽس زينت بانوءَ جهڙو ماڻهو هوندو هو جنهن سان گڏ پڙهڻو لکڻو ۽ ٻيو اهڙو شغل ڪرڻو ٿيندو هوس، ۽ ٻاهر شهر ۾ علي رضا وٽ ويندو هو ۽ هو وٽس ايندو هو ۽ هن جي معرفت چڱن چڱن ماڻهن وٽ اچ وڃ هيس، تنهن ڪري پاڻ بـ سڌري پيو هو. پر هن کي شڪار جو شوق اچي ٿيو انهيءَ چوس تي هي پلٽڻ جي سپاهين سان واقف ٿيو تن سان گڏ اڪثر آچر جي ڏينهن شڪار تي پيو ويندو هو. پوءِ ٿورو ٿورو ڪري پاڻ بـ بندوق هٿ ڪيائين، ۽ هنن جو پڪو سنگتي ٿي ويو. اهو آچر جو ڏينهن ئي ڪونـ ٿي آيو جو هن ٻاهر نٿي گذاريو.

انهن سنگتين جي معرفت هن کي ٻين لچن سان گڏ اٿڻو ويهڻو پيو سگهوئي حقو پيئڻ سکيو[1]. پهرين لڪي لڪي چڪيندو هو پوءِ تـ هڪڙو خلاصو حقو گهر ۾ جوڙي رکيائين. تنهن کان پوءِ چرس پيئڻ ۾ پيو. سگهوئي انهيءَ جي پٺيان پنگ جو سواد وٺڻ لڳو ۽ اوير سوير جو چڪو پي اچي ٻانڌاڻي ٿيو ۽ ڏهاڻي پنهنجي پنگ گهوٽيندو هو يا ڪو اوتارو ۾ دائرو چٽائيندو هو.

اتي وچڻ مان وري نون نون سنگتين جو واقف ٿيو انهن سان گڏ ڳائڻ وڄائڻ جو شوق جاڳيس. ڪافيون ۽ راڳ پيو ٻڌندو هو. گهر ۾ پنهنجو يڪتارو ناهي رکيائين، رات جو پيو اها وندر ڪندو هو. انهيءَ شغل مان ڦري وري رنن جي صحبت پيدا ٿيس، پهريائين پلٽڻ جي سپاهين ۽ ٻين سان ڪنجرين ۽ رنگيلين جي حاضري ڀرڻ لڳو پوءِ ٿورو ٿورو ٿي اچي رنڊيبازيءَ جي عادت پيس، سونـ

---

[1]. تڏهن هتي اڃان ٻيڙين ۽ سگارن جو رواج عام نـ هو.

ڪاري ڇتي، نہ ڪمري ڇتي. ڳچ وقت تائين ٻاهر جو ٻاهر اهو ڏنڊو هلائيندو هو. پوءِ تہ نيٺ هڪڙي مهاڻي وٽ اچي آٽي ويهاريائين. رات ڏينهن انهيءَ سان خوش رهندو هو.

مطلب تہ علي رضا جي بمبئيءَ لڏي وڃڻ کان پوءِ ورهيہ ـ ٻن جي اندر هن جي حالت ئي ڦري ويئي، جهڙو اڳي چڱو هو اهڙو هاڻ بڇڙو ٿيو. هن کي منع ڪرڻ وارو پيو ڪو وڏو مائٽ ڪونہ هو رڳي ماءُ هئي، تنهن جي هن بہ پرواهہ ڪانہ رکي. هوءَ ويچاري گهٽوئي چوندي هيس، رئندي پٽيندي هئي، پر هو ليکيندو بہ ڪين هوس. نڪو وري هنن جو پيو ڪو وڏو هو جو هن کي سمجهائي، جيڪي دشمن هئن سي تہ پاڻ هنن جي خراب حالت ڏسي حسد کان خوش ٿيندا هئا.

اهڙن ڪنن ڪمن ڪري حامد ۾ پڙهڻ لکڻ جو شوق گهٽبو ويو ۽ لچائيءَ جو خيال وڌندو ويو. اسڪول ۾ هي چڙهي چڙهي اچي ڇٽئين درجي کي پهتو هو سو هاڻ پٺتي پوڻ لڳو. ماستر سندس ڪم کان ناراض رهيا ۽ مٿس ڪاوڙ ڪرڻ لڳا. ڪي ڏينهن تہ هي اسڪول جي وڃڻ کان پيو گسائيندو هو ڪڏهن ڪڏهن بيماريءَ جي عذر تي غير حاضر رهي، پنهنجي منهن يا پنهنجن سنگتين سان پيو گذاريندو هو جي ڪو جهڙالو ڏينهن آيو تہ اسڪول کان رهي پوندو هو ۽ سنگتين سان باغن ۾ وڃي پيالا پاٽي ڪندو هو. نيٺ ٿورو ٿورو ڪري اسڪول بہ ڇڏي ڏنائين.

اهڙن ڪمن ۾ جيڪو لڳندو آهي تنهن کي پئسي جي تہ گهرج ضرور ٿيندي آهي. ماڻس کي جيڪا پينشن ملندي هئي، سا هنن جي لاءِ ٿوري هوندي هئي. پيو تہ سرائي فتح محمد خان جي پوري بندوبست ڪري هي قرض کان بہ ڇٽل هئا. تنهنڪري هنن جي حالت پاڙي وارن کان بهتر هلندي آئي، جيئن مٿي بہ اشارو ڏنو ويو آهي. جيڪي ٿورو گهڻو گڏ ڪيو هئائون تنهن ۾ پريندي ئي حامد آڻي هٿ ڳنڍيا. ماڻس کي سندس شاديءَ جي ڳڻتي هئي. انهيءَ لاءِ پئي پئسو ـ پنجڙ چل چتر گڏ ڪندي هئي، سو بہ هاڻ هن جي هٿ ۾ آيو ۽ انهيءَ تي پنهنجو حق ڄاڻي، کپائڻ لڳو. رنڊيبازيءَ ۾ توڙي سنگتين جي پيالي پاٽيءَ ۾ هن جي ضرورت وڌي تہ قرض کڻڻ لڳو. پينشن وٺڻ لاءِ ماءُ جي پاران آفيس ڏي هي پاڻ

ويندو هو سواءِ ٻاهران ڪائي، ڪپائي باقي آٽي ماءُ کي ڏيندو هو. هوءَ گهٽيون دانهون ڪندي هئي، پر سندس وس ڪونہ ٿي هليو.

نيٺ جڏهن انهيءَ رستي بہ پورت ڪانہ ٿيس، تڏهن ڪنهن نوڪريءَ جي ڳولا ۾ رهيو. جهڙا افعال هئس، تن ۾ ٻي پلا کهڙي نوڪري هن کي ملي! پوليس کاتي ۾ گهرڻ جي خواهش ڪيائين، جو اها نوڪري سندس پيٽ تي هئي. هن ڄاتو تہ ڳاڙهو پٽڪو ٻڌي، ترار چيلهہ سان ٻڌي حڪم هلائيندو وتندس ۽ مزي مزي جي جاين تي گهمندو وتندس.[1] سکر ماڻهوءَ جو اولاد هو تنهنڪري هن کي هڪڙي جاءِ جمعداريءَ جي پندرهن روپين پگهار واري ملي ويئي، سو هاڻي پنهنجي پئسي وارو بہ ٿيو ٻي مدد ماءُ جي پئسن جي بہ سجهيس ٿي. رن تہ اڳيئي گهر ۾ آڻي ويهاري هئائين، جا پريندي نٽي آئي ۽ چيائين ٿي تہ "مون کي نڪاح ڪري گهر ويهارين تہ ويهنديس، نہ تہ ائين هلي بند ۾ ڪين پونديس." انهيءَ ڪري هن کي لاچار ٿيو پنج روپيا خرچي، مُلي کان ظاهر ظهور نڪاح پڙهائي، سنگتين ۾ ڪارڪون ورهائي، آڻي گهر ويهاريو هئائينس، جا هينئر ڪپڙا گنديون ۽ ڳهہ ڳنا گهرڻ لڳي، تنهن جي پورائي پيو ڪندو هو. هن رن کي ڪا هن سان محبت ڪانہ هئي. هن کي هو ڦرٽو ڪاٺو جو ڄاڻندي هئي تہ ڦري ڪائي هڪڙي ڏينهن هلي ويندي.

هي نئون ڀاتي جو گهر ۾ آيو، تنهنڪري مائي شهربانو ويچاريءَ جو بچڙو حال ٿيو جو هوءَ اچي مالڪياڻي ٿي ويئي. هن جي جا ساٽس نہ پيئي، تنهنڪري سنجهہ ـ صبح جهيڙا ٿيڻ لڳا. مهاڻي، حامد وٽ ماڻس تي چغليون هڻڻ لڳي، جنهن تي حامد اويل سويل ماءُ سان معاملا ڪرڻ لڳو ۽ اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳو. ويچاري مائي شهربانو گذريل ڏينهن ياد ڪيو ۽ پٽ جو هاڻوڪو حال ڏسي رت پئي روئندي هئي. نڪي نڪري ڪنهن ٻي پاسي وڃي سگهندي هئي. لاچار سور پيو پيئي گذاريندي هئي.

حامد عليءَ جو ۽ سرائي فتح خان جي گهر جو اهو حال هو جو علي رضا جن بمبئيءَ کان موٽي آيا. آئي کان پوءِ سگهوئي هنن کي معلوم ٿيو تہ حامد

---

[1] اڳين ڏينهن ۾ پوليس وارا ڳاڙهو پٽڪو ٻڌندا هئا ۽ تراريون ڪٽندا هئا.

جو تمام خراب حال آهي ۽ مائي شهربانو ڏاڍي ڏکي آهي. هنن جي اچڻ ڪري انهي ويچاريءَ جي هانو تي وڏو چنبڙ پيو جو ڇاڪاڻ تي تہ منهنجي ڌيءَ اگرچہ هاڻي ڏارين آهي، پر وري بہ اولاد آهي ۽ صالح تہ آهي ۽ علي رضا کي بہ پٽ وانگي ڄاڻندي هئي ۽ سندس صحبت ۾ حامد جي وري بہ سڌرڻ جي اميد هيس. پر هنن جي اچڻ ڪري حامد کي ڪا گهڻي خوشي ڪانہ ٿي. بيڙائي هن جي دل تي ايترو اثر ڪري ويئي هئي، جو جنهن صحبت مان اڳي هن کي لذت ايندي هئي،تنهن کي هي هينئر ڏڪارڻ لڳو. تنهن ڪري اها اڳوڻي آمد رفت ڇڏي ڏني هئائين. وري پنهنجي نوڪريءَ ۾ بہ قابو هو. نڪي حقيقت ڪري هاڻي خود علي رضا جي مرضي هئي تہ ههڙو ماڻهو سندس گهر ۾ آمد رفت ڪري. پنهنجيءَ زال کي بہ علي رضا هن جي گهر ڏي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو جو هينئر سرائي فتح خان جو گهر نہ هو حامد ۽مهاڻيءَ جو گهر هو. مائي شهربانوءَ کي هنن سان ملڻ جي خواهش ٿيندي هئي، تہ اچي وٽانئن ٿي ويندي هئي. هوءَ جيڪر علي رضا جن وٽ ويهي رهي ها، پر ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ڪلندا ۽ چوندا تہ مڙس جا ڪک ڇڏي، نانيءَ جي در تي وڃي ڪري آهي. تنهن ڪري جيتوڻيڪ علي رضا انهيءَ لاءِ زور بہ ڪندو هوس، تہ بہ هوءَ پئي نٽائيندي هئي.

علي رضا جن جي آئي کي ڇهہ مهينا مس گذريا تہ حامد علي، جو هينئر پوليس جي نوڪريءَ ۾ هو. سو اچي ڪنهن معاملي ۾ ڦاٿو. سندس حد ۾ هڪڙو خون ٿيو. ڪنهن شاهوڪار جي گهر کي رات جو ڪاٽ لڳو. ٽي- چار چور هئا، جي ڪاٽ هڻي اندر ويا ۽ قريباً ٽن هزارن رپين جيترو مال، زيور ۽ زريءَ جا ڪپڙا ۽ نقدي چوري ڪري ڪنيائون. نڪرڻ مهل گهر جو مالڪ جاڳيو شاهوڪار کي ڏڪ هڻي ماري وڌائون ۽ پٽس کي ڦٽي ڇڏيائون ۽ پاڻ مال سوڌو ڀڄي ويا.

ڳولا ڦولا ۽ تپاس هلي، ڪن ڏينهن تائين ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. پوليس جا وڏا عملدار انهيءَ جاچ ۾ هئا ۽ جاسوس ڦٽا ڪيل هئا. آخر شهر کان ٻاهر ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙي ماڻهوءَ وٽ چوريءَ واري مال مان ڪا شيءِ ڏسي، شڪ- چوريءَ ۾ جهليائون. جاچ ڪرڻمان مالڪ جي پٽ اها شيءِ سڃاتي. هن کي پڪڙيائون. پوليس جي اڪ ڏيکارڻ سان هن سچي ڪري وڏي ٻيا ٽي سنگتي بہ ڏسيائين ۽ جيئن پٽيون ڪري مال ورهائيو هئائون، سو بہ ظاهر ڪيائين. هن

اهڙي به ڳالهه ڪئي ته حامد علي جمعدار جي صلاح سان اسان اها چوري ڪئي ۽ هو انهيءَ رات اسان کي آٽي انهيءَ شاهوڪار جي جاءِ ۾ اُماڻي ويو هو. هونءَ به چيائين ته چوراپل مال جو هيترو ڀاڱو حامد عليءَ کي مليو آهي.

انهيءَ چور جي ڏسڻ تي ٻيا ٽي چور ڳولي وٺي جهليائون ۽ انهن جي خانه تلاشيءَ مان چوريءَ جو ٿورو گهڻو مال مليو. حامد کي اچي جهليائون. سندس گهر جو جهاڙو ورتائون ته وٺائنس به ٿوريون گهڻيون شيون مليون. هن ڇاتو هو ته آءٌ وڏو ماڻهو آهيان ۽ پوليس جو عملدار آهيان، مون ۾ ڪنهن جو شڪ ڪونه پوندو سو جيڪي زيور پٽيءَ ۾ مليا هئس، تن مان ڪي ته سندس زال مهاڻيءَ جي بت تي هئا. ٻيا ڪي لڪائي رکيا هئا. هن کي گرفتار ڪيائون ۽ پنجن ئي ڄڻن تي مقدمو هليو. هنن ڇئن چورن مان ٻن کي ڦاسي ملي ۽ ٻن کي ڪارو پاڻي آيو ۽ حامد کي پنج ورهيه سخت قيد مليو.

حامد عليءَ جي قيد ٿيڻ ڪري سندس دشمنن کي گهڻي خوشي ٿي. هن گهڻن اشرافن کي ڪک ڪري ڇڏيو هو ۽ پوليس جي نوڪريءَ ۾ رهي ڪيترن ئي سکرن کي آزاريو هئائين. علي رضا به هڪڙي ڪري خوش ٿيو جو ڄاتائين ٿي ته هي ٻنهي گهرن تي ڪوڙهه جو ڇنٽو هو. پر سندس زال جو پاءُ ٿهو تنهن ڪري البت ارمان ٿيس. معاملي هلندي جيڪا قاعدي موجب واجبي مدد پڄي سگهيس، سا به ڏنائين، پر ان مان حاصل ڪي ڪين ٿيو.

ويچاري مائي شهربانوءَ کي به انهيءَ پٽ جا سور گهڻا هئا، پر هاڻي ته انهيءَ ساڳيءَ لاءِ پٽي رنائين. سڌريل، ٽي ڪريل، ته به نيٺ اولاد مائٽ لاءِ وڏي وٿ آهي. تنهنڪري ويچاريءَ روئي پٽي پنهنجو حال وڃائي ڇڏيو هڪڙي پيري، ٻيا وري ڏکن تي ڏک آيا هئس تن هن کي اڳهين نبيري ڇڏيو هو هاڻي وري هي جو تازو ڏک لڳس، تنهن سبب ڪري پيئي ۽ انهيءَ معاملي کي ٻه مهينا به ڪين گذريا ته ويچاري مري ويئي. هن ويچاريءَ پنهنجي عمر پنهنجي اولاد تان صدقي ڪئي. هوءَ تمام نيڪ زال هئي، جنهنڪري جيڪي سندس خير خواهه هئا، تن کي ڏاڍو ارمان ٿيو. سڀ کان گهڻو افسوس علي رضا ۽ سندس زال کي هو. ويچارا روئي روئي ماٺ ڪري ويهي رهيا.

حامد بہ قيد ۾ گھٽو نہ جاليو هن کي جو سخت پورهيو ڪرڻو پيو ۽ جنب ڪيڏا پيا، سو انهن جي سٽ جهلي نہ سگهيو ۽ لا، هن سڄي عمر سکن ۾ گذاريو هو هتي تہ رڳو سندس بچڻ ڪمن جي ڪري خراب قسمت آڻي ڦاسايو هوس، سو چئن مهينن کان پوءِ مري ويو.

انهيءَ طرح سرائي فتح خان مرحوم جو گھر سڄو ويران ٿي ويو. باقي پوئتي اهڙو ڪو نہ بچيو جو سندس نالو نشان ظاهر ڪري، زينت بانو سندس صالح ڌيءَ هئي، پر سا بہ هاڻي ٿي پرائي گھر ۽ پرائي وس. جنهن گھر ۾ ڪن ڏينهن ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو سو خدا هن طرح بند ڪري ڇڏيو.

—*—

باب چوڏهون

# نئون اسڪول

جڏهن علي رضا بمبئيءَ کان موٽي آيو تڏهن هن اچي پنهنجو گهر وسايو هو. مٽان مونا هٽي هڪڙو ـ به صاحبلوڪ هٽ ڪيائين، جنهن ڪري سندس پڙهائڻ جو ڪم وري شروع ٿيو. مگر هو جو هيترن ڏينهن کان پوءِ آيو هو تنهن ڪري سيڪاٽپ ۾ جه پيدائش اڳي هوندي هيس، سا هاٽي ڪانه ٿيس. پيو وري سرائي فتح خان جي گهر جو حال، حامد جي بدچاليءَ ڪري خراب ڏٺائين، تنهنڪري اڪثر دل شڪستو گذاريندو هو. جڏهن مائي شهربانو به مئي ۽ حامد قيد ٿي ويو تنهن هنن کي اتي گذارڻ بلڪل ڏکيو لڳو. سگهوئي وري حامد جي مرڻ جي خبر پيين، تڏهن هيڪاري هتي ڪک ٿي پيا ۽ پير تپي آين. ٺهراءُ ڪيائون ته وري وڃي بمبئي وسائجي، جتي هو هيترن ڏينهن ڪري ٺهي به ويا هئا. علي رضا کي به پنهنجي ڪم جو چڱو سانگو هو سو حامد جي مرڻ کان پوءِ مهينو ـ اڌ گذاري، هنن وري ٽپڙ ٻڌا ۽ اچي بمبئيءَ کان نڪتا.

بمبئيءَ ۾ ته علي رضا پنهنجو ڪارخانو مٽل ڇڏي ويو هو. جنهن منشيءَ کي پنهنجو عيوضي ڪري ڏئي ويو هو سو اچا انهيءَ ڪم ۾ رڌل هو. هن کي هن جي جلد موٽڻ جي اميد هئي، پر هن جو زياده ڏينهن لڳايا، تنهن ڪري هو پاڻ زياده خوش ٿيو ۽ هن جو شڪرگذار رهيو. آخر هن پنهنجو ڪم وري هٽ ڪيو. هن جا صاحبلوڪ شاگرد هن کي ڏسي خوش ٿيا. اگرچه انهيءَ وچ ۾ هڪڙو ـ به ڇٽا بدلي ٿي ويا هئا، تڏهن به اهڙا پيا وري سگهوئي هن کي هٿ لڳا. جنهنڪري هن جي پيدائش ۾ گهٽي حرڪت ڪانه رهي.

علي رضا جو خانگي بندوبست به اڳي جهڙو چڱو پئي هليو. هن کي پنهنجي پياري زال زينت بانو گهر ۾ هئي.سندس ماءُ جان بيبي ساڻس هئي، سندس پورهيت مريم اچا وٽن هئي، هڪڙو پٽ محبوب علي هئس، جو هينئر ٻن ـ اڍائن ورهين جي ڄمار جو هو ۽ هڪڙي ڌيءَ عظمت بانو (يا جنهن کي عظمت

بي بہ ڪري سڏيندا هئا) هندستاني زال مان هيس، جا زينت بانوءَ جي سنڀال هيٺ هئي ۽ جا هينئر ورهيہ ڏيڍ جي هئي.

زينت بانو وري بہ پيٽ سان هئي ۽ بمبئيءَ ۾ آئي ٿي مهينا مس گذرين تہ ويائي ۽ پٽ ڄائس، جنهن جو نالو منصور علي رکيائون. سو هينئر خدا جي مهربانيءَ سان علي رضا جو گهر اڃي چڱو آباد ٿيو هو. هنن ڪي هڪڙي پورهيت وري بہ رکڻي پيئي، جا رکيائون. انهيءَ طرح هنن جو خانگي بندوبست عام چڱي دستور پٽي هليو ۽ خوشيءَ ۽ سک ۾ پٽي گذاريائون.

علي رضا کي هھڙي پڙهيل ۽ سڌريل زال گهر ۾ هئي، سو انهيءَ کان وڏيڪ فائدي وٺڻ جي اميد پيو رکندو هو. زماني جو اٿليل پٿليل ماٺهو هو وڏن وڏن شهرن ۾ ڏٺو ٻڌو هئائين تہ هاڻوڪي زماني ۾ زالون اهڙا عجيب عجيب ڪم ٿيون ڪن، جي مڙس کان بہ مشڪل ٿي سگهن. هن جي زال کي چڱي تعليم تہ اصل مليل هئي، ٻي وري پاڻ ڏني هئائينس، سا بلڪل چالاڪ ٿي ويئي هئي.

جڏهن اڳي بمبئيءَ ۾ آيو هو ۽ پنهنجي زال بہ ٿي آندائين، تڏهن سندس خاص مطلب اهو هو تہ ڌارئين ملڪ ۾ رهڻ ڪري جا بندش وطن ۾ رهندي آهي، سا ڪانہ رهندي، آءُ زال کي علم ۽ هنر جو چڱو فائدو وٺرائيندس ۽ جي ٿي سگهيو تہ ٻيئي گڏجي ڪنهن رستي پنهنجي قوم وارن کي فائدو رسائينداسين. پر تڏهن تہ خدا جي مرضي ائين نہ هئي. سندس زال جي سمنڊ ۾ ڪرڻ جو اتفاق ٿي پيو جنهن ڪري هوءَ ويچاري ڪيترا ڏينهن دربدر هئي.

وري جڏهن بمبئيءَ ۾ اچي ٻيئي گڏ ٿيا، تڏهن بہ ڦريائين تہ هو هڪبئي کي نہ سڃاڻندا هئا، جڏهن سڃاتائون، تڏهن خوشيءَ کان وطن ڏي موٽي آيا. حيدرآباد ۾ تہ هن پنهنجي دل جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ مناسب وجهہ نہ ڏٺو نڪي اتي وري گهڻا ڏينهن خوش گذاريائون. پر هاڻ جڏهن هو وري بمبئيءَ ۾ آيا ۽ خدا جي فضل سان اندر ٻاهر آرام سان رهڻ لڳا، تڏهن علي رضا کي وري پنهنجو اصلوڪو خيال دل ۾ جاڳيو.

هن کي پريندي کان اهڙي قسم جي سڌاري جي لاءِ پردي جي وڏي اٽڪ ڏسڻ ۾ آئي. پر سندس زال جي گم ٿيڻ جي اتفاق اها اٽڪ لاٿي ۽ هن جي لاءِ رستو صفا ڪيائين، جو حجاب ۽ دل جي مونجهہ پهرين ڏينهن ۾ زينت بانوءَ کي

هوندي هئي، سا هاڻ نہ هيس. هوءَ ڏارين مڙسن ۽ ڏارين ملڪن ۾ رلي هئي، تنهن ڪري دل جي همٿ وڃيڪ هيس. دنيا ۾ جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان هلت چلت ڪهڙيءَ طرح ڪجي، تنهن ۾ پڪي ٿي هئي. هوءَ اڃا عمر جي وڏي نہ هئي، تنهن ڪري علي رضا پائيو تہ اهڙو ڪو بندوبست ڪريان، جنهن ڪري منهنجي زال جو بہ زياده سڌارو ٿئي، منهنجي اولاد جي بہ تعليم جو بندوبست ٿئي، منهنجي پيدائش بہ وڌي.

انهيءَ بابت هن پنهنجي زال سان صلاح ڪئي. آخر پاڻ ۾ پهي، هيءُ ٺهراءُ ڪيائون تہ هڪڙي چڱي پوشيده جاءِ وٺي، انهيءَ ۾ هڪڙو زنانو اسڪول وجهجي، جنهن ۾ اڪثر سڪرن مسلمانن جون ڌيئون پڙهائجن. انهيءَ ۾ هنن جي آسائش لاءِ آبروءَ جهڙو بندوبست رکائجي. سيکارڻ واري زينت بانو پاڻ ٿئي ۽ جيئن چوڪرين جو تعداد وڌندو وڃي، تيئن جاچ ڪري پگهار تي ٻي هڪ بہ پڙهيل زال اشراف گهر جي مدد لاءِ هٿ ڪجي. تعليم فارسي، هندستاني ۽ انگريزيءَ ۾ ڏجي. انهيءَ سان گڏ سبڻ، پرڻ ۽ پيو انگريزي سئي ۽ ڪُنديءَ يا اُن جو ڪم سيکارجي. تنهن کان سواءِ قرآن پڙهائڻ ۽ ديني علم جي بہ ضروري تعليم ڏيڻ ۾ اچي. انهيءَ پورهئي جي بدران هڪ هڪ چوڪريءَ کان ٺهرايل پگهار يا في درماهو وٺجي.

اها مٿين رٿ هنن تفصيلوار لکي تيار ڪئي ۽ ان سان لاڳو ڪي مناسب قانون ٺاهي ڇاپايائون ۽ جيڪي شهر جا سڪر- سڪر مسلمان هئا، جن مان گهڻن سان علي رضا جي معرفت هئي،تن کي ورهائي ڏنائون. علي رضا وٽ پنهنجي بچت جا پئسا گهڻائي هئا، جنهن ڪري اهڙي بندوبست ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ٿي. هڪڙي چڱي هوادار جاءِ ڀاڙي تي ورتائين،انهيءَ ۾ ضروري سامان ڪرسين، ميزن ۽ بينچن جو وجهارائين ۽ ٻارن جي آسائش لاءِ ڪي ڪوچ بہ وجهارائي ڇڏيائين، پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪري ڇڏيائون تہ ڏسندي مهيني جي پهرينءَ تاريخ کان وٺي اهو ڪم هلڻ لڳندو.

انهيءَ کان اڳي، گهڻن سڪرن وٽ علي رضا پاڻ بہ انهيءَ ڪم لاءِ ويو ۽ هنن سان گفتگو ڪيائين ۽ هنن کي خاطري ڏنائين تہ جنهن قسم جو بندوبست اڳيئي هلندڙ آهي، تنهن کان اشراف پردي وارن مسلمان ماڻهن جي لاءِ هيءُ بهتر

بندوبست آهي، جتي خاص ڌيان ڏيڻ ۾ ايندو. تنهنڪري ٺهرايل تاريخ تي يڪدم ويهارو ڇوڪريون اچي نڪتيون. زينت بانو هنن ڇوڪرين جو گھڻو آدرڀاءُ ۽ خاطري ڪئي. مريم، جا هاڻ اسڪول جي پٽيوالي ٿي، تنهن بہ انهيءَ ڪم ۾ پنهنجي بيبيءَ کي چڱي مدد ڏني. انهيءَ طرح هن زناني اسڪول جو ڪم تمام چڱيءَ طرح شروع ٿيو. پوءِ تہ مهيني سر ڇوڪرين جو ٿورو گھڻو تعداد وڌندو ويو. زينت بانوءَ کان جيترو پڇي ٿي سگھيو اوترو ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾، هنن کي ادب اخلاق سيکارڻ ۾، هنن کي پيار ڏيڻ ۾، هنن جي سنڀال ڪرڻ ۾، ڪين ٿي گھٽايائين. ڇوڪرين جي بہ هن سان اهڙي دل ٻجھي ويئي، جو هن کي سڳي ماءُ کان گھٽ نہ ڄاڻنديون هيون. هن کي سيکارڻ جي اهڙي طرز ياد هئي، جو سگھوئي ڇوڪريون چالاڪ ۽ سمجھہ واريون ٿي ويون.

جڏهن اهڙي رٿ ڪئي هئائون تہ ٻہ- ٽي ٻوليون پڙهائڻ ۾ ايندون، تڏهن زينت بانوءَ کي ضروري ٿيو تہ گھر ۾ پاڻ بہ انهيءَ جو وڌيڪ محاورو رکي: تنهنڪري هوءَ پاڻ ڪشالو ڪري، گھر ۾ انگريزي توڙي فارسي ۽ هندستاني پڙهڻ لڳي ۽ علي رضا هن کي انهيءَ ڪم ۾ گھڻي مدد ڏني. هيءَ اصلي هوشيار هئي، ويتر هينئر جو شوق رکي سکڻ لڳي، سو ويئي روز بروز خبردار ۽ پڙ ٿيندي

ڇوڪرين جي حالت سڌرندي ڏسي، سندن ماءُ- پيءُ ڏاڍا خوش ٿيا. هنن کي ٻين هنڌن جي تعليم جي چڱي خبر هئي، جو هو معتبر وڏا وڏا ماڻهو هئا: تنهنڪري هو آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگھيا تہ هتي نهايت چڱي ۽ پسنديءَ جهڙي تعليم ڏيڻ ۾ ٿي اچي.

جڏهن انهيءَ بندوبست کي ٻارهن مهينا گذريا. يعني جڏهن اهو ساڳيو ڏينهن موٽي آيو جنهن ڏينهن اسڪول کليو هو تڏهن علي رضا اسڪول ۾ هڪڙي مجلس گڏ ڪئي، جنهن ۾ ڇوڪرين جا پيءُ ۽ ٻيا وڏا وڏا ماڻهو دعوت ڪري گھرايائين. انهن جي روبرو انهيءَ اسڪول جي شروعات ٿيڻ ۽ ڪم هلڻ جو بيان، جو لکي تيار ڪيو هئائين، سو مفصل ڪري ٻڌايائين.

پوءِ ڇوڪرين جو امتحان ورتائون. تنهن کان پوءِ سڀيئي چاءِ پي گلدستا وٺي، موڪلائي ويا. اسڪول جي انهيءَ بيان ٻڌڻ ڪري ۽ حال ڏسڻ

ڪري، ماڻهو نهايت خوش ٿيا ۽ علي رضا کي ۽ سندس بيبيءَ کي اهڙي چڱي بندوبست ڪرڻ تي آفرين چيائون.

انهيءَ طرح مڪتب سال بسال بهتر ٿيندو ويو. جن اشراف مسلمان خاندان جون ڇوڪريون پوري بندوبست نه هئڻ ڪري ٻاهر ٿين ڪنهن اسڪول ۾ پڙهنديون هيون، سي هينئر هتي اچڻ لڳيون ۽ جيڪي پڙهي اُٿيون، سي بلڪل خبردار، لياقت واريون ۽ نيڪ ڏسڻ ۾ آيون. تنهنڪري سگهوئي هن اسڪول جو نالو مشهور ٿيو ۽ علي رضا ۽ زينت بانوءَ جا سکر ماڻهو واقف ٿي ويا.

ڪن ورهين کان پوءِ ته مڪتب جو اهڙو زور هو جو ساليانِي مجلس ۾ علي رضا گورنر صاحب ۽ ٻين وڏن وڏن صاحبلوڪن ۽ منبمن کي به سڏڻ لڳو جن هن زناني اسڪول جي بهتريءَ جو ذڪر پنهنجن ڪنن سان ڪانئن توڙي ٻين ٻيئلن ماڻهن کان ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. هنن کي وڏي خوشيءَ جي ڳالهه اها نظر آئي ته سکرن مسلمانن جي زالن ۾ پردي جي هئڻ سبب تعليم جو استعمال بلڪل مشڪل هو اها مشڪلات علي رضا جن حل ڪئي، جوا هڙو مناسب بندوبست رکيائون، جنهنڪري علم به حاصل ٿئي ۽ ديني توڙي دنيوي اعتراض به برطرف ٿين.

هيترن وڏن ماڻهن جون ڌيئون هن مڪتب ۾ پڙهنديون هيون، تن جي سک ـ سهنج تي هنن وقت بوقت پئسو زياده پئي خرچيو تڏهن به اپت خرچ کان گهٽو مٿي ٿي آين. هيڏيءَ وري خود زينت بانو گهر ۾ مڙس کان پڙهڻ ۽ پنهنجي منهن محاوري ڪرڻ ڪري ڏاڍي هوشيار ٿي ويئي. انگريزي ٻولي، جا هن جي لاءِ ٿوري اهنجي هئي، تنهن ۾ به هن ڏاڍو سڌارو ڪيو ۽ پڙهڻ ـ لکڻ توڙي ڳالهائڻ ۾ بلڪل چالاڪ ٿي. ڪيترين ئي وڏن وڏن صاحبلوڪن جون منبمون هن جون واقف ٿيون، جي وقت بوقت اسڪول ۾ ايندڻيون هيون، تن سان هيءَ گفتگو ڪندي هئي ۽ هنن کي خوش ڪري ڪيندي هئي.

هن بندوبست ڪري، خود علي رضا کي به پنهنجي ڪم ۾ فائدو پهتو. نالي مشهور هئڻ ڪري، هن جي وڏن وڏن ماڻهن سان واقفيت، ٿي، تنهن ڪري هن وٽ به وڏا صاحبلوڪ پڙهڻ وارا ٿيا. ڪي ته پاڻيهي سندس گهر سبق وٺڻ ايندا هئا، پاڻ هنن وٽ ويندو به ڪين هو. هن جي پيدائش هر طرح وڌڻ لڳي. هي هينئر ايتري وسعت وارا اچي ٿيا، جو تمام چڱي بنگلي ۾ رهندا هئا. گهوڙا گاڏيون

رکیائیون، ڪيترائي نوڪر اڳيان ڪمائيندا هئن ۽ انهيءَ هوندي به ڪجهه جيتري رقم بچت تي پيئي هين.

علي رضا پنهنجا پيئي پٽ محبوب علي ۽ منصور علي به هاڻ بمبئيءَ جي هڪڙي وڏي اسڪول ۾ پڙهڻ ويهاريا ۽ سندس نياڻي ته ماءُ جي هٿ هيٺ سندس مڪتب ۾ پڙهڻ لڳي. اهي ٽيئي هاڻ تعليم جهڙي ڇمار جا هئا، جو هنن کي بمبئيءَ ۾ رهي ۽ انهيءَ مڪتب جاري ڪئي ته ڇهه ست ورهيه گذري ويا هئا. اهڙا ڇهه ست ورهيه پيا به هنن کي اتي گذريا. جهڙا هي پاڻ، تهڙا هنن جا ٻار تعليم ڪري سڌرندا به ويا ۽ سُکي حال ۾ به ايندا ويا. مڪتب به روز بروز وڌيڪ زور وٺندو ۽ مشهور ٿيندو.

علي رضا کي دل ۾ هو ته في الحال پنهنجي وڏي پٽ کي ولايت موڪلي. اهو هينئر سورهن- سترهن ورهين جو هو ۽ انهيءَ ڇمار ۾ انگريزي، فارسيءَ ۾ بلڪل هوشيار ٿيو هو. علي رضا هلندڙ زماني جي وڻن وڻن ماڻهن سان اٿليو پٿليو هو ۽ پيو وري ڪيترن صاحبلوڪن به اها صلاح ڏنيس. تنهنڪري هن انهيءَ ڪم تي ڪمر ٻڌي، سانگائتو هڪڙو وڏو آفيسر ولايت ويو ٿي، سو هن جو چڱيءَ طرح واقف هو. تنهن انجام ڪيو ته هن جي لاءِ اُتي چڱو بندوبست ڪندس.

علي رضا هينئر پئسي وارو به هو ۽ اهڙي قسم جو خرچ هو آسانيءَ سان ڪري به سگهيو ٿي، تنهن ڪري هن جو ارادو ٿيو ته محبوب علي کي لنبن موڪليان ته پهريائين به- چار ورهيه اتي وڃي علم حاصل ڪري، پوءِ قاعدا پڙهي باليسٽريءَ جو امحان ڏئي. محبوب علي پاڻ به انهيءَ لاءِ گهڻو خواهشمند هو جو چاتائين ته انهيءَ رستي جهڙو هاڻي آهيان، تنهن کان بهتر ٿيندس. نيٺ اهو ٺهراءُ ڪري، علي رضا پنهنجي پٽ کي روانو ڪيو ۽ سندس لاءِ اڳواٽ پئسا بئنڪ ۾ رکي ڇڏيائين. ته هن کي ماه بماه ٺهرايل وقت تي رقم ملندي رهي. جنهن ڪري هن کي ڏارئين ملڪ ۾ ڪا به تڪليف يا تنگي نه ٿئي.

آخر اها صلاح ڪري علي رضا پنهنجي پٽ کي لنبن ڏي موڪليو. اهو صاحبلوڪ، جنهن سان هي هتان گڏ روانو ٿيو هو تنهن هن کي اتي رهڻ جي لاءِ چڱو بندوبست ڪرائي ڏنو ۽ ٻي معرفت به ڪرائي ڏنائينس. تنهن کان پوءِ محبوب علي اهڙي آرام سان پنهنجي ڪم کي لڳو. جهڙو پنهنجي وطن ۾.

باب پندرهون

# بغداد ۾

محبوب علي جي ولايت وڃڻ کان پوءِ سگهوئي علي رضا کي سندس ڏيءَ عظمت بانوءَ جي سڱ لاءِ بمبئيءَ جي هڪڙي- ٻن وڏن ماڻهن چورايو. هوءَ هينئر سورهن ورهين جي جوان زال هئي ۽ حسن واري به هئي. ماءُ واري مڪتب ۾ هندستاني، فارسي ۽ انگريزي پڙهي موچاري هوشيار ٿي هئي، نه رڳو لکڻ - پڙهڻ ۾، پر ڳالهائڻ ۾ به. جيئن هن جا ماءُ- پيءُ مشهور ٿي ويا هئا، تيئن هيءَ پاڻ به نيڪيءَ، خوشخلقيءَ ۽ هوشياريءَ ڪري مشهور ٿي ويئي هئي.

علي رضا جي ڪن مسلمانن خاندان سان اُٿ- ويهه هئي، تن مان هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي پٽ لاءِ اها ٻانهن گهري. اهو پٽ جوان هو ۽ وڪالت جو ڪم ڪندو هو ۽ هر طرح اهڙيءَ ٻانهن جو لائق هو. پيو وري هڪڙو واپاري سيٺ هو تنهن کي پنهنجي پٽ لاءِ طمع هئي. پر علي رضا کي ٻنهي مان هو جوان وڪيل پسند آيو جو خاندانيءَ ڪري بهتر ماڻهو به هو ۽ سندس پيءُ پئسي وارو به هو. اگرچه هن ڄاتو ٿي ته اجا عظمت ننڍي آهي، شادي ڪرڻ لاءِ ٿي- چار ورهيه پيا به گهرجنس، پر جڏهن هن خيال ڪيو ته زال ذات جي جواني گهڻو جٽاءُ نٿي ڪري ۽ وجهه چڱو به لڳو آهي، تڏهن اهڙي مانئي ڪرڻ ۾ حرڪت ناهي. ماءُ سان ۽ زال سان به صلاح ڪيائين. هن به ڄاتو ته انهيءَ ڪم ڪرڻ ۾ عيب ڪونهي.

پر انهيءَ بندوبست ڪرڻ جو ٻيو به هڪڙو سبب هو: علي رضا کي هڪڙي چڱي نوڪريءَ جو دلاسو مليو هو اگرچه هو تمام خوش هو ۽ سندس ڪم ڪار چڱو پئي هليو ۽ خود مختاريءَ ڪري بيپرواهه ٿيو ويٺو هو تڏهن به اصل کان وڏن وڏن صاحبلوڪن کي ڪنهن آبروءَ واري نوڪريءَ لاءِ پيو چوندو هو. سو هاڻ هن کي بغداد ۾ انگريز سرڪار جي ريزيڊنٽ جي نائبيءَ جي جڳهه ملي.

هن کي پوليٽيڪل کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ جي گهڻن ڏينهن کان خواهش هئي، جو ڄاڻائين ٿي ته پنهنجي چالاڪي ۽ ايمانداريءَ ڪري پاڻ کي مشهور ڪري سگهندس. ٻن- ٽن صاحبلوڪن کيس انهيءَ جاءِ تي وڃڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ اميد به ڏيکاريائونس ته شايد ورهيه-ٻن جي اندر ڪنهن پاسي نائب ڪانسل ٿي ويندين. سو هن کي انهن مسلماني حڪومتن ڏسڻ جو به گهڻو شوق هو.

هي ڪيترن زبانن ۾ هوشيار هو ۽ پاڻ مسلمان ۽ سکر ماڻهو هو ۽ بمبئيءَ جهڙي شهر ۾ به سندس نالو هو، تنهن ڪري اهڙيءَ نوڪريءَ لاءِ هن جهڙو لائق ماڻهو في الحال سرڪار کي هٿ ڪونه لڳو. وڏي ڳالهه ته هن جي سفارش به گهڻي ٿي.

هي انهيءَ پاسي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ڏيءَ جهڙي شيءِ کي پرڏيهه رلائڻ هن کي مناسب نه آيو. جيسين هڪ هنڌ وينو هو تيسين پرواهه ڪانه هيس، پر هينئر ٿيو نوڪر، پرائي وس، ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي. ۽ ڌيءَ جو نيڪال به نيٺ ضروري هو ۽ هوءَ به هاڻ اچي زال ٿي هئي، تنهن ڪري هن دل ۾ خيال ڪيو ته پرڏيهه ۾ وري ڪو اهڙو چڱو بندوبست ٿئي نه ٿئي، هاڻي جڏهن پاڻيهي ڪو وجهه مليو آهي، تڏهن انهيءَ جو فائدو وٺڻ گهرجي.

انهيءَ خيال سان هن انهيءَ جوان وڪيل جي نالي وارو چوڻ قبول ڪيو. هن جو نالو فضل علي هو هو علي رضا جو واقف هو ۽ وٽس ايندڙ ويندڙ هو ۽ زينت بانوءَ جي مڪتب ۾ به هڪ- به پيرا سندس اچڻ ٿيو هو جتي هن عظمت کي ڏٺو هو.

آخر سگهوئي شاديءَ جو بندوبست ٿيو ٻيئي طرف دولتمند ۽ اشراف ماڻهو هئا، تنهن ڪري هنن جي شادي وڏي تجمل سان ٿي. نه رڳو بمبئي شهرجا مسلمان ۽ هندو هنن جي مجلس ۾ آيا، پر وڏا وڏا صاحبلوڪ ۽ منڊمون به اچي گڏ ٿيون، جو هنن سان هنن جي سڃاڻپ هئي.

اگرچه علي رضاپنهنجي شادي زينت سان مختصر بندوبست سان ڪئي هئي، پر تڏهن به هينئر هن کي لاچار ٿيو اهڙو وڏو بندوبست ڪرڻ، جو وڏي شهر ۾ هو، پئسي وارو هو ۽ وڏن وڏن ماڻهن سان رستو هوس. جيتوڻيڪ شاديءَ

جون اجايون رسمون اڳئين وانگي هن ڪم نہ آنديون. جو پئي طرف سڏريل ماڻهو هئا ۽ نئين زماني ۾ پيدا ٿيا هئا.

ڏيءَ جو ڪم اُڪلائي ۽ سندن سک سنيال جو پورو بندوبست ڪري، علي رضا سنبت ڪرڻ لڳو. ڏيءَ جي نسبت هن کي ٻي بہ خاطري هئي، عظمت جي ماءُ عزت بہ اصل بمبئيءَ جي ويٺل هئي، تنهن جا مائٽ بہ اُتي هئا ۽ عظمت کي ملڻ لاءِ علي رضاجي گهر ايندا هئا. سي بہ هن جا ويجها مائٽ ٿيا. تنهن ڪري هنن کي هيڪلائيءَ جو گهڻو ڏپ ڪونہ ٿيو جو ڄاتائون تہ پنهنجن مان بہ ڪي آهن، جي هن وٽ پيا ايندا ويندا.

وڃڻ کان اڳي هنن کي هڪڙو وڏو ڪارخانو ڦناڻو پيو علي رضا کي تہ آسان ٿيو جو جن صاحبلوڪن کي پڙهائيندو هو تن کي چيائين تہ خدا جي مهربانيءَ سان ۽ اوهان جي مدد سان، مون کي ٻاهر آبروءَ جهڙي نوڪري ملي آهي، سو آءٌ اوڏي وڃان ٿو اوهين پنهنجي لاءِ ڪو ٻيو بندوبست ڪريو. پر زينت بانوءَ کي تہ هڪڙي وڏي ڪارخاني ۾ رولو وجهڻو ٿيو. اگرچہ ڏک تي ٿين تہ ههڙو بندوبست ڦٽي وڃي! پر فائدي جي اميد تي ائين ڪرڻ لاچار ڄاتائون.

سو سيني ڇوڪرين جي مائٽن کي اطلاع ڏنائون. جنهن تي نهرايل ڏينهن سيئي اچي گڏ ٿيا. انهن کي سچو احوال ٻڌايائون. هنن کي گهڻو ارمان ٿيو تہ اهڙي اشراف ۽ ۽ پڙهيل زال کيئن هٿ لڳي، جا انهيءَ متل ڪارخاني کي هلائي،مٿان گهڻائي هنيائون. پر في الحال هٿ ڪانہ لڳين، تنهن ڪري لاچار اهو اسڪول بند ڪيائون. سيڪو پنهنجي ٻار جو بندوبست پاڻ ڪرڻ لڳو.

جڏهن علي رضا جن جي رواني ٿيڻ جو ڏينهن آيو تڏهن آگبوٽ تي چڙهڻ کان اڳي بندر تي ڪيترين ئي گاڏيون اچي گڏ ٿيون. ڪيترا مسلمان، هندو ۽ يوربين، جي هنن جا واقف هئا. سي هنن کي موڪلائڻ ۽ هنن کي اُپرائڻ لاءِ آيا. سڀ ڪنهن پئي افسوس ڪيو. سيئي پئي هن جي تعريف ڪئي ۽ هنن کي آئندي جي بهتريءَ لاءِ دعائون پئي ڪيائون ۽ اهي اُميدون پئي رکيائون تہ شل وري بہ موٽي هتي ايندا. گهڻا تہ هنن سان آگبوٽ تائين بہ آيا. پوءِ سڀ موڪلائي هليا ويا ۽ آگبوٽ روانو ٿيو.

انهيءَ طرح جنهن بمبئيءَ شهر ۾ علي رضا پهرين هڪڙو بي نامر بي نشان ماستر ٿي آيو هو جنهن ۾ سندس زال زينت بانو ڪيترا ڏينهن دربدر ٿيو پئي رلي، جنهن ۾ هن قيد ڪاٽيو هو. تنهن ۾ هي اهڙا مشهور ٿي ويا هئا، جو وڏا وڏا ماڻهو هنن جي تعريف مان ڍاوائي نٿي. اهو سڀ هنن جي سرجوشي ۽ محبت، علميت، ايمانداري اشرافت ۽ چڱي انتظام جو ڦل هو.

درياه جو سفر چڱي آرام سان ڪاٽي، نيٺ علي رضا پنهنجي زال زينت بانو پنهنجي ماءُ جان بيبي، پنهنجي ننڍي پٽ منصور علي ۽ پنهنجي دائي مريم سان اچي بغداد ۾ وارد ٿيو.

انهيءَ پٽ کي علي رضا چاٽي واٽي پاڻ سان کڻندو هو. پهرين دل ۾ آيو هوس تہ متان بغداد ۾ يا ڀئي پاسي هنن جي پڙهڻ جو بندوبست نہ ٿئي، تنهنڪري هن کي بمبئيءَ ۾ ڇڏي وڃجي، جتي سندس ماٽي جي پيڻ بہ هوندي ۽ بيا بہ سڄاڻپ وارا هوندا ۽ جتي هن جو پڙهڻ چڱيءَ طرح پيو هلندو، پر ڏٺائين تہ اهڙي سفر ۾ زال کان سواءِ هڪڙو پيو سنگتي بہ مڙس ماڻهن مان ضروري آهي ۽ پٽ جو ساڻ هئڻ دل جي لاءِ وڏو ڏڍ آهي ۽ اوکي سوکي ڪمر ۾ وڏي مدد آهي. رٿ ڪيائين تہ جيستائين ڪو بيو بهتر بندوبست ٿئي، تيستائين آءٌ پاڻ پيو پڙهائيندو سانس. انهيءَ طرح گهر جا ڀاتي اچي بغداد جا رهاڪو ٿيا.

علي رضا وڃي پنهنجي عهدي جي جاءِ تي قابو ٿيو. لکپڙهہ سڀ وٽي هٿ ڪيائين. رهيا کهيا ڪاغذ جيڪي هئا تن جو پچي ڳاڇي نيڪال ڪيائين ۽ جيڪي ڪمر ڪرڻا درپيش هئا، انهن جي پورائيءَ جو بندوبست ڪيائين. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جي هوشياري، چالاڪي ۽ ايمانداري سندس بالا آفيسر کي معلوم ٿي، جنهن جو ساڻس گهڻو پيار ٻجهي ويو. هن کي هن جا سفارش ناما بہ گهڻا پهتا هئا، سو هن کي خاطري ٿي تہ برابر هي هر طرح اهڙن ملڪي ڪمن جو لائق آهي.

ڏارينءَ حڪومت سان ناهہ نوهہ رکڻ البت مشڪل ڪمر آهي. هڪڙو بہ ڪمر انگريز سرڪار ۽ سلطان جي سرڪار جي وچ ۾ هو جنهن جو فيصلو ڪرڻو هو ۽ هن کان اڳي گهڻا مٿا هنيا هئائون، پر فائدي ۾ نبيرو نٿي ٿيو. علي رضا، جنهن سلطان جي ڪامورن سان دوستيءَ جو رستو رکيو هو ۽ پيو وري

پاڻ مسلمان ۾ قابل تجويز وارو ماڻهو هو تنهن هنن سان سگهوئي اهڙو ناهه ڪيو. جنهنڪري ريزيڊنٽ صاحب نهايت خوش ٿيو ۽ هن جي تعريف مٿي سرڪار ۾ لکيائين، جو علي رضا جي نالي آفرين نامو آيو.

مطلب تہ انهيءَ عهدي تي علي رضا کي هڪڙو ورهيہ مس گذريو تہ هن جو نالو پنهي طرفن ۾ مشهور ٿي ويو. هن جي اهڙي عجيب هلت هئي، جو هو هر دلعزيز ٿي ويو.

سگهوئي حڪم پهتو تہ استنبول ۾ انگريز سرڪار جو جيڪو ڪانسل رهي ٿو تنهن جي هيٺان نائب جي جاءِ تي علي رضا وڃي. پگهار بہ تمام چڱو ۽ درجو بہ وڏو هو تنهنڪري علي رضا گهڻو خوش ٿيو.

اگرچہ بغداد جي ريزيڊنٽ هن کي ڇڏڻ نٿي گهريو ۽ هڪ دفعي تہ انهيءَ بدلي مهل رکڻ لاءِ بہ لکيو هئائين، پر جڏهن هن پاڻ کي لياقت ڪري اضافي جو حقدار ڪيو هو، تڏهن سرڪار هن جي هڪدم بدلي ڪئي؛ سو اوڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. هن کي انهيءَ پاسي وڃڻ ملڪن گهمڻ جو هوس اڳيئي گهڻو هو جو خوشي هيس تہ قومن- قومن جي ماڻهن سان واقفيت ٿئي ۽ زماني جو آزمودو بہ حاصل ٿئي، سو پاڻ گهڻو خوش ٿيو.

اهو هڪڙو سال، جو علي رضا بغداد ۾ رهيو تنهن ڪري سندس پٽ منصور عليءَ جي تعليم ۾ گهڻي رنڊڪ ٿي. اگرچہ پاڻ هن کي پيو پڙهائيندو هو تڏهن بہ پوليٽيڪل ڪم ايترو گهڻو هو، جو هن کي پوريءَ طرح تعليم ڏيڻ لاءِ وقت ڪونہ ٿي مليس، سو پٽي خيال ڪيائين تنهن کي وري بمبئيءَ موڪليان، يا ولايت ڏي روانو ڪريان تہ پلي پاءُ سان گڏ رهي، پڙهي، هيءُ محبوب علي کان رڳو بہ- اڍائي ورهيہ ننڍو هو ۽ بمبئيءَ ۾ پڙهي پاءُ جهڙو هوشيار ٿيو هو.

ڪن دوستن بہ علي رضا کي اها صلاح ڏني تہ "جڏهن هڪڙو پٽ اڳيئي لنڊن ۾ اٿئي، تڏهن هن کي بہ ڏياري موڪل، پيئي گڏ رهندا. ڏارين ملڪ ۾ هڪ ٻئي جي سنگت بہ ٿيندين ۽ خرچ بہ هڪڙو ئي ٿيندو. گهڻو وڏندو ڪين، وڏي ڳالهہ تہ هن جي تعليم جو تمام چڱو بندوبست ٿيندو."

اها صلاح علي رضا کي بہ پسند آئي، جڏهن خدا وسعت بہ ڏني هيس، تڏهن پنهنجي اولاد جي لاءِ حتي المقدور چڱو بندوبست ڪرڻ هن ضروري ڄاتو.

تنهنڪري ٺهراءُ ڪيائين تہ سڀ گڏ بغداد مان روانا ٿيون. اسين وچون استنبول ۽ منصور علي وچي لنڊن.

هن پٽ جي نسبت ۾ علي رضا ارادو ڪيو تہ ولايت ۾ طبابت جو علم سکي ۽ ڊاڪٽريءَ جو امتحان ڏئي ۽ نيٺ سول سرجن ٿئي. انهيءَ بابت جيڪا فهمايش هن ضروري ڄاتي، سا ڏيئي، هن پٽ کي بہ روانو ڪيو ۽ پاڻ بہ روانو ٿيو.

پنهنجي اولاد جي نسبت ۾ علي رضا کي هاڻ هر طرح خاطري ٿي. هن ڏٺو تہ خدا جي مهربانيءَ سان سڀ صالح ٿيا آهن ۽ پنهنجي منهن ڪم کي لڳي ويا آهن ۽ وڏو انتظار مائٽ کي ڏيڻ جو ٿيندو آهي، سو بہ ڪونہ هوس. جيڪي ڪانئس پڇي سگهيو هو سو انهن جي بهتري لاءِ ڪيو هئائين. باقي سڀ ننگ ڪٽي الله تي رکيائين.

ٻيو ڪو ٻار بہ اڃا ڪونہ ٿيو هون. تنهنڪري گهر ۾ وري بہ اهي ساڳيا ٻاتي وڃي بچيا. جيڪي سندس شاديءَ جي پهرئين ڏينهن هئا: يعني علي رضا، سندس زال زينت بانو، سندس ماءُ جان بيبي ۽ سندس دائي مريم.

جان بيبي ۽ مريم اڃي پوڙهيون ٿيون هيون، پر علي رضاجي لاءِ هي غنيمت هيون. انهن جي هوندي هن جي گهر جي وڏي آبادي هئي، هو هن جي لاءِ وڏي مدد هونديون هيون.

اگرچہ پرينديءَ بمبئيءَ ۾ صلاح آئي هيس تہ انهن مان هڪڙي يا ٻنهي کي پنهنجي ڏيہَ وٽ ڪٽي ڇڏي، پر پوءِ هن خيال ڪري ڏٺو تہ اهي سوڪڙيون بابي مرحوم جون نشانيون آهن، سي ٻلي منهنجي سر سان هجن تہ چڱو جو انهن جي سنڀال جو حق منهنجي ئي سر تي آهي.

انهن مٿين ٻاتين سان علي رضا اچي استنبول ۾ پهتو.

—*—

باب سورهون

# سلطان وٽ

استنبول يا اسلامبول، جنهن کي قسطنطنيه به چوندا آهن، سو وڏن شهرن مان هڪڙو آهي. اهو روم يا ترڪستان جي سلطان جو تختگاهه آهي ۽ مسلمانن جي وڏي بادشاهت جي گاديءَ جو هنڌ آهي. اهو هڪڙو قديم شهر آهي ۽ گهڻين ڳالهين ڪري دنيا ۾ مشهور آهي.

انهيءَ شهر ڏسڻ جي خواهش علي رضا کي گهڻن ڏينهن کان هئي. تنهن جو هڪڙو ته سبب هيءُ هو جو اهو تمام سهڻو بڌل شهر مشهور آهي، ٻيو ته مسلمانن جي گادي ۽ اسلامي دين ۽ علم جي خاص جاءِ آهي، ٽيون ته اهو علي رضا جي پيءُ ۽ ڏاڏي جو اصلوڪو وطن هو ڇالاءِ جو علي رضا جو ڏاڏو پاڻ ترڪ هو ۽ سرحدي پرڳڻي جو رئيس هوندو هو جو پوءِ زماني جي گردش ڪري اچي نيٺ سنڌ ۾ نڪتو هو ۽ اتي رهي وڃڻ ڪري پنهنجي اصلوڪن مائٽن سان واسطو ٽٽي ويو هوس، (جيئن مٿي ٽئين باب ۾ ذڪر ڪيل آهي) علي رضا ڀانئيو ته جڏهن خدا وسعت ڏني آهي ۽ وجهه ڏنو آهي، تڏهن ابي- ڏاڏي جي ڄمڻ جي جاءِ ڏسان، اگرچه ڪي هيس ته سنڌس پيءُ سانگي سان سنڌ ۾ ويهي ويو ۽ پوئيوارن سان واسطو ڪونه رکيائين، تنهن ڪري سنڌس عزيزن کي هٿ ڪرڻ مشڪل ٿيندو تڏهن به رڳو اصلوڪن وطن ڏسڻ جي هن کي سُڌائي سڪ هئي ۽ اتي جي رڳي هوا مانه هن کي لذت اچڻ جي اميد هئي.

استنبول ۾ انگريز سرڪار جي طرفان هڪڙو وڏو ڪانسل رهي ٿو. انهيءَ جي نائبيءَ تي علي رضا بغداد مان بدلي ٿي آيو هو. هو پنهنجي عهدي جي چارج وٺي دخلڪار ٿيو.

پوليٽيڪل ڪم هاڻ هن کي نئون ڪين هو. ٻارهن مهينا بغداد ۾ به ڪيو هئائين. اگرچه هتي انهيءَ هنڌ کان گهڻو ڪم هو تڏهن به علي رضا کو

ڪم ڪان ٻچڻ وارو نہ هو. اهڙيءَ چالاڪيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيائين جو تورن ٽي ڏينهن ۾ ڪانسل صاحب منجهانئس خوش ٿيو. پيو وري هن جا آفرين ناما ۽ هن جي وڏ ماڻهپ ۽ هوشياريءَ جا ڪاغذ جي ڏنائين. تن هيڪاري هن جي دل تي چڱو اثر پيدا ڪيو. سو هن کي زبردست ڪين ڄاڻندو هو ۽ تمام گهڻي عزت ڏيندو هوس.

هن کي پهريائين ترڪي ٻولي نہ ڄاڻڻ ڪري البت ٿوري مشڪلات ٿي، پر ڇهن مهينن جي اندر هن شوق رکي،اها ٻولي سکي. فارسي ۽ عربيءَ ۾ هوشيار هو ۽ ترڪي هن جي وڏن جي زبان بہ هئي. تنهنڪري انهيءَ جي سکڻ ۾ هن کي گهڻي آساني ٿي. تيستائين هن کي ڪم ۾ ڪا حرڪت نہ ٿي. آفس جو ڪم گهڻو ڪري انگريزيءَ ۾ هلندڙ هو ۽ سلطان جي سرڪار سان جيڪو ڪم ڪار ٿيندو هو تنهن جو اُڪلاءُ هو فارسي زبان ۾ ڪندو هو.

اهو ڪم اهڙي ڍول جو هو، جنهن ڪري سگهوئي هن کي سلطان جي اميرن ۽ ٻين عهديدارن سان آمد رفت ۽ گفتو ڪرڻي پئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ خود سلطان جي دربار ۾ بہ اچڻو پيو. انهيءَ ڪري هي پنهنجي ڦڙتائي ۽ هوشياري ڏيکاري مشهور ٿي ويو.

انهيءَ عهدي تي علي رضا ڪل ٻہ ورهيہ رهيو. پر انهن ٻن ورهين ۾ جهڙو انگريز سرڪار کان، تهڙو ترڪي سرڪار کان هن کي آفرين ناما ۽ انعام مليا. انهيءَ عرصي ۾ زينت بانو بہ پنهنجي سر محنت ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. مڙس کي ترڪي پڙهندو ڏسي، کيس بہ شوق ٿيو. سا بہ هاڻي ترڪي ٻولي ڳالهائڻ توڙي لکڻ- پڙهڻ سکي ۽ جن وڏن ماڻهن سان اتي رهڻ ڪري هي واقف ٿي ويا هئا،تن سان اٿڻ- ويهڻ لڳا.

هتي جي زالن کي ايتري علميت نہ هئي، جيتري زينت بانوءَ کي هئي، پاڻ هن ۾ ٻين مسلماني ٻولين سان گڏ انگريزي ٻولي ڄاڻڻ جو ڳڻ وڌيڪ هو تنهن ڪري سڀ زالون زينت بانوءَ کي هڪڙي وڏي هوشيار ۽ علامہ ڪري ليکينديون هيون. انهيءَ جو وجهہ ڏسي زينت بانوءَ پاڻ کي مشهور ڪرڻ ۽ هنن کي فائدي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

پهرين ارادو هوس تہ جيئن بمبئيءَ ۾ ڪيو هئائين، تيئن هتي بہ هڪڙو زنانو مڪتب جاري ڪريو، پر انهيءَ لاءِ هن کي بہ اعتراض هئا: هڪڙو تہ هتي ماڻهو (خاص زالون) انگريزي ٻوليءَ سان ٿوري گهڻي نفرت ڪندڙ هئا ۽ انهيءَ ڪري ڪنهن کي سکڻ جي خواهش نہ هوندي هئي. ٻيو تہ هتي هي امير ماڻهو ليڪيل هئا ۽ اميراڻي اُٿ۔ ويهہ ڪندا هئا، تنهنڪري ڄاڻائون تہ اهڙي بندوبست ڪري اسين وچي عام مُلن ۽ آخوندن سان مٿ پونداسين ۽ ائين بہ چوڻ ۾ ايندو تہ انهيءَ رستي پئسي اماڻڻ جي رٿ ڪئي اٿن.

تنهن ڪري هنن وچون ٻي رٿ ڪئي. زينت بانوءَ هڪڙي پردي واري مجلس مقرر ڪئي، جتي هفتي ۾ هڪڙو ڀيرو جمعي جي ڏينهن شام جو سڀ بيبيون، جي هن سان واقف هيون ۽ ٻيون بہ جن جي خواهش ٿيندي هئي، سي اچي گڏ ٿينديون هيون. انهيءَ زنانيءَ مجلس ۾ زينت بانو اتيٰ ڪنهن خاص مضمون تي گفتگو ڪندي هئي. ڪلاڪ۔ بہ اتي گذاري، پاڻ ۾ صحبت ڪري، وري هليون وينديون هيون ۽ وري ائين ڏينهن گڏ ٿينديون هيون.

اهي اميرن جون زالون ۽ ڌيئون هيون، تنهن ڪري هنن جو اچڻ وڃڻ پردي وارين گاڏين ۾ ٿيندو هو ۽ اها جاءِ بہ انهيءَ ڪم لاءِ هن سرڪاري طرح هٿ ڪئي هئي، جنهن جي چوڌاري هڪ عجيب باغ هو جنهن ۾ شام جو مجلس جي ڪم لهڻ کان اڳي يا پوءِ هنن کي گهمڻ ڦرڻ ۽ کلڻ ڳالهائڻ ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ پاڻ ۾ مناسب ۽ شائستيون رانديون ڪنديون هيون، ڪڏهن ڪڏهن تہ اتي چاءِ يا هلڪي کاڌي جو بندوبست ٿيندو هو.

مطلب تہ اهو ڪلاڪ بہ جيڪو اينديون هيون، سو هنن جو خوشيءَ ۾ گذرندو هو. سيڪا بيبي پنهنجي گهر ۾ خوش گذاريندي هئي، جهڙو هتي ٻين سهيلين جي سنگت ۾. تنهنڪري هو سڀ سڄو ئي هفتو انهيءَ ڏينهن جي لاءِ منتظر رهنديون هيون. اها خبر هين تہ انهيءَ بندوبست ڪرڻ واري زينت باڻ آهي ۽ وري هن کي مسافر ۽ ڏارئين ملڪ جو ٿي ڄاڻائون، تنهن ڪري هن کي پار زياده عزت ڏينديون هيون.

انهيءَ انتظام مان رڳو اهو فائدو نہ نڪتو تہ پردي وارين اشراف زالن کي مناسب طرح صحبت ڪرڻ، خوش گذارڻ ۽ دل وندرائڻ جو چڱو وجهہ مليو، پر

هنن جو ديني ۽ دنيوي سڌارو بہ ٿيڻ لڳو. ڇالاءِ جو زينت بانو انهيءَ ڪم لاءِ چونڊي مختصر طرح جدا جدا مضمونن جي يادداشت پاڻ وٽ رکي پوءِ هڪڙي- هڪڙي مضمون تي واري واري سان گفتگو ڪندي هئي. هن کي انهيءَ ڪم لاءِ اڳيئي تيار ٿيڻو پوندو هو. تنهن ڪري پنهنجي منهن فارسي، هندستاني ۽ انگريزي ۽ ترڪي ڪتاب اُٿلائي- پٿلائي ضروري ڳالهيون ڪاغذ تي اتڪائي ايندي هئي ۽ اهي مضمون خاص ڪن ديني ڳالهين ۽ زنانن اخلاقن ۽ نيڪي جي ڪمن بابت هوندا هئا ۽ اڪثر حجت ۽ دليلن لاءِ هن کي قرآن جون آيتون ۽ حديثون شاهديءَ ۾ آڻيون پونديون هيون. ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏيڻي پوندي هئي.

انهيءَ رستي مسلماني دين ۾ جيڪي پرم ۽ وسوسا ۽ بيون اعتراض جهڙيون ڳالهيون ماڻهن جي اڻ سمجهائي ۽ عالمن جي فضوليءَ ڪان پئجي ويون هيون، تن سيني جي برخلاف هن کي ثابتيءَ ڏيڻ جو چڱو وجهہ مليو. تنهنڪري چئبو تہ انهيءَ مجلس مان زالن لاءِ دين جو سڌارو، علم جو سڌارو، عقل جو سڌارو انهيءَ سان گڏ جسم جو سڌارو ۽ دل ۽ دماغ جو سڌارو ٿيو. تنهنڪري اهي سڀ زينت بانوءَ جون شڪر گذار ٿيون.

زينت بانو ٿورو ٿورو ڪري بين بہ پن- چئن بيبين کي اهڙي قسم جي گفتگو ڪرڻ لاءِ پنهنجو شاگرد ڪيو جو هو بہ ڪڏهن ڪڏهن گفتگو ڪنديون هيون. پوءِ تہ گهڻن ئي کي انهِيءَ جو اچي شوق ٿيو ۽ هيترن جي وچ ۾ اچي گفتگو ۽ چڱي مضمون ۽ چڱي حجت آڻڻ لاءِ اڳيئي علم جو تحصيل ڪرڻ ۽ ڪتاب مطالع ڪرڻ جو هوس جاڳيو هو. تنهنڪري اها ڳالهہ شهر ۾ مشهور ٿي ويئي تہ علي رضا جي بيبيءَ جي آئي استنبول جي زناني عالم ۾ هر طرح جو سڌارو ٿيو آهي ۽ جتي ڪٿي مڙسن خواه زالن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نڪرندي هئي، تہ فلاڻي بيبي بہ انهيءَ زناني مجلس جي شريڪ آهي تہ سيڪو چوندو هو تہ ”تڏهن پلا چونہ اها پڙهيل ۽ نيڪ ۽ لائق زال هوندي“.

اها مشهوري سلطان جي ڪنن پيئي، جنهن هڪڙو چڱو انعام علي رضا جي بيبيءَ لاءِ ڏياري موڪليو. انهيءَ کي هي فخر سمجهندا هئا. جو انهيءَ

ڪري زينت بانو گويا استنبول جي اميرن جي بيبين کان درجي ۾ واڌو ليکجي ويئي.

ڪي اهڙي مشهوريءَ ڪري ۽ ڪي سلطان ۽ سندس اميرن جي لالچائڻ تي، علي رضا جي خواهش ٿي ته نائب ڪانسل جي نوڪري ڇڏي ڏيان ۽ سلطان وٽ اميريءَ جي جاءِ قبول ڪريان پر اوچتو استعيفا ڏيڻ هن کي به مناسب نظر نه آئي، تنهنڪري اهڙو بندوبست ڪيائين، جو سلطان جي طرفان انگريزي ڪانسل کي منٿ ڪرڻ ۾ آئي ته جڏهن علي رضا مسلمان ۽ آبروءَ وارو ۽ پڙهيل ماڻهو آهي ۽ انگريز سرڪار جي حڪومت ۾ عمر آندي اٿس، تڏهن هن کي موڪل ڏجي ته سلطان وٽ اميريءَ جو عهدو قبول ڪري، جو انهيءَ ڪري انهيءَ حڪومت کي به فائدو ٿيندو ۽ انگريز سرڪار سان به دوستي پڪي ۽ قائم ٿيندي.

علي رضا ته اڳيئي انگريز سرڪار وٽ برک هو تنهنڪري هن کي انهيءَ ڪم جو هر طرح لائق ڄاڻائون؛ سو لکپڙهه سان انگريز سرڪار جي معرفت علي رضا اچي سلطان وٽ ٿيو. انهيءَ تجويز مان علي رضا کي هڪڙي ٻئي فائدي جي به اميد هئي، ڇالاءِ جو ڄاڻائين ٿي ته اڪثر خود مختار بادشاهه جڏهن ڪاوڙبو آهي، تڏهن گهڙيءَ ۾ امير کي لاهي آڻي فقير ڪندو آهي ۽ جڏهن راضي ٿيندو آهي، تڏهن گهڙيءَ ۾ فقير کي چاڙهي نيئي امير ڪندو آهي؛ سو مٿان ٻين اميرن جي حسد ڪري يا ٻيءَ طرح مون سان به اوچتو اها ڳُٽ ٿئي، تنهنڪري جي منهنجي مقرري انگريز سرڪار جي معرفت ۽ ان جي هٿان ٿيندي ته وري به وڏو بچاءُ ٿيندو ۽ اهڙو آسانيءَ سان مون کي ستائي نه سگهندا.

انهيءَ طرح پنهنجو پڪو بندوبست ڪري، علي رضا سلطان وٽ حاضر ٿيو ۽ سندس مقربن مان هڪڙو ٿيو. اڪثر اندرين يا ٻاهرين ملڪي ڪمن ۾ هن جي صلاح مصلحت پڇڻ ۾ ايندي هئي، خاص ڳالهه جيڪا انگريز سرڪار سان واسطو رکندڙ هئي،تنهن ۾ به هن جي صلاح ضرور پڇڻ ۾ ايندي هئي.

اگرچه هيءَ ڏاريو هو ۽ انگريز سرڪار جي ملڪ جو هو ته به سلطان کي هن جي نمڪ حلاليءَ ۾ ايتري اميد هئي ته هي مسلمان آهي، ديندار آهي،

نيڪ آهي، پڙهيل آهي، آزمودگار آهي ۽ ٻنهي حڪومتن جو چڱيءَ طرح واقفڪار آهي. تنهن سان جو آءٌ هيتري مهرباني ڪريان ٿو ۽ هيتري عزت ڏيان ٿو سو نمڪ حراميءَ ڪري ڪا خراب صلاح نہ ڏيندو پاڻ فائدي جهڙي مصلحت ڏسيندو. حقيقت ڪري هو ڪندو بہ ائين هو. ڪيترن ئي ڪمن ۾ اهڙيءَ طرح جي پورائي ڪئي هئائين. مطلب ڳالهہ جو تہ علي رضا ۽ سندس ٻيبيءَ جو درجو سلطان وٽ وڌندو ويو ۽ هنن جي عزت زياده ٿيندي ويئي.

هڪڙي ٻيري ڪو چڱو اتفاق ٿيو جنهنڪري علي رضا وڃي اوج کي پهتو. هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير سلطان پنهنجي وڏي حرمخاني ۾ نماز پڙهي اچي ويٺو هو تہ هڪڙي ٻانهيءَ هڪڙو بند ٿيل ڪاغذ آڻي ڏنس. چيائين تہ "محلات جي پاسي ۾ ٻاهر پيو هو." مٿانس اکر لکيل ڪونہ هو جي ڪو هو تہ بہ رات جي وقت گهر ۾ جو ٻاهر پيو هو يا لٽڙ ۾ آيو هو سو اکر ڌهي ويا هئا. ٻانهيءَ لنگهندي پٽ تان کنيو هو پانيائين تہ مٿان ڪنهن سرڪاري ڪم بابت هجي، يا سلطان جي ڪيسي مان ڪريو هجي، سو کڻي آڻي ڏنائينس.

سلطان کولي ڏٺو تہ منجهس هن طرح لکيل هو. يارو! سيني کي خوشخبري هجي. پنج - اٺ ڄڻا ٻيا بہ اسان سان شامل ٿيا آهن. باروت جو بہ اوهان اڳيئي ٿورو گهڻو انداز پهچايو هوندو. ٻيو اسان موڪليو آهي، سو قابو رکجو. اوهان جي اطلاع اچڻ تي ٻيو بہ ٻيا موڪليندا سين، جيسين ڪہ انهيءَ محلات کي سندس ٻاتين سوڌو اڏائي وڃي آسمان تائين پهچائيندا سين. ايندڙ جمعي ڏينهن ضرور اسان سان ملجو جو اڳتي لاءِ ڪا ٻي وڏيڪ صلاح ڪرڻي آهي. خدا حافظ

اهو خط گونگو لکيل هو. نڪا مٿان عبارت هيس، نڪا هيٺان ڪا صحيح هيس. جنهن مان خبر پوي تہ ڪنهن، ڪنهن ڏي لکيو. سلطان تہ خط پڙهي کڻي ڪيسي ۾ وڌو. پوءِ ويٺو ڳڻتي ڪرڻ تہ هن جو مطلب ڇا هوندو ۽ اهڙو ڪاغذ خود منهنجي گهر جي اندر ڪيئن آيو هوندو! ڄاڻائين تہ يا ڪنهن جو بيخبريءَ کان ڪري پيو آهي، يا تہ ڪنهن ڄاڻي واڻي منهنجي نظر تي آڻڻ لاءِ اتي ڦٽو ڪرايو آهي. باروت ۽ محلات جي اشارن مان هن کي دل جو خطرو بہ جاڳيو تہ مٿان ڪن دشمنن ڪو منصوبو ڪيو هجي!

هي ڪچ تائين فڪر ۾ رهيو. پاڻ ظاهر ڪرڻ بہ مناسب نہ ڄاتائين. ۽ جلد سماءُ وٺڻ يا بندوبست ڪرڻ بہ ضرور سمجهيائين. تنهن ڪري ڦيريائين تہ پاڻ حرمسراءِ جي اندر سيني حرمخانن ۾ گهمڻ ويو ۽ هيڏي هوڏي جون جايون گهمي ڏٺائين. تہ متان ڪا اهڙي خرابي جهڙي شئي لڪي پيئي هجي.

اندر جي ماڻهن کي پاڻ حيرت ورتو تہ اڄ سلطان ڪيئن ڪنڊ ڪنڊ ڪري ٿو حويلي گهمي! پر سلطان ظاهر ڪيو تہ محلاتن جي عمارتن ۾ ڦير گهير ۽ پيچ گهڙ ڪرائڻي اٿم. تنهن ڪري گهمي ٿو ڏسان. سو اهو ڏينهن تہ سڄوئي هن کي انهيءَ ڪم ۾ گذريو. پر ڪوبہ پتو نہ پيس. شام جو مناسب ڄاتائين تہ علي رضا بيگ سان انهيءَ باتب صلاح ڪريان. جو هن جي چالاڪيءَ ۽ ايمانداريءَ تي گهڻو ڀروسو هوس.

علي رضا بہ خط ڏسي گهڻو ڊنو. پڪ ٿيس تہ ڪا خرابي درپيش آهي، پر لفظن مان معلوم ڪيائين تہ اها خرابي جي هوندي، تہ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٿيڻي آهي، هڪڙي- ٻن ڏينهن ۾ ڪين ايندي. تنهن ڪري مخفي طرح جاچ ڪرڻ جو وقت پيو آهي، هن پاڻ سلطان کي صلاح ڏني تہ اها ڳالهہ ظاهر نہ ڪجي، متان ڪنهن دربار جي امير جو انهيءَ ۾ هٿ بہ هجي.

علي رضا دل ۾ ڄاتو تہ اهڙو ڪاغذ، جو حرمخاني جي اندر لڌو آهي، سو ضرور ڪنهن زال ماڻهوءَ جو بہ انهيءَ ۾ هٿ آهي. انهيءَ جاسوسپ لاءِ پاڻ تہ مڙس ماڻهو ٿي جاچ ڪري سگهي، تنهن ڪري سلطان کي عرض ڪيائين تہ "سائين! اجازت ملي تہ منهنجي بيبي ڪي ڏينهن حرمسراءِ ۾ اچي رهي ۽ مخفي جاچ ڪري، ۽ آءٌ ٻاهر جاچ ڪندس. اميد آهي تہ ڪو پتو ڪيڏي ڏينداسين. تہ پوءِ وري ڪا ٻي صلاح ڪنداسين."

ٻئي ڏينهن سوير زينت بانو اچي اندر ٿي، ۽ سندس لاءِ سلطان تاڪيد ڪري ڇڏيو تہ اسان انهيءَ بيبيءَ کي اندر رهڻ ۽ حرمن سان محبت ڪرڻ لاءِ گهرايو آهي، تنهن جي چڱيءَ طرح سنڀال رهي ۽ هن کي پوري عزت ۽ آبرو ملي."

زينت بانوءَ کي مڙس سمجهائي ڇڏيو هو تہ اندر وڃي سيني زالن سان، جهڙو سلطان جي بيبين سان تهڙو ٻين خدمتگارن حد کان وڌيڪ ميلاپ ۽

گهرائي رکج جنهن ڪري انهن سان ڳالهين ڪندي ڪا ٻاڦ ٻاهر نڪري پوي ته
چڱو.

زينت بانوءَ ڏاڍي استادي ڪئي: سلطان جي سيني حرمن وٽ ويئي،
انهن سان ڏاڍو ميلاپ رکيائين. هن جي تعريف اندر به پهتي هئي ۽ خبر هين ته
عزت واري امير جي زال آهي ۽ ڏاڍي هوشيار آهي، تنهن ڪري هنن پاڻ هن سان
صحبت ڪرڻ جي گهڻي خواهش ڪئي.

اٺن – نون ڏينهن جي گهرائي ۽ جاچ مان هن نيٺ پڪو پتو هٿ ڪيو.
سلطان کي ٻن حرمن مان پٽ هئا، وڏو پٽ ڏاڏيءَ پوٽيءَ مان ۽ ننڍو پٽ ڪرد قوم
جي هڪڙيءَ زال مان. ڪرد ماڻهو ايران جي سرحد تي هڪڙي جابلو پرڳڻي،
ڪردستان جا رهاڪو آهن. هو گهڻو ڪري جهنگلي ماڻهو آهن ۽ ڦرمار تي به
گذران ڪندا آهن. انهن ترڪستان جي سرحد تي لُٽ جي لاءِ ڪاهه ڪئي
هئي. اڳيان ترڪي لشڪر سامهون ٿين، تن هنن کي ڀڄائي ڪڍيو ڪن کي
ماري وڌائون ۽ ڪن کي قيد ڪيائون.

قيدين ۾ ٻه – ٽي زالون به هيون، جي مڙسن سان گڏ ڏاڍيءَ بهادريءَ سان
وڙهيون هيون. انهن کي سلطان وٽ آنداڻون. انهن مان هڪڙي تمام جوان ۽ حسين
۽ همت ڀري هئي ۽ پرٽيل به نه هئي. انهيءَ جو نالو فتنه خانم هو. اُها سلطان کي
پسند آئي. زال جي مرضيءَ پٺيان سلطان انهيءَ سان نڪاح ڪيو ۽ هن کي
حرمسراءِ ۾ آنداڻين.

هن سان ايتري دل ٿي ويس، جو ڪي ڏينهن ته ٻيا حرم ئي وسري ويس:
انهيءَ مان هڪڙو پٽ به ڄائس. هن کي هتي رهندي ست – اٺ ورهيه گذري ويا هئا
۽ هن جي معرفت سندس خدمت لاءِ سندس قوم جون ٻه – ٽي زالون به اچي رهيون،
۽ ٻه – ٽي نوڪر به سلطان وٽ پگهاردار ٿيا.

زينت بانوءَ کي اندر پنهنجي جاچ مان معلوم ٿيو ته هن زال جي سلطان
جي وڏي گهر يعني ڏاڏي پوٽيءَ زال ساڻ گهڻي اڻبڻت هئي، جو هڪ ٻئي جو گهڻو
شڪو ڪندو ٻڌو هئائين.

هيءَ به ڳالهه معلوم ٿيس ته هڪڙي ڪرد زال بيبي فتنه خانم ڪان ظاهر
ڪري رُسي، اچي سلطان جي وڏي گهرواريءَ محلات ۾ رهي هئي، اُها پهرين

ڏينهن ۾ اصل فتنہ خانم ڏي ڪين ويندي هئي. پر پوءِ اڪثر پئي ويندي هئي، مگر رهندي انهيءَ محلات جي هڪڙي پاسي واري ڪوٺيءَ ۾ هئي. ۽ سلطان جي وڏي بيبي بہ هن کي پنهنجي پهاڄ جو ماٽهو ڄاڻي، هن سان مهرباني ڪندي هئي. انهن مٿين ٻنهي ڳالهين تي زينت بانوءَ گهڻو ويچار هلايو ۽ پنهنجيءَ پر ۾ باريڪ جاچ ڪرڻ لڳي جنهن جاءِ ۾ اها ڪرد ٻانهي رُسي اچي رهي هئي. اتي ٿورن ڏينهن تائين رهڻ جي لاءِ زينت بانوءَ ارادو ڪيو. ظاهري عذر ڪياڻين تہ ”اها گوشائتي جاءِ آهي ۽ هوادار آهي، اتي آءٌ بہ ٻيئي رهنديس.“ اگرچہ ٻهرئين ڏينهن انهي ٻانهيءَ کي زينت بانوءَ جو اتي رهڻ ڳرو لڳو پر زينت بانو تہ ڏاڍي خوشطبع ۽ ميلاپڻ هئي، تنهن هن کي پنهنجي سنگت ۾ خوش ڪري ڇڏيو.

—※—

باب سترهون

# منصوبو

زينت بانو جنهن ڏينهن انهيءَ جاءِ ۾ آئي، انهي ڏينهن ڪچيءَ سومهڻيءَ جو پاڻ وجي پنهنجي هنڌ تي ليٽي. ننڊ جي خمار ۾ هئي، ته ڏسي ته هڪڙي زال ٻاهران آئي ۽ هن ڪرڻ ٻانهيءَ سان آهستون ڳالهيون ڪري، پاسي واري ڪوٺي، جنهن کي ڏينهن جو ڪلف آيل هو سا کولي اندر ويئي، وري ٿوريءَ ويرم کان پوءِ نڪري آئي ۽ وري ٻه هن سان سس ڦس ڪري هلي ويئي.

زينت بانوءَ ڀانيو ته ڪا حرمسراءِ جي ٻانهي آهي، جا اتي ايندڙ آهي، پر ساري هلت ڏسي، هن کي البت شڪ پيو. صبح جو اتي جاچ ڪيائين: معلوم ٿيس ته انهيءَ پاسي واري ڪوٺيءَ مان هيٺ محلات جي تهخاني ڏي وڃڻ جو رستو آهي. انهن ملڪن ڏي گهرن جي هيٺان تهخانن جوڙڻ جو دستور آهي، جتي سياري جي موسم ۾ رهڻو ٿيندو آهي. اها ڪرڻ ٻانهيءَ واري ڪوٺي ٻه سياري ۾ ڪلندي هئي ۽ ڪم ايندي هئي، نه ته بند ٿي پيئي هوندي هئي.

انهيءَ هنڌ جي هيٺان تهخاني هئڻ جي ڳالهه ٻڌڻ شرط زينت بانوءَ کي زياده شڪ پيو. انهيءَ سان راتوڪي زال جي اچڻ جو ڪوبه ذڪر نه چوريائين. مگر هن کي گهنتري ٻڌي چيائين ته "مائي، مون ڪڏهن سلطان جو تهخانو ڪونه ڏٺو آهي، ٻلائي ڪري مون کي ڏيکاريندينءَ؟" هن غذر ورائيو ته "بيبي! هنن ڏينهن ۾ اندر گرمي ۽ اونداهي هوندي، متان ڪا بلا ٻٽون نه هجي." ۽ بيون کي اهڙيون نتائڻ جون ڳالهيون ڪيائين. پر زينت بانوءَ پنهنجو گهڻو شوق ڏيکاريو ۽ چيائين ته "ٻلا، آءٌ سلطان جي وڏي بيبيءَ کي عرض ٿي ڪريان ته مون کي تهخانو گهمائي ڏيکارڻ لاءِ حڪم ڪري؟"

اتي هن ٻانهيءَ ڏٺو ته هيءَ معتبر زال آهي، ائين سوچي، هلي ڪوٺيءَ جو در پٽيائين. ڪوٺيءَ مان وري هيٺ ڏاڪڻ هلي، سا اچي هيٺ تهخاني ۾ بيٺي. اندر انڌارو برابر هو ليڪن معلوم ٿي سگهيو ٿي ته وڏي ڪشادي جاءِ آهي، جا

خود محلات جي هيٺان گهڙي وئي آهي. هڪڙي پاسي کان اٽڪل ويهارو کن ڪاٺ جا پيپ بند پيل هئا ۽ ايرندي پاسي کان وري تازو کوٽيل سوڙهو رستو موريءَ وانگي ٻاهر نڪتل ڏٺو ٿي، جتان ٿوري روشنائي به پئي آئي.

زينت بانوءَ کي شڪ پيو ته گمنام خط ۾ بارود جو ذڪر هو سو متان اهي پيپ يا بارود جا آهن. ويجهو چڪاس ڪرڻ مان معلوم ٿيس ته بارود ٿورو گهڻو هاريل به پيو هو جو انڌاريءَ ۾ چٽو نٿي ڏٺو. هن کي پنهنجي جان جو به اچي خوف ٿيو سو سگهوئي وري پٺتي موٽي.

ٻاهر اچي انهيءَ زال کي چيائين ته "مائي، مون ڀانيو ته بادشاهن جي تهخانن ۾ ڏاڍو ڪو اسباب پيو هوندو پر هتي ته گهڻو ڪچرو پيو هوا" ۽ پڇيائينس ته "اهي پيپ ڇا جا هئا؟" هن چيو ته "خبر ناهي ڇاجا آهن، مون به تو وانگر ڏٺا. شايد ڪو بادشاهي سامان هوندو جو وجهي ڇڏيو اٿن، وري جڏهن ڪم پوندن، تڏهن ڪيندا!"

خير، زينت بانوءَ ته ڳالهه نٽائي ڇڏي، نڪي پڇيائين ته اندرين کوٽيل موري ڇاجي هئي ڪيئن ٿي، انهيءَ لاءِ ته متان ڪو شڪ پويس. هڪڙو به ڏينهن پيو به رهي نڪري آئي.

پڪ ٿيس ته جنهن ڳالهه جي پٺيان هيس، تنهن جو پتو پيم ۽ اها شيءِ به لڌيم، مگر هيئين ڳالهه جي اچا صفائي ڪانه ٿي ته اها زال رات جو ڪير آئي هئي، جا انهيءَ کوٺيءَ ۾ ويئي ۽ اهي بارود جا پيپ اندر محلات جي پيٽ ۾ ڪيئن آيا ۽ ڪهڙن ماڻهن جو اندر يا ٻاهر واسطو آهي، اهو خط جو لڌو سو ڪنهن جو هو ۽ ڪيئن اتي آيو.

هن جيڪو پتو هٿ ڪيو هو سو اچي مڙس کي ٻڌايائين علي رضا ڏاڍو خوش ٿيو. سلطان سان خلوت ڪيائين، هن کي سڄو حال ڏنائين ۽ چيائين ته "منهنجي بيبيءَ ايترو حال معلوم ڪيو آهي، باقي ٻاهر جو ڪم، سو مون تي آهي، پاڻيهي آءٌ ڪندس."

سلطان کي عرض ڪيائين ته "قبلا! خدا جي مهربانيءَ سان هيتري ڳالهه معلوم ٿي ته انهيءَ تهخاني ۾ بارود گڏ پئي ٿيو آهي، انهيءَ لاءِ ته نهرايل وقت تي انهيءَ کي باهه ڏيئي، محلات کي اڏائي ڇڏين ۽ سائين جن جي دشمنن کي آل عيال سوڌو ناس ڪن. ڪهڙن ماڻهن جو اهو ڪم آهي، سو جاچ ڪري پوءِ عرض

ڪرڻ ۾ ايندو في الحال اڳ ڳڻتي ڪري انهيءَ جي نظر رکائجي يا انهيءَ کي بند ڪرائجي ۽ ايتري بہ خبرداري رکجي تہ اها ڳالهہ ڳجهي رهي، ظاهر نہ ٿئي تہ پلي ڏوهاري بہ هٿ اچي وڃن."

سلطان اها خبر ٻڌي، گهڻو خوش ٿيو ۽ علي رضا ۽ خصوصاً سندس بيبيءَ جو شڪرگذار ٿيو ۽ هن کي آفرين ڪيائين ۽ دلاسو ڏنائين تہ "سگهوئي آءٌ اوهان کي انهيءَ نمڪ حلاليءَ جو انعام ڏيندس."

علي رضا جي صلاح سان سلطان يڪدم هڪڙي نہ ٻئي عذر سان انهيءَ ڪردن ٻانهيءَ کي ڪيدائي، سندس ڏياٽيءَ فتنہ خانم ڏي موڪليو ۽ انهيءَ تهخاني جي دروازي کان ڪوٺيءَ ۾ پيا پنهنجا ماڻهو ويهاريائين، جن تي اعتبار هوس. تهخاني مان جو ٻاهرموريءَ واري رستي جو ڏس مليو هوس، تنهن جي پنهنجيءَ پر ۾ جاچ ڪرائي معلوم ڪيائين تہ ڪوٽ جي اوپارين پٽ جي ٻاهران ٿورو ويجهو هڪڙو سڃو گهر هو جنهن مان زمين ڪوٺي محلات ڏي موريءَ جهڙو رستو ٺاهيو هئائون.

اهو گهر ڏينهن جو بنديل رهندو هو تنهن ڪري آسانيءَ سان اهڙي جاچ ڪئي ويئي. سلطان انهيءَ هنڌ زياده پهرو رات ـ ڏينهن جو رکارايو. پر اها سڄي رٽ اهڙي تجويز سان ڪئي ويئي، جو اندر يا ٻاهر ڪنهن کي بہ گمان ڪونہ پيو. تہ تهخاني ۾ ڪو باروت لڌو آهي ۽ جيڪي دشمن انهيءَ ڪم ۾ شامل هئا، تن کي بہ پوريءَ سنڀال رهڻ ڪري اوستائين وڃڻ جو وجهہ ڪونہ مليو.

اهو بندوبست پورو رکائي، علي رضا سلطان کي هڪڙي ٻي رٿي ڏني: عرض ڪرڻ لڳو تہ "سائين! اوهين سياٽي ڪنهنہ عذر سان ظاهر ظهور مون تي رنج ٿي مون کي دربار مان لوڏائي ڪڍيو ۽ نوڪريءَ کان برطرف ڪري ڇڏيو. جو انهيءَ ڪري پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي اوهان جا دشمن هٿ ڪرڻ ۽ انهن سان دوستي رکڻ سولي ڳالهہ ٿيندي پوءِ اگرچہ انهيءَ ۾ جان جو بہ جوکو آهي، پر جي بادشاه سلامت هجي تہ رعيت متانس قربان آهي."

اگرچہ سلطان کي ائين ڪرڻ اهنجو ٿي لڳو تڏهن بہ هن پنهنجو امير جو مطلب چڱيءَ طرح پروڙيو ۽ هن جي چئي تي هلڻ لاءِ ڪم ٻڌائين.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن دربار گڏ ٿي، تڏهن سلطان سيني جي اڳيان علي رضا کي سڏي ناشائستو ڳالهايو ۽ ڪاوڙ ڪيائينس ۽ چيائينس تہ "ٻاهرين

حڪومتن جون هيتريون ضروري لکپڙهون تنهنجي حوالي ڪيون ويون هيون ۽ توکي تاڪيد ڪيو ويو هو تہ انهن جو جلد نيڪال ڪر. پر تو ڄاڻي واڻي انهيءَ ۾ دير وڌي ۽ انهيءَ ڪري اسان جي دشمنن کي پنهنجي مطلب پوري ڪرڻ جو وجهہ مليو جو هو اسان جي سرحدي ڀاڱن ۾ پيا دل کن ۽ اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ تنهنجي انهن سان ڪا رساڪاري آهي ۽ اسان ڏي تون سچو نہ رهيو آهين. انهيءَ ڪري تون وڏيءَ سزا جو لائق آهين. پر جڏهن هيترا ڏينهن نوڪري ڪئي اٿئي ۽ انگريز سرڪار جي معرفت اسان وٽ آيو آهين. تڏهن اسين توسان ڀيونتا ڪريون. حڪم ٿا ڏيون تہ يڪدم اسان جي دربار مان نڪري وڃ. اڳتي اسان جو نوڪر ناهين."

علي رضا ڪڇيو ڪين. ماٺ ڪري سر نوائي هليو ويو. حاضر اميرن مان گهڻن علي رضا جي تعريف ۽ سفارش ڪئي. پر سلطان قبول نہ ڪئي. سيني کي هن اوچتي خراب اتفاق ڪري ڏاڍو ارمان ٿيو. هڙئي مشهور امير جي بيعزتيءَ جي خبر جهٽ چوڌاري پکڙجي وئي.

انهيءَ جو وجهہ ڏسي علي رضا زينت بانوءَ کي پُٽ جي پارت ڪري پاڻ سفر تي سنبريو. هن کي هيتري پڪ ٿي هئي تہ انهيءَ منصوبي ۾ ڪرد ماڻهو شامل آهن. ڇالاءِ جو زينت بانوءَ کان هن کي معلوم ٿيو هو تہ فتنہ خانم ڪردڻ جي سلطان جي وڏي بيبيءَ سان دشمني آهي ۽ ٻيو تہ تهخاني واري ڪوٺيءَ ۾ هوءَ ڪردن رهندي هئي. جنهن جو پڻ انهيءَ ڪم ۾ بيشڪ هٿ هو ٿيون تہ ڪوٽ جي ٻاهران سُڃي جاءِ هئي. جنهن مان اندر محلات ڏي سرنگهہ جو رستو نڪتل هو. انهيءَ مان بہ معلوم ٿيو تہ اڪثر سلطان جا ڪردي نوڪر رهندا هئا ۽ اهي ڪرد وقت بوقت سلطان کان موڪلائي پنهنجي وطن ايندا ويندا هئا. تنهن ڪري علي رضا بہ آسانيءَ سان انهن ڪردي نوڪرن جي واهر سان استنبول ڇڏي ڪردستان ڏي آيو.

هنن کي پڪ هئي تہ هن کي سلطان بيعزتي ڪري ڪڍيو آهي. سو ضرور سلطان جي برخلاف هوندو ۽ هيءُ بہ ظاهر ظهور ڪوڙ ڪري سلطان کي اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳو. انهيءَ رستي هي هنن سان ملي ويو.

هي آبروءَ وارو ماڻهو هو. تنهن جي هنن گهڻي خاطري ڪئي. هو پاڻ خوش ٿيا تہ هي اسان جو گهڻو مددگار ۽ صلاحڪار ٿيندو. ٽن مهينن هورئان

پنهنجي سڄي منصوبي مان هن کي واقف ڪيو. چيائونس ته :"اسين سڀ فتنه خانم جي طرف جا آهيون. اسان مان گهڻا ته هن جا عزيز آهن. راڻيءَ سان سلطان جي گهڻي دل آهي ۽ منجهانئس هڪڙو پٽ به اٿس. مگر سلطان کي پهرئين حرم مان وڏو پٽ آهي،تنهن ڪري سلطان کان پوءِ تخت انهيءَ کي ملندو انهيءَ سان اسان جي راڻيءَ جي گهڻي اڻبڻت آهي. تنهنڪري هن جي اشاري سان اسان رٿ ڪئي آهي ته بادشاه کي سندس وڏي راڻيءَ ۽ وڏي پٽ سوڌو ڪپائي ڇڏيون ته پوءِ ضرور تخت اسان جي راڻيءَجي پٽ کي ملندو ۽ بادشاه جي مرڻ جي ڪري جلد اهو ملندو. اهو شهزادو اڃا ته صغير آهي، تنهنڪري جيسين وڏو ٿيندو. تيسين حڪومت جي واڳ راڻيءَ جي هٿ ۾ رهندي. پوءِ اسين سڀ چڱي حال ۾ گذاريندا سين ۽ اسان کي يقين آهي ته جهڙي امير کي راڻي فتنه خانم پنهنجو اڳوڻو درجو ڏيندي، خاص جڏهن ٻڌندي ته تو اسان سان ڏاڍي مددگاري ڪئي آهي."

علي رضا چيو ته آءُ راڻي تان قربان آهيان. اهڙي بيقدر سلطان جي نه هئڻ ۾ آءُ گهڻو خوش آهيان. اوهان جي صلاح مون کي گهڻو پسند آهي. مون کان جيڪي پڄي سگهندو سو آءُ ڪندس ۽ جيڪو ڪم اوهين مون تي رکندؤ انهيءَ جي پورائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندس، پوءِ جيڪا خدا گهري هوندي، سا ٿيندي مگر اوهين مون کي ٻڌايو ته سهي ته ڪهڙيءَ طرح بادشاه ۽ سندس راڻي ۽ پٽ کي ڪپائڻ جي رٿ ڪئي اٿو؟"

هنن چيو ته "سلطان جي وڏي حرم واري محلات، ڪوٽ جي ٻاهرينءَ پٽ کي ويجهي آهي، انهيءَ پٽ جي ويجهو ٻاهران ڪرڻ جي اوطاق آهي، انهيءَ مان زمين جي هيٺان ڪوٺي ڪوٺي اسان انهيءَ محلات جي تهخاني تائين سرنگهن سان رستو جاري ڪيو آهي، جڏهن سڄ لهي انڌيرو ٿيندو آهي، اسين هِتان هُتان داروءَ جا پيپ سودي، انهيءَ اوطاق ۾ گڏ ڪندا آهيون. اها موري اهڙي لاهين آهي، جو سندس منهن تي پيپ ڪٽي رکي ڏکيون ته هيٺ وڃيو نڪاءُ ڪري ۽ تهخاني کي وڃيو ويجهو پوي. وري ٻن– ٽن ڇوڪرائن کي زنانا ڪپڙا ڍڪائي، سانجهيءَ جي ويل سلطان جي ڪردي ٻانهين سان گڏي اندر موڪليندا آهيون، جي اندر تهخاني ۾ گهڙي، اُهي پيپ گهلي، تهخاني ۾ سلطان جي محلات جي هيٺان رکي ايندا آهن. اسان انهيءَ ڪم ۾ به مهينا پورهيو ڪيو آهي ۽ اڃا مهيني

کن جو ڪم آهي. اهڙيءَ طرح محلات کي هڪڙي ڏک سان اڏائي ڇڏڻ لاءِ به ملڪ جو باروت گهرجي. جڏهن تهخاني جو گهڻو ياڱو پرينداسين، تڏهن هڪڙو ڏينهن ٺهرائي، رات جو انهيءَ کي باهه ڏينداسين ته پوءِ رقم ٿي پوري! صبح جو هلي نئين ڪارخاني تي بيهنداسين."

علي رضا اها ڳالهه ٻڌي ڍونگ ڪري حيرت ۾ پئجي چيو ته "يارو! آفرين آهي اوهان شينهن مڙسن کي، جن ههڙو ديون جهڙو پورهيو ڪيو آهي. خدا ڪندو ته اوهان کي انهيءَ پورهئي جو جلد اُجورو ملندو. هاڻي مون تي به جيڪو ڪم رکو سو ڪريان؟"

هنن چيو ته "تون اسان جو وڏو مربي آهين، اسين توکي ڪٽڻ اپائڻ جهڙي خسيس ڪم ۾ ڪين لڳائينداسين. جڏهن سڀ ڪم ڪار تيار ٿيندو تڏهن توکي اڳيرو هتان هلائينداسين ته رات جو باهه ڏيارڻ جو بندوبست پورو رکائين." هن گهڻي خوشيءَ سان قبول ڪيو.

ائين ڪندي هڪڙو ڪرد سوار استنبول مان آيو جنهن کي هنن به ڏينهن اڳي اوڏي موڪليو هو. تنهن کان پڇيائون ته "ڪاڪا، پيو ته خير آهي؟" هن چيو ته "پيو سڀ خير آهي. ظاهري ڪري ته اسان جي رٿ جي ڪنهن پکيءَ کي به خبر ڪانهي. باقي محلات جي چوڌاري سو اڳي کان پهرو زياده آهي ۽ اندران به تهخاني ۾ وچڻجو رستو بند آهي، جو ڪنهن سبب ڪري اسان جي ماڻهوءَ کان اها ڪوني ڇڏائي،ٻئي هنڌ ويهاريو اٿن."

هنن پڇيس ته :"اسان جي سنگتي پهلوان خان کان اسان جي ڪاغذ جو جواب آنديءِ؟"

هن چيو ته "پيپ صحيح سلامت اندر وچي اوطاق مان هيٺ داخل ڪياسين. پوءِ آءٌ پاڻ به اندر ويو هوس، تهخاني ۾ جو پيپ ڏڪي وچي گڏ ڪيم. مگر اهو ڪاغذ ڪٿي وٺ۔ پيچ ۾ ڪيرائي ڇڏيم، پانيان ٿو ته پيپن گهليندي اندر تهخاني ۾ ڪري پيو!"

هنن چيوته "جيسين اسان کي پڪ نه ڏيندين ته ڪاغذ ٻاهر نه رهيو تيسين اسين سمجهنداسين ته ضرور اسان جو هيترن ڏينهن جو پورهيو ڪُٽ ٿيندو." پر هن پڪ ڏنين ته ضرور اتي ڪريو آهي."

هڪڙي ٻئي چيو تہ "ادا! جي ڪنهن لڏو تہ منجهس ڇا لڪيل آهي، ڪو نالو ڪو نشان، ڪنهن کي ڪٿڪ ئي ڪانہ هوندي تہ پوءِ ڇا سهي ڪري سگهندو. خدا ڪندو تہ سڀ خير ٿيندو."

اتي علي رضا کي پڪ ٿي تہ سلطان کي جيڪو خط هٿ لڳو هو سو اهو هو جو انهيءَ جوان زناني ويس ۾ رات جو اندر ٿي نيو ۽ رستي ۾ ڪري پيس، پر هو ٿو سمجهي تہ اندر ڪريو.

خير، هنن في الحال ٻيا پيپ سوڌڻ بند ڪيا ۽ ٻيو هڪڙو ماڻهو سماءَ تي موڪليائون تہ جاچي اچي تہ اوطاق تائين وڃڻ يا پيپن نيڻ جو وجهہ آهي يا نہ ۽ اندر وڃڻ جو ڪو اپاءُ آهي يا نہ" اٺن ڏينهن کان پوءِ هو وري آيو. اچي ظاهر ڪيائين تہ "اندر وڃڻ جو رستو بند آهي. جي ڪنهن عذر سان وڃبو تہ بہ شڪ پوڻ يا ڳالهہ ظاهر ٿيڻ جو ڊپ آهي. باقي ٻاهرينءَ اوطاق ۾ پنهنجي سر اچي وڃي سگهجي ٿو. مگر پيپن جهڙي شيءِ آڻڻ ۽ نيڻ هيڏي پهري جي اندر مشڪل آهي." ۽ هيئن بہ چيائين تہ "راڻي فتنہ خانم چوائي موڪليو آهي تہ چنڊ جي پهرينءَ تاريخ کان وٺي، ٽي ڏينهن برابر سلطان جو وڏي حرم وٽ رهڻ جو وارو آهي. اوهان کي ڪا ٻاڻي هجي تہ ٻاريو متان دير پوڻ ڪري وڏيڪ مشڪلات نہ درپيش اچي."

هي پيغام ٻڌي، سڀ اچي گڏ ٿيا ۽ صلاح ڪرڻ لڳا. ڪن جي صلاح هئي تہ "گڏ ٿيل باروت شايد پورو نہ پوي ۽ ساري رٿ فيصل نہ ٿئي، تنهن ڪري بهتر آهي تہ ٻہ- ٽي جوان ڇڏجن تہ وجهہ ڏسي، وڃي ترار سان ڪم نباهين." پر انهيءَ ۾ هڪڙو تہ اٿين ڪرڻ وارا پنهنجا سر سهسائين، ٻيو وري اها مشڪلات هئي تہ جن ٽن ڄڻن کي شڪار ڪرڻ لاءِ سنبريا، تن کي گڏ ڪيئن پورو ڪن، جو اندر حرمسراءِ ۾ وڃڻ ۽ اهڙو ڪم ڪرڻ بلڪل اهنجو هو.

علي رضا صلاح ڏني تہ "جيترو باروت اوهين چئو ٿا تہ گڏ ٿيو آهي، سو جي چڱي طرح سوڙهو ڪري بند رکبو ۽ دڪائبو تہ انهيءَ کان بہ وڏي محلات کي اڏائي ڇڏيندو. تنهن ڪري بهتر آهي تہ دير نہ ڪجي، رٿ ڪري ڪو ڏينهن مقرر ڪري، انهيءَ مال مان پورائي ڪجي. جي فتح ٿي تہ بس، نہ تہ وري ترار سان مارڻ جي يا ڪا ٻي رٿ پوءِ ڪبي. جي اسان جو بندوبست پورو هوندو تہ ڪنهن کي

خبر ڪانہ پوندي تہ اها حرڪت ڪنهن ڪئي، پوءِ وري بہ اسان کي صلاح مصلحت ڪرڻ کان جهليندو ڪو ڪونہ“

هنن سيني رايون ورتيون. غلبي راءِ علي رضاجي رٿ ۾ ويئي، تنهن ڪري سيئي الله اڪبر چئي اٿيا. ٺهراءُ ڪيائون تہ چنڊ جي پهرينءَ تاريخ اتي گڏ ٿجي ۽ ٻيءَ تاريخ رات جو اڌ رات مهل اندر باهہ لڳائجي. هي پاڻ ۾ گهٽا جٽا هئا. سي سڀ تہ انهيءَ اوطاق ۾ ويجي نہ سگهن، تنهن ڪري صلاح ڪيائون تہ ڍاڪو جٽا هڪڙو۔ ٻہ ڪري اڻ لکا وڃي اوطاق ۾ ظاهر ٿين. باقي ٻيا شهر جي لشڪري قهوه خاني جي اتر ۾ جا سراءِ آهي، سا هلي والارين. جو انهيءَ حادثي گذرڻ بعد سيئي اچي اتي گڏ ٿين.

هيءُ بہ ٺهراءُ ڪيائون تہ انهن ڏهن جٽن مان هڪڙو۔ ٻہ اندر وڃي پيپ ٺوڙي، باروت جي ناڙي اوطاق تائين آڻي ڇڏين. جو انهيءَ کي دکائڻ سان باهہ اها ناڙي ڏيئي، ڊوڙي وڃي اندر باروت جي انبار کي لڳي.

علي رضا پاڻ تي اهو ذمو کنيو تہ ”ٻيا سنگتي سڀ وڃي گڏ ٿي پنهنجن جاين تي ويهن. آءٌ ٻہ۔ ٽي ڏينهن اڳي شهر ڏي هلندس، واءُ سواءُ پيو لهندس. انهيءَ رات سنجهي مان ڪردن واريءَ اوطاق ۾ ايندس، پوءِ اڌ رات جو هو ڪم شروع ڪنداسين. اوهين سڀ اشاري وهيٽا ويٺا هججو.“ انهيءَ صلاح تي سڀ ڪمر ٻڌي سانباهو ڪرڻ لڳا.

چنڊ جي پهرين تاريخ بہ اچي ويجهي ٿي. علي رضا ٻہ۔ ٽي ڏينهن اڳي روانو ٿيو. هن اچي ڳجهيءَ طرح سلطان کي مبارڪ ڏني تہ ”منهنجي محنت خدا صاب وڌي، خدا تعاليٰ اوهان جو سر بچائيندو ۽ اوهان جي دشمنن جو خانو خراب ڪندو.“ پوءِ تہ پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس.

تنهن کان پوءِ رٿ ڪيائون تہ برجستو لشڪر پيادن ۽ سوارن جو تيار رکجي، جو انهيءَ ”مقرر ڪيل رات“ جو سنجهو ٽاري، هڪڙي ٽولي وڃي اوچتو ڪردن جي اوطاق ۾ پوي ۽ ٻي قهوه خاني جي پر واريءَ سراءِ ۾، ۽ جيڪي ماڻهو اتي حاضر هجن، انهن کي گرفتار ڪري، جو اهي سڀ انهيءَ منصوبي ۾ شامل آهن.

سلطان اهڙي خوفناڪ منصوبي جو ذڪر ٻڌي ۽ ان جي خراب نتيجي تي خيال ڪري ڏڪي ويو ۽ اهڙي بلا سر تان ٽريل ڏسي، خدا جو شڪرانو ڪيائين ۽ علي رضا کي آفرين ڪيائين.

آخر چنڊ جي ٻي رات آئي، جنهن کي انهن فسادين پنهنجي گفتگو ۾ حشر جي رات پئي سڏيو. انهيءَ حشر جي رات، سڀ فسادي ڪيل انجام موجب ٺهرايل جاءِ تي اچي گڏ ٿيا. اوطاق وارا ڪرد علي رضا جي لاءِ منتظر ويٺا هئا. ڪن پئي ماني کاڌي، ڪن پئي اشارن ۾ پرولين ۾ هڪٻئي سان انهيءَ خوفناڪ واردات جا چرچا ڪيا.

خبر تڏهن پيئي، جڏهن سرڪاري سوار ۽ پيادا اوچتو وڪوڙي وين. يڪدم اندر ڪاهي پيا ۽ سڀ ماڻهو قيد ڪري وڌائون. هڪڙو بہ ڪونہ ڀڄي سگهيو. هو سامهان ٿيا سهي، پر تراريون ۽ بندوقون ساڻ نہ هين، جو هنن کي ڪنهن لڙائيءَ جو خيال بہ ڪونہ هو. جن وٽ وري هيون، تن انهيءَ مهل ڪنڌ پاسي رکي ڇڏيون هيون. جنهنڪري هو آسانيءَ سان وٺجي پيا.

يڪدم محلات جي چوڌاري پهرو ويهي ويو ۽ انهن فسادين کي آڻي قيد خاني ۾ زنجير وجهي سوڙهو ڪيائون ۽ مٿن سخت پهرو ٻهاريائون. انهيءَ دم راڻي فتنہ خانم ۽ سندس ڪردي زالن کي توڙي مڙسن کي بہ جدا جاءِ ۾ پهري هيٺ بند ڪيائون.

شهر ۾ غلغلو پئجي ويو. ساري رات ماڻهن ننڊ ڪانہ ڪئي، انهيءَ واقعي جي پچار هئي. صبح ٿيو دستوري پچا ڳاڇا هلي، تهخاني کي کوليائون ۽ اندر ڦهر جو باروت هٿ لڳو. سرنگهہ هلي ڪردن جي ٻاهرينءَ اوطاق تي بيٺي.

انهن فسادين تي مقدمو هليو مٿن ڏوهہ ثابت ٿيو فتوا ملي تہ انهن سيني کي توب جي منهن ۾ ڏجي، زالن کي شهر نيڪالي ڏيئي روانو ڪجي ۽ راڻي فتنہ خان کي طلاق ڏيئي، وري جهڙي قيدڻ هئي، اهڙي ڪجي. باقي هن جو پٽ، اڃا صغير آهي ۽ بي قصور آهي، تنهن کي الڳ ڪري انهيءَ جي خلاصي تعليم جو بندوبست ڪجي.

نيٺ انهيءَ فيصلي جي تعميل ٿي، جن فسادين سلطان ۽ سندس راڻي ۽ پٽ لاءِ جو باروت سنبرايو هو تنهن سان اهي پاڻ اڏامي ويا، ۽ جن انهيءَ ڪم ۾ واهر ٿي ڏني، سي بہ آخر سزا ياب ٿيا.

## باب ارڙهون

# وڏن وٽ

جڏهن اهو وڏو واقعو خير سان پورو ٿيو تڏهن سلطان هڪڙي خاص دربار گڏ ڪئي، جنهن ۾ هن علي رضا بيگ افندي ۽ سندس بيگم جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ چيائين تہ "هن اسان جي جان بچائڻ لاءِ گهڻو مٿو هنيو آهي ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وڌي اٿن. تنهن ڪري اسين هنن جا گهڻو شڪرگذار آهيون. ۽ اڳي جو اسان علي رضا بيگ افنديءَ کي دربار مان لوڌي ڪڍيو هو ۽ ڪاوڙجي نوڪريءَ مان خارج ڪيو هو سو فقط وقت، صلاح ۽ تجويز لاءِ ۽ سندس مرضيءَ پٽيان. اسان کي اميد آهي تہ جيڪي اسان جا رعيتي ماڻهو ۽ نمڪخوار آهن، سي بہ هن امير وانگي پنهنجي نمڪحلالي ڏيکاريندا."

انهيءَ تعريف ڪرڻ کانپوءِ هن علي رضا کي اميريءَ جي وڏي درجي تي آندو ۽ انعام اڪرام ڪيائين، وڏي درجي جا نشان ۽ ٻلا عطا ڪيائين ۽ "مقرب السلطان" جو لقب ڏنائينس.

تنهن کانپوءِ حڪومت جي سيني ڪمن ۾ هن جي راءِ پڇي ويندي هئي، ۽ سڀ ڪم تي هن جي اهڙي نظر هوندي هئي، جو انهيءَ ڪري ڪيترا ڏينهن حڪومت جو سارو ڪارخانو سانت ۽ صلح سان پئي هليو ۽ هر طرح جو سڌارو ملڪ ۾ پئي ٿيو. وري خوشمزاج ملنسار ۽ خليق اهڙو جو جن ٻين اميرن کان چڙهي مٿي آيو هو تن سان بہ اهڙي دوستي رکيو آيو جو اُهي بہ مٿانئس سر گهوري ٻينا هئا، ۽ ذرو بہ مٿس حسد نٿي نيائون. هينئر علي رضا وڏي اوج تي هو. مسلماني بادشاهيءَ ۾ بادشاهہ کان گهٽ جيڪو وڏو درجو هو سو هاڻ هن کي هو. وڏيڪ جي هن کي اميد بہ ڪانہ هئي. انهيءَ وزيريءَ جي عهدي تي هو پنج ورهيہ رهيو.

انهيءَ عرصي ۾ هو بہ پيرا وجي زال، ماءُ ۽ دائيءَ سوڏو حج بہ ڪري آيو جو اتان مڪو ۽ مدينو سڏاوا هئا، ۽ اڪثر سلطان جا امير سال بسال اوڏي ويندا هئا. پوپون حج ڪري رهيا هئا،تنهن ڪان پوءِ اچا مديني ۾ ئي هئا، تہ علي رضا جي ماءُ جان بيبي، جا هاڻ اچي پِيري تي هئي، تنهن وفات ڪئي، انهيءَ کي هنن اُتي دفن ڪيو.

انهيءَ ماءُ جي لاءِ علي رضا توڙي زينت بانو ۽ مريمر کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پلا انهيءَ سان سفرن ۾ هنن جي سنگت هئي، وڏو مائٽ هئي، گهرجي لاءِ وڏي آڌر هئي، هن پنهنجي اولاد جي لاءِ گهڻوئي ڪيو ۽ سندس اولاد نيڪ صالح ٿيو ۽ وڏي درجي کي پهتو ۽ پٽ جو اولاد اکين سان ڏٺائين، سي وجي پنهنجيءَ وارا بہ ٿيا. خدا هن جا سڀ مطلب پورا ڪيا، خدا هن جون سڀ مرادون پڄايون. هيءَ پاڻ ديندار ۽ نيڪ زال هئي،تنهن جي نيڪ پڇاڙي سُرهي ٿي، ۽ مئي ڪان پوءِ بہ چڱي ۽ پاڪ جاءِ نصيب ٿيس.

علي رضا، يا جنهن کي هاڻ حاجي علي رضا بيگ افندي، مقرب السطان، وزير ڪل ممالڪ دخليہ و خارجيہ وغيره ڪري سڏيندا هئا، تنهن کي هميشہ هڪڙي آرزو دل ۾ هوندي هئي، جنهن لاءِ هو پيو خيال پڄائيندو هو. هن کي خبر هئي تہ منهنجو پيءُ علي نواز خان اصل ترڪ هو ۽ سندس پيءُ ترڪستان جي سرحد واري پرڳڻي جو رئيس هو،جو جڏهن روس ۽ ايران جي لڙائيءَ ۾ ماريو تڏهن ايرانين پٽس علي نواز خان کي غلام ڪري وڪيو هو جتي سانگو ڏسي حاڪمن جي مهربانيءَ جي پروسي تي رهي پيو ۽ وطن وسري ويس.

جڏهن اچا اميريءَ جي درجي تي هو، تڏهن علي رضا جي مرضي هئي تہ ڪوشش ڪري پنهنجو اصلوڪو وطن وجي ڏسان، ۽ جي ٿي سگهي تہ پنهنجي پيءُ جي ڪن عزيزن کي ڳولي لهان. پر هڪڙو تہ هن اچا ڳالهہ پنهنجي پيءُ جي غلاميءَ ۽ خواريءَ جي شرم ڪان ڪنهن سان نہ ڪئي هئي، ۽ ٻيو وري اهو پرڳڻو روس جي ٻلي هو، تنهن ڪري اتي وڃڻ گهڻن سببن ڪري هن کي مناسب نٿي آيو.

آخر شوق جي گهڻائي ڪان هن هڪڙي پيري سلطان سان ڳالهہ چوري ۽ مختصر طرح ٻڌايائينس تہ "منهنجو پيي ڏاڏو اصل ترڪ هو ۽ روس واري

سرحدي پرڳڻي جو رئيس هو ۽ منهنجو زماني جي تفرقي ڪري اتان نڪري اچي سنڌ ۾ رهي پيو هو جتي آءٌ پاڻ پيدا ٿيس ۽ جتي هن وفات ڪئي. منهنجي دل جي مرضي آهي تہ آءٌ پنهنجو اصلوڪو وطن گهمي ڏسان، سو مون کي ڪي مهينا رخصت ملي؟"

سلطان اها ڳالهہ ڏاڍي خوشي سان قبول ڪئي، پاڻ جيڪا ضروري مدد گهربل هيس سا ڏنائينس، ۽ جڏهن تہ اها روس جي حد هئي، تڏهن سندس نسبت ۾ اهڙو خط بہ اطلاع لاءِ روس جي شهنشاهہ ڏي موڪليائين، جنهن انهن سرحدي پرڳڻن ۾ حڪم پڌرو ڪرائي ڇڏيو هو تہ "سلطان جو فلاڻو وڏو امير گهمڻ اچي ٿو، تنهن کي حرڪت ڪانہ پهچي."

انهيءَ بندوبست سان هي پنهنجي بيبي ۽ دائيءَ سوڌو انهيءَ سفر تي نڪتو. سائس ڪي خدمتگار ۽ سرڪاري ماڻهو بہ هئا. آخر سرحد وارا جابلو ملڪ جهاڳي، انهن پرڳڻين ۾ آيو.

جيڪا پيءُ جي يادگيري هيس ۽ جيڪو احوال تاريخن پڙهڻ مان معلوم ٿيو هوس، تنهن جي پيٽڙ ڪان پوءِ هن کي خبر پئجي سگهي تہ ڪهڙي سال ۾ اها ايران ۽ روس واري لڙائي ٿي هئي، جنهن ۾ سندس ڏاڏو جو رئيس هو سو روس جي لشڪر سان گڏ ايرانين سان لڙيو هو ۽ مارجي ويو هو. هو انهيءَ بابت پڇا ڪرڻ لڳو.

جيڪي ماڻهو انهن پرڳڻن ۾ پيير مرد ۽ پڙهيل هئا، تن کان هن کي معتبر احوال ملندو ويو.

انهيءَ هنڌ ڏاري پنج ـ اٺ اهڙا بہ پرڳڻا هئا، آخر هڪڙي ۾ هن کي پڇا ڳاڇا سان معلوم ٿيو تہ سندس پيءُ واري ڳالهہ ملي آئي. تڏهن پڪ ٿيس تہ انهيءَ پرڳڻي جو رئيس سندس ڏاڏو هو.

پوءِ پڇا ڪرڻ لڳو تہ "انهيءَ رئيس جي اولاد مان ڪو آهي؟"

ٻڌايائونس تہ "اهو پاڻ تہ وڏي پٽ سوڌو لڙائيءَ ۾ مارجي ويو باقي سندس زال ۽ ننڍو پٽ قيد ٿي ايران ڏي ويا، جتان وري نہ موٽيا. پوءِ سندس گاديءَ تي سندس ننڍي ڀاءُ کي ويهاريائون، جو پڻ سگهوئي اهڙيءَ هڪڙي لڙائي ۾

وڙهندي مري ويو. انهيءَ جو پٽ وري سندس جاءِ تي ويٺو جو اڃا تائين انهيءَ پرڳڻي جو رئيس آهي، جنهن جو نالو عمردراز خان آهي.“

انهيءَ کي ڏسڻ علي رضا اتي هليو. پڇائي وڃي اتي پهتو. هي جابلو ملڪ هو تنهن ۾ ڪو شهرن جهڙو بندوبست رکيل نه هو. جهڙيءَ طرح ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ٿيندا آهن، جي راڄ ڪري ويهندا آهن، ۽ راڄ ۾ هڪڙو وڏيرو يا چڱو مڙس هوندو آهي، انهيءَ جي چئي چائي ۾ رهندا آهن، ۽ پاڻ هنن سان مليو پيو گذاريندو آهي، تهڙيءَ طرح هنن جو بندوبست به هو.

هي وڃي رئيس عمردراز خان وٽ نڪتو. هن هن کان خبرون چارون پڇيون. هن چيس ته ”آءٌ سلطان جو هڪڙو امير آهيان، هن جابلو پرڳڻن جي آبهوا جي تعريف ٻڌي سير تي نڪتو آهيان.“

عمردراز کي ٻين رئيسن وانگي روس جي شهنشاهه جو اطلاع مليل هو تنهن هن جي گهڻي آڌرڀاءُ ڪئي، ۽ سندس حد ۾ جيڪي چڱا چڱا باغ، جبلن جون واهيون، نيون ۽ ٻيون اهڙيون ڏسڻ جهڙيون جايون هيون، سي هن کي گهمائي ڏيکاريون ويون. پوءِ هڪڙي ڏينهن ماني کائي، پاڻ ۾ ويٺي صحبت ڪيائون، ته گذريل وقت جي ڳالهه اچي چري، ايران ۽ روس واري لڙائيءَ جو ذڪر نڪتو.

آخر ڳالهين ڪندي وجهه ڏسي، علي رضا ٻڌايس، ته ”منهنجو ڏاڏو ۽ تنهنجو ڏاڏو ٻيئي ڀائر هئا. آءٌ وڏي ڀاءُ جو پوٽو. تون ننڍي ڀاءُجو پوٽو.“ هيءَ ڳالهه جا ظاهر ٿي تنهن ڪري سيني کي حيرت وٺي ويئي، سيئي هن کي اڳي کان وڌيڪ آبرو ۽ پيار ڏيڻ لڳا. جو هينئر سندن عزيز ظاهر ٿي پيو.

هونءَ ته انصاف ڪري اها گادي حق علي رضا جو هئي، جو وڏي ڀاءُ جو اولاد هو پر هيءُ پاڻ به وڏي درجي تي هو ۽ رڳو پنهنجي پيءُ جي ملڪ ۽ عزيزن کي ڏسڻ آيو هو. تنهنڪري عمردراز کي ڪو ڊپ ملڪ کسجڻ جو ڪونه ٿيو. پاڻ هن جو احسانمند ٿيو. نڪا ٻي شڪ جي ڳالهه رهي، ڇالاءِ جو هي معتبر ماڻهو هو.

پوءِ زالين مڙسين علي رضا ۽ زينت بانوءَ سان گڏجي پيا. جيئن مائٽ مائٽن سان ملندا آهن. هن کي سندس ڏاڏي جي هٿن جون شيون ڏيکاريائون،جن مان هڪڙي ترار ۽ هڪڙو پيالو نشانيءَ لاءِ هن ساڻ ڪنيو.

هن پنهنجي ڏاڏي جي قبر جو پڇيو تہ "ڪٿي آهي تہ هلي زيارت ڪريان" پر هنن ٻڌايس تہ :"هو جتي لڙائي ۾ ماريو، اتي پوري ڇڏيائونس." ۽ چيائونس تہ "اسين جنگي ماڻهو آهيون، اسان جو ملڪ ٽڪر آهي، اسان جو هٿيار ترار آهي، ۽ اسان جي قبر جنگ جو ميدان آهي."

علي رضا هنن کي پنهنجو ۽ پنهنجي پيءُ جو بيان ڪري ٻڌايو سو ٻڌي هنن کي ارمان بہ ٿيو ۽ خوشي بہ ٿي. هيءُ هنن وٽ ٻہ- ٽي مهينا رهيا، انهيءَ وچ ۾ هو هنن سان اهڙا ٺهي ويا، جو هنن کي ڇڏين ئي نہ.

علي رضا هنن کي چيو تہ "اوهان مان ڪي جوان هلن تہ آءٌ سلطان وٽ هن کي چڱيون جايون وٺائي ڏيان." پر هنن چيس تہ "اسين جبل ۾ خوش رهندا آهيون، ۽ اگرچہ قوم ترڪن جي آهيون، مگر آبي- ڏاڏي کان روس جا ڍل پرو آهيون، تنهن ڪري نئون رستو رکڻ اسان کي پسند نٿو اچي."

نيٺ علي رضا جن موڪلايو. راڄ مان گهڻائي ماڻهو رئيس سوڌو هنن سان گڏجي هليا. پنهنجي حد تہ لنگهيائونس، پر بين پرڳڻن مان بہ اماڻي روس ۽ ترڪستان جي سرحد تي آڻي ڇڏيائونس، پوءِ موڪلائي ويا.

اهو سفر ڪري پنجين- ڇهين مهينن کان پوءِ علي رضا وري اچي استنبول پهتو ۽ سلطان کي پنهنجي سفر جو بيان ڪري ٻڌايائين. هو ڏاڍو خوش ٿيو جو هن پنهنجن وڏن جا مائٽ ڳولي وڃي لڌا.

علي رضا استنبول ۾ اميري پئي ڪمائي، تہ سندس پٽن مان وڏي محبوب علي باريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. هي پٽن سان لکپڙهہ پيو ڪندو هو. هنن کي وقت بوقت خرچ پکو پيو پهچائيندو هو.

محبوب عليءَ جي مرضي هئي تہ "بمبئيءَ ۾ وڃي باريسٽريءَ جو ڪم ڪري" ۽ علي رضا کي بہ اها ڳالهہ پسند هئي، جو اتي هنن گهڻا ڏينهن گذاريا هئا، سندس گهڻا واقف هئا، سندس ڏيءَ اتي هئي، تنهن ڪري محبوب علي ولايت مان بمبئيءَ آيو.

پر هو ڇڙهو ڪين هو. هو ولايت ۾ هڪڙي منڊم سان پرڻيو هو، سا بہ هو ٻارڻ سان وٺي آيو هو. هيءُ گهڻا ورهيہ ولايت ۾ رهيو ۽ ڪنهن جوان منڊم سان واقف ٿي ويو هو. آخر جڏهن امتحان پاس ڪيائين، تڏهن يڪدم هن سان ڪٺي

شادي ڪيائين. شادي ڪرڻ کان اڳي پيءُ کي اطلاع ڏنو هئائين ته هڪڙي جوان منڊم سان مون کي شادي ڪرڻ جو ارادو آهي. علي رضا البت اعتراض آندو. هڪڙو ته پاڻ چڱو مسلمان هو ۽ مسلمان قوم سان اُٺڻ- ويهڻ جو ارادو ڪيو هئائين. ٻيو وري هن اڳ ڳڻتي ڪري پوءِ خيال ڪيو ته منڊم سان شادي ڪرڻ ڪري زال مڙس پاڻ ۾ بيشڪ خوش گذاريندا ۽ گهر چڱو هلائيندا، مگر ٻين ماڻهن مٿن سان توڙي پنهنجي قوم وارن سان هنن جو گذران اهڙو نه ٿيندو جهڙو ٿيڻ گهرجي تنهن کان سواءِ وري جي انهن کي اولاد ٿيندو ته انهن جي مذهب، انهن جي هلت چلت، انهن جي حق وراثت وغيره ڪري گهڻو خلل ٿيڻ جو امڪان آهي. هن اهي ڳالهيون پٽ کي ڏيکاريون، پر پٽس جي هن منڊم سان دل گهٽي هئي ۽ ولايت ۾ رهڻ ڪري سڀ طرح جا ديني يا دنيوي خيال اڳي کان بدليل هئس، تنهن ڪري هنن اڳي شادي ڪري ڇڏي

انهن جي شاديءَ ۾ محبوب عليءَ جو ننڍو ڀاءُ منصور علي، جو ساڻس گڏ ولايت ۾ ڊاڪٽريءَ جو ڪم سکندو هو سو به راضي نه هو. هن جي طبع به پيءُ جهڙي هئي ۽ هن جي راءِ به پيءُ وانگي هئي. پر محبوب علي نه رهيو شادي ڪيائين ۽ سگهوئي زال سوڌو روانو ٿيو ۽ اچي بمبئيءَ نڪتو.

بمبئي ۾ هن پنهنجو ڪم شروع ڪيو. هو چالاڪ ۽ هوشيار هو تنهن ڪري سگهوئي مشهور ٿي ويو. هن جي پيءُ جي معرفت گهڻن سکرن سان هوندي هئي، تنهنڪري ماڻهو هن ڏي گهڻو رجوع ٿيڻ لڳا. جنهنڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن گهڻوئي پئسو ڪمايو ۽ هو هاڻي پنهنجون جايون جڳهيون وٺي ٺانيڪو ٿي بمبئيءَ ۾ ويهي رهيو.

علي رضا جڏهن پنج ورهيه وزيري ڪمائي رهيو تڏهن هن جي دل ۾ پيو ته هاڻي هتان موڪلائي هلجي. هينئر اچي پيريءَ کي ويجهو ٿيو هو پنجاهي ورهين جي عمر هيس. اولاد جو انتظار ڪونه هوس، سيڪنهن کي چڱي رستي تي آڻي ڇڏيو هئائين. هيءُ طبع جو سالم ۽ ديندار ماڻهو هوندو هو.

هن چيو ته گهڻائي ورهيه دل جي خوشيءَ ۽ دنيا جي لالچ تي هيڏي هوڏي گهمياسين. خدا تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسان تي هر طرح مهرباني ڪئي آهي،

۾ اسان جي سيڪا گهرج پلي آهي، تنهنڪري بهتر آهي ته هاڻي عمر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪو آرام به ونجي ۽ انهيءَ جي عبادت به پوريءَ طرح ڪجي."

هن جي زال زينت بانو به اهڙي ئي ديندار هئي، تنهن کي اها صلاح بچڙي نه لڳي. هنن ڇاتو ته بمبئيءَ ۾ اسان جو پٽ اڳيئي پنهنجو ڪارخانو مچايو ويٺو آهي. ڪي ڏينهن هلي اتي رهون، پوءِ ڪو شهر کان ٻاهر زمين جو ٽڪر هٿ ڪري، وڃي اتي گوشه نشين ٿي ويهون.

علي رضا کي اتان نڪرڻ لاءِ شايد ڪو ٻيو به ڳجهو سبب هو: تمام وڏي عهدي کي پهچڻ ڪري هن اتي جي ڪن اميرن کي پنهنجو حاسد ڏٺو ۽ ٻن- ٽئن وقتن تي هن کي معلوم ٿيو ته هنن ڪيس نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر فتحياب ٿي نه سگهيا هئا. هن کي پنهنجي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ تي ايترو ڀروسو هو جو اهڙن حاسدن جي پرواهه ئي ڪانه هوندي هيس، نڪي ڪڏهن سلطان ئي کي پاڻ ڏي منهن مٿيل ڏٺائين، پر تڏهن به هن جي دل ۾ آيو ته "آءٌ ڏاريو ماڻهو جو اچي خدا جي مهربانيءَ سان هتي وڏي درجي کي پهتو آهيان، سو هتي اصل جا اميرمون مان گهڻو خوش ڪين هوندا، ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي، متان ڪا حرڪت ٿي نه وڃي، ٿنهن ڪري متل ڪارخانو ڇڏي هلجي ته عزت آبرو رهجي اچي!" هن کي هيءَ به خبر هئي ته "بادشاهن جي طبيعت رنگين ٿيندي آهي. گاهي بسلامي برنجند و گاهي بدشنامي خلعت دهند. اڄ سلطان مون تي هيترو مهرباني آهي متان سڀاڻي حاسدن جي گلا تي ۽ دشنن جي چور تي منهن ڪٽي مٽي، ته عجب ڪونهي." اگرچه هن اهڙي پڪائي ڪئي هئي، جنهنڪري ٻين وانگي هن کي اهڙو وٿ- پيچ ۾ ڪو نقصان نه پهچي ها، تڏهن به هن ڇاتو ته جڏهن هاڻ هر طرح خير سان عزت آبروءَ سان ڪم پيو هلي ۽ وسعت به خدا موچاري ڏني آهي ۽ نيٺ مون کي هتان وڃڻو به آهي، تڏهن بهتر آهي ته هينئر ئي موڪلائجي."

اهو ٻڌه پچائي، هن سلطان کان اچي موڪلايو ۽ ٻه-ٽي عذر ناهي ٻڌاياڻينس ته هنن سببن ڪري مون کي بمبئيءَ ڏي وڃڻ لاچار ٿيو آهي. سلطان جي دل ته هن ڏي صاف هئي ۽ سندس محبت هن سان گهڻي هئي تنهن هن کي گهڻو زور لاتو ته نه وڃ. پر هن ادب سان چيس ته آءٌ جيڪر اهڙي مهربان ڌڻي کي

چڏي ڪين وڃان، پر مون کي وڃڻ تمام ضروري آهي. آءٌ جتي هوندس، اتي حضور جو نمڪ پرورده غلام هوندس ۽ حضور جي اقبال کي دعا ڪندو رهندس جي ٿي سگهيو تہ وري بہ اچي ڪنهن وقت حاضر ٿيندس، نہ تہ پنهنجن پٽن مان هڪڙو سائينءَ جي خدمت ۾ ڏيندس.“

انهيءَ طرح هن مٿان مونا هٽي موڪلايو. سلطان هن کي هلڻ مهل گهڻا انعام اڪرام ڪيا. سڀ امير امراء هن جي وڃڻ ڪري ناراض هئا، جو هن سيني سان رس رهايو هو. جيڪي هن جا ڳجها حاسد هئا، سي بہ ظاهري ڪري هن کي ويندو ڏسي ارمان ڪرڻ لڳا. نيٺ هي موڪلائي نڪتو ۽ پنهنجي عيال سوڌو اچي بمبئيءَ پهتو.

بمبئيءَ ۾ هي پريندي پنهنجي پٽ محبوب علي باريسٽر سان اچي گڏ رهيو. هو پنهنجي پيءُ- ماءُ کي گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڏسي خوش ٿيو. هيءُ بہ پنهنجي نونهن منبم کي ڏسي گهڻو خوش ٿيا. محبوب علي جو بنگلو وڏو هو تنهن ڪري اڌ بنگلي جو هن پيءُ- ماءُ کي رهڻ لاءِ ڏنو ۽ اڌ ۾ پاڻ رهڻ لڳا.

علي رضا ۽ سندس بيبيءَ جي اچڻ جو ٻڌي سيٺي سڪر ماٺهو جن جو هنن سان رستو هو سي خوش ٿيا ۽ هنن وٽ آيا، ۽ سلطان وٽ وڏيءَ جڳهہ تي رهڻ ڪري هن کي مبارڪون ڏنائون. پوءِ بہ هو هن وٽ وقت بوقت ملاقات لاءِ پيا ايندا هئا، ۽ هيءُ بہ انهن وٽ پيو ويندو هو جو اڳي واقف هون ۽ هنن سان گهٽي رهائي هئائين. انهيءَ طرح هنن کي بمبئيءَ ۾ ڪي ڏينهن گذريا.

-*-

باب اوڻيهون

# غلطڪار فرزند

علي رضا بمبئيءِ ۾ هو ته سندس ننڍي پٽ منصور علي، جنهن ڊاڪٽريءَ جا ٻه- چار وڏا امتحان پاس ڪيا هئا، سول سروس جي امتحان لاءِ ويو. پر هو بدن ۾ البت سنهڙو هو ۽ ضعيف ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ هتي ته جنگي ڪاتي لاءِ مضبوط ماڻهو گهربا آهن. تنهن ڪري هو تندرستيءَ جي امتحان ۾ پاس نه ٿيو. هن ٻه ٽيرا ڪوشش ڪئي، پر ٽيئي ٽيرا هنن نه ورتس. انهيءَ سبب ڪري هن وڏيڪ ويهڻ ضرور نه ڄاتو.

امتحان وڏا وڏا ڏنا هئائين،تنهن ڪري هوشياريءَ جي ڪري هن کي حرڪت ڪانه هئي. پيءُ کان صلاح پڇيائين، تنهن ٻه چيس ته "بهتر آهي ته هاڻ نڪري اچي پنهنجي ڏنڌي کي لڳ"

پر هندستان ڏي اچڻ جي بدران هن صلاح ڏنيس ته "اتان سڌو استنبول ڏي وڃ. اتي وڃي پنهنجو ڏنڌو ڪر ۽ جي سرڪاري نوڪريءَ جو چڱو وجهه مليئي ته نوڪري ڪر." هن کي ٻه اها صلاح پسند آئي، سو ولايت مان روانو ٿيو. هن محبوب عليءَ وانگي منڊم ڪانه پرڻي هئي. اگرچه اوترائي ورهيه ولايت ۾ رهيو هو مگر هن جا خيال پيءُ طرح جا هئا ۽ هن جي طبع پيءُ جي طبع سان گهڻو ملي ٿي آئي، تنهن ڪري انهيءَ نسبت هو جهڙو ويو اهڙو وري اتان نڪتو.

علي رضا استنبول جي اميرن ڏي ۽ انهن جي معرفت سلطان ڏي پنهنجي پٽ ڊاڪٽر منصور عليءَ جي سفارش لکي. سو جڏهن منصور علي استنبول ۾ پهتو تڏهن هن کي پرينديئي ايترو مان مليو جو هو نهايت خوش ٿيو. يورپي ڊاڪٽرن جو اصلي اهڙن ملڪن ۾ گهڻو مان هوندو آهي، پر هيءُ ته وري مسلمان هو ۽ انهيءَ ماڻهو جو پٽ هو جو اتي وڏو وزير ٿي گذاري ويو هو تنهن ڪري هن کي هيڪاري پسند ڪرڻ لڳا.

هن پنهنجي خانگي ڏنڏي ڪولڻ جي تجويز ڪئي، جيڪو ٻول ولايت ۾ ڏسي آيو هو انهيءَ طرح يڪدم عجيب ڪارخانو بيهاريائين. پئسن جي مدد پريندي ڪان پيءُ جي هيس، جنهن هيستائين پئي ولايت ۾ پهچايس. ٿوري عرصي ۾ هي مشهور ٿي ويو ۽ هزارن ماڻهن کي فائدو پهچايائين. هن کي ترڪي ٻولي سکڻي پيئي، جا ڪي پڙهيائين. ڪي ماڻهن سان واهپي رکڻ ڪري ڳالهائڻ مان سکيو. هي نرم طبع جو ۽ رحمدل هو. تنهن ڪري ڪيترن ئي غريبن سان خيراتي طرح ڀلايون ڪيائين.

سلطان تائين هن جي سجاڻپ ٿي، جنهن هن کي درماهو چڱو پگهار ٻڌي ڏنو ۽ اها به اجازت ڏنائينس ته ڀلي پنهنجي منهن به پيو ڏنڏو هلائي. اهو پگهار سلطان هن نظر تي ڏياريس جو هڪڙو ته سندس پيءُ جون خدمتون هن کي ياد هيون، ٻيون ته هن سندس شهر ۾ ماڻهن کي فائدو پهچايو ۽ گهڻين حالتن ۾ خيراتي دوائون ٿي هلايائين. ٽيون ته اوير سوير پنهنجي خواه پنهنجي ملڪ جي نسبت ۾ تندرستيءَ واسطي رکندڙن ڪمن بابت هن سان صلاح مصلحت ٿي ڪيائين. انهيءَ بندوبست ڪري منصور علي تمام چڱي آبروءَ ۽ آسائش سان رهڻ لڳو.

هن جي معرفت هينئر گهڻن وڏن وڏن ماڻهن سان ٿي. انن ڏهن مهينن جي اندر هن اتي شادي به ڪئي. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي گهران هن کي ٻانهن ملي. هن جي اصل وڏ ماڻهپ لڪل ڪانه هئي ۽ هي پاڻ به چڱو ماڻهو ٿي ڏٺو، تنهنڪري اهڙيءَ چڱي ٻانهن ملڻ ۾ هن کي حرڪت ڪانه ٿي. اها جوان ۽ تمام حسين زال هئي، ترڪن جي خوبصورتي اصل مشهور آهي، پر هيءَ ته وڏي خاندان جي هئي، تنهن ڪري هن ۾ اتي عام ماڻهن کان سوپيرا وڌيڪ سونهن، نزاڪت ۽ لياقت هئي. هن جو نالو "فلڪ سوز بيگم" هو.

منصور عليءَ جا اها شادي ڪئي سا به پيءُ جي صلاح کان سواءِ نه هئي، هو شاديءَ کان پوءِ گهر ٺاهي ويهي رهيو. هن گهر هلائڻ جو بندوبست ولايت ۾ چڱي طرح ڏٺو هو ۽ وٽس پئسي جي تنگي ڪانه هئي، تنهن ڪري هن پنهنجو خانگي بندوبست به اهڙو رکيو جهڙو ولايت جا ماڻهو رکندا آهن. جي هن جي گهر ۾ منبر ڪانه هئي، ته ڪا به حرڪت نه هئي. جيڪا پوشيدگي، صفائي، رٿ ۽

جيڪي سهنج ۽ فائدا منبر جي گهر ۾ هئڻ سان ٿيندا آهن، سي سڀ هن وٽ موجود هئا. پاڻ هن کي وڏيڪ فرحت ۽ لذت اها هئي، جو هي ٻيئي هم مذهب هئا، هم قوم هئا، جوان هئا. اهڙو هڪٻئي سان ملي ويا، جو حد کان ٻاهر.

هوڏي بمبئيءَ ۾ ٻيءَ- پٽ جو گڏ رهندا هئا، تن جي وچ ۾ البت ڪونس ڦٽائي ٿيڻ لڳي. اگرچ علي رضا توڙي زينت بانو ٻه نئين طرز جا ماڻهو هئا. نئين هلت چلت جا واقف هئا، گهر جي چڱي بندوبست رکڻ وارا هئا، تڏهن ٻه مسلمان هئا، ديندار هئا، پنهنجي نماز ۽ قرآن جي شغل ۾ رهندا هئا ۽ ڪيترين ئي ٻين ڳالهين جي مسلمان هئڻ سان لاڳو آهن، تن کي مدنظر رکندا هئا، پر محبوب علي ۽ سندس منبر جو حال ٻيءَ طرح هو. هو مسلماني ته خير، پر اصل دين جي نالي کان ڇڄندڙ هئا. خدا جي هستيءَ ڏي گهڻو خيال نه هوندو هون. دين آهي يا ڪونهي ماڻهوءَ کي گهرجي يا نه تنهن جي هنن کي پرواهه ڪانه هئي، تنهنڪري هڪڙي گهر ۾ رهي هنن ٻن مختلف قسمن جي ماڻهن ۾ پهريائين انهيءَ مضمون بابت زباني بحث ۽ گفتگو هلندي هئي، جو نيٺ وڃي ناسازيءَ جهڙي حد کي پهتو.

محبوب علي پٽ هو تنهن ڪري هن تي ڪجهڙي به معاملي ۾ پيءُ جو ادب ڪرڻ فرض هو پر هن اهڙن وقتن تي ائين ٿي سمجهيو جيئن نه ڪنهن ڏارين ۽ نيچ ماڻهوءَ سان تڪرار هلائجي. ادب ته بجاءِ خود، پر ڪڏهن ڪڏهن چوهه ۾ ناشائستا لفظ به ڳالهائي ويندو هو. هو سمجهندو هو ته آءٌ ولايت ۾ رهي بهتر ماڻهن بهتر بندوبست ۽ بهتر صحبت ڏسي آيو آهيان، تنهنڪري جيڪي به چوان ٿو يا ڪريان ٿو سو ضرور چڱو هوندو ۽ طبع جو به اصل کان البت تيز هوندو هو، تنهن ڪري پاڻ زياده بيحيائي ڏيکاريندو هو. پيو وري سندس منبر بحث ۾ مددگار هوندي هيس، جا انهيءَ قسم جي منبرن مان هئي، جي ڄاڻنديون آهن ته مڙس زالن جا غلام آهن ۽ هنن جي مرضيءَ تي هلڻ لاءِ ٻڌل آهن، ۽ جي مشرقي قوم جي ماڻهن کي مِرن کان گهٽ نه سمجهنديون آهن. سو اهڙي حال ۾ هنن جي وچ ۾ ڏقير پوڻ لڳو.

تنهن کان سواءِ علي رضا جن وٽ جيڪي ڏيهي وڏا ماڻهو وقت بوقت ايندا هئا، تن کان محبوب علي ۽ سندس منبر کي متيان لڳندي هئي. هنن جي

مرضي هئي تہ اهي نہ اچن تہ چڱو. ۽ وٽن جو ڪي منڊمون ۽ صاحبلوڪ ملاقات لاءِ پيا ايندا هئا، تن جي ڪري سو هو ڏاڍا خوش ٿيندا هئا، ۽ انهن جي تمام گهڻي خدمت ڪندا هئا. اهو حال ڏسي پاڻ علي رضا کي ارمان ٿيندو هو تہ هيءُ اسان کي ۽ اسان جي دوستن کي انهن ڪرستانن کان بہ گهٽ ٿو سمجهي. هُنن جي هيتري خوشامد ٿو ڪري ۽ هِنن تي نفرت ٿو ڪري انهيءَ ڳالھ تي بہ سندن وچ ۾ تڪرار هلندو هو.

وري محبوب علي منڊم سو اڪثر صاحبلوڪي ناچن ۽ مجلسن ۾ ويندو هو ۽ بعضي تہ پيا ڪي صاحبلوڪ ايندا هئا، جي سندس منڊم سان گڏجي هوا کائڻ ويندا هئا. انهيءَ جي سندس مڙس کي بہ خبر هوندي هئي، تہ بہ ڪين چوندو هوس. اها ڳالھ بہ علي رضا کي خراب لڳندي هئي، ۽ انهيءَ بابت بہ پٽ کي سمجهائيندو هو، تنهن تي پاڻ ۾ وقت بوقت تڪرار ڪندا هئا.

مطلب تہ ايترين ڳالهين تي انهن جي وچ ۾ بحث ۽ هوڏ هلندي هئي، جو هو هڪبئي جي صحبت مان بيزار ٿي پيا، ۽ اگرچہ پهرين ڏينهن ۾ محبوب علي زور ڪري پنهنجي پيءُ۔ ماءُ کي سندن خرچ ڪرڻ نہ ڏيندو هو، پنهنجي خرچ تي ماني کارائيندو هو ۽ کائيندا بہ سڀ گڏ هئا، پر پوءِ تہ جدا پنهنجي منهن کائيندا پيئندا هئا، باقي رهندا هڪ بنگلي ۾ هڪڙي پاسي کان هئا. تنهن مان بہ نڪري وڃڻ جي هنن خواهش ڪئي. ۽ هنن جي نڪري وڃڻ ۾ هو ناراض نہ هئا. اگرچہ هنن کي وڃڻ لاءِ صفا نہ چيو هئائون، مگر هلت چلت ۽ ڳالهائڻ مان صاف معلوم ٿي سگهيو ٿي، تہ هو چڻ تہ هن کي وڃي جدا رهڻ لاءِ تاڪيد پيا ڪندا هئا. تنهن ڪري علي رضا بہ جاءِ پاڙي ڪري وڃي اُتي رهيو ۽ پٽ سان واسطو ڇڏي ڏنائين.

جيتوڻيڪ علي رضا هينئر پيريءَ ڪري يا آرام وٺڻ جي ارادي سان پيو ڏنڊو ڪونہ ڪندو هو تڏهن بہ تمام اٿهوند ڪانہ هيس. اهو سچ آهي تہ هن پنهنجي دولت پنهنجي اولاد جي تعليم ۾ توڙي بين خير جي ڪمن ۾ لڳائي هئي، پر تڏهن بہ اجا هن وٽ پنهنجي ايتري بچت هئي، جنهن سان جيڪڏهن هو ڪو ٿورو گهڻو واپار يا پيو ڌنڌو هلائي ها، تہ هلائي سگهي ها.

هنن کي تہ اها اميد هئي تہ جڏهن اسين پنهنجو مال متاع اولاد تي خرچي، هن کي ڪتڻ ڪمائڻ جهڙو ڪنداسين، تڏهن اسين آرام سان ڪري وٺن پيا گذاريندا سين ۽ هو اسان جي خدمت ڪندا. پر وڏي پٽ جي هلت هنن کي گهڻو نااميد ڪيو. سو في الحال هو ويچارا غريبت طور گذارڻ لڳا. اهو ارادو هون تہ ننڍي پٽ جي خبر پوي تہ پوءِ پنهنجي لاءِ پڪو بندوبست ڪريون. جنهن ڪري باقي حياتيءَ جا ڏينهن خير سان آرام ۾ ۽ خدا جي بندگيءَ ۾ اچي پورا ٿين.

علي رضا جن کي سندن ڌيءَ عظمت بانو ۽ اُن جي مڙس بہ گهڻي خاطري ڏني. هوءَ ويچاري بہ پهرين محبوب عليءَ جن جي گهر پاءُ ڇاٽي گهڻو وڃڻ لڳي، پر جنهن عزت جي طالبو هئي سا نہ مليس، تنهن ڪري هن بہ وٽن وڃڻ اڳئي بند ڪيو هو پر جڏهن سندس پيءُ ۽ سندس ماٽي جي ماءُ جنهن ڪي سڳي ماءُ ڪري ڄاڻندي هئي، سي اچي محبوب عليءَ وٽ رهڻ لڳا، تڏهن هوءَ بہ وٽن پئي ايندي هئي. اُها هاڻي پيءُ- ماءُ کي منٿون ڪرڻ لڳي تہ جدا رهڻ جي نہ ڪريو هلي مون سان گڏ رهو ۽ سندس مڙس بہ انهيءَ ڳالهہ تي زور لائڻ لڳو. پر هن مناسب نہ ڄاتو تہ پٽ جي در تان ٽڙجي، وري وجي ڌيءَ جي در تي ڪرون، تنهن ڪري نيٺ پنهنجي جدا جاءِ ڪيائون، جتي هو پنهنجي ڌيءَ ۽ سندس گهر واري سان اڳي وانگي رس رهائيندا آيا.

پيءُ- ماءُ جي نڪرڻ ڪري محبوب علي ۽ سندس منڊم جي هانو تان گهڻو بار هلڪو ٿيو. هنن کي انهيءَ ڪري ڪا پشيماني ڪانہ ٿي، پاڻ خوش ٿيا. پر سگهوئي محبوب عليءَ کي معلوم ٿيو تہ مون خراب ڪم ڪيو آهي. اسان مٿي بہ چيو آهي تہ هن جي منڊم اگرچہ چڱي موچاري گهر جي هئي، پر طبيعت البت شوخ هئي ۽ پاڻ کي سڀ ڪان مٿي سمجهندي هئي ۽ ٺنڊ ٺوبي ۽ گهمڻ ڦرڻ جي گهڻي شوقين هئي. مڙس تي اُڏڪ نہ ايندي هيس. اٿين ڪين ڄاڻندي هئي تہ زال مڙس جي زيردست آهي، پر سمجهندي هئي تہ شادي ڪرڻ ڪري مڙس کي زال جو غلام ڪري ٿا ڏين. سو انهن رستن تي هلندي هلندي اهڙيءَ حد تي وڃي پهتي، جو خود محبوب علي بہ ٿڪجي پيو.

هن کي هاڻ ٿوري گهڻي غيرت اچڻ لڳي ۽ ناچن ۾ وڃڻ ۽ بين صاحبلوڪن وٽ اوير سوير وڃڻ ۽ هنن سان گهڻي گستاخي رکڻ بند ڪرڻ لڳو.

شايد ڪن دوستن انهيءَ بابت سمجهايو بہ تہ هوندس، يا تہ مٿس ٽوڪون ٿيون هونديون، سي ڪنن سان ٻڌيون هونداٿين. تنهنڪري هو هينئر زال کي روڪڻ لڳو.

پر پريندي کان جنهن ڇيڪ گهمي ڏٺو هو سا مڙس جي روڪڻ ڪري تمام خفي ٿي. هن جي نافرماني ڪرڻ لڳي. پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي منهن هلڻ لڳي ۽ مڙس جو هٽڻ يا نہ هٽڻ هڪجهڙو ڄاڻائين. انهيءَ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ ناسازي پيدا ٿي. هڪٻئي سان تڪرار ڪرڻ لڳا، اجايو سجايو ڳالهائڻ لڳا. ٻيئي طبع جا تيز هئا. وڃي ڏڪن- ٻُجن تي ڳالهہ بيٺي.

آخر جيڪا سندن وچ ۾ زال- مڙس واري محبت هئي سا تہ نڪري ويئي، هينئر ڪُتي ٻلي واري ريڙهہ پيڙهہ وڃي رهي. هڪڙي پيري هنن جو پاڻ ۾ ايتريقدر جهيڙو ٿي پيو جو منبئي وڃي سرڪاري ڪورٽ ۾ فرياد ٿي. باريسٽر صاحب پنهنجي وڪالت ڪرڻ لڳو- نيٺ مٿس ٿورو گهڻو ڏنڊ بہ پيو.

انهيءَ معاملي ڪري محبوب عليءَ جي گهڻي بدنامي ٿي. سگهوئي هنن جي وچ ۾ ايتري ناسازي ٿي جو زال، مڙس کي ڇڏي وڃڻ ۾ خوش هئي ۽ مڙس، زال کي ڇڏي ڏيڻ ۾ راضي هو. زال، مڙس کان نافرمان هئي، تنهن ڪري مڙس مٿس نا مهربان هو. زال جي هلت جي نسبت ۾ ڪيتريون ئي بدناميءَ جهڙيون ڳالهيون ظاهر ٿيون. جنهنڪري زال هر طرح طلاق جي لائق ٿي ۽ قاعدي موجب هن کي طلاق ملي، سا مڙس کي ڇڏي ولايت رواني ٿي. محبوب علي هن جي وڃڻ ڪري گهڻو خوش ٿيو. ڇالاءِ جو هن جي نہ هئڻ ڪري روزبروز گهڻو آرام وٺڻ لڳو. مگر جيڪا خواري خرابي ٿي گذري هئي، تنهن جو ارمان دل ۾ هئس.

محبوب علي ڇهہ- ست مهينا ڇڙو گذاريو. پر هن هيترا ڏينهن گهر ڪري رهي ڏٺو هو تنهن ڪري ڇڙو رهڻ گهڻو پسند نہ آيس، وري شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. بعضي دل ۾ آيس تہ وري ولايت وڃي ٻيءَ منبئي سان شادي ڪري اچان. پر هڪڙيءَ جي هلت اهڙو ڪک ڪيو هوس جو ٻيءَ شادي ڪرڻ کان اڳيئي پئي شڪ پيس. ڏنائين تہ هڪڙيءَ منجهان هيتري خواري ٿي اٿم، متان ٻيءَ مان انهيءَ کان بہ گهڻي ٿئيم.

پيو خيال وري هي ڪيائين تہ بمبئيءَ ۾ ڪا منبر هٿ ڪريان. هتي بہ هنن سان گهڻن جي معرفت هئي، جو وٽن ڪيترائي صاحبلوڪ ۽ منبرون ايندیون هيون ۽ ہي ڪا جوان منبر هٿ ڪري انهيءَ سان شادي ڪرڻ شايد هن جي لاءِ مشڪل نہ هو.

پر هن کي هتي جي ۽ هندستان جي منبرن ۾ وڏو فرق ڏسڻ ۾ آيو. خوبصورتي ۽ پوشيدگائيءَ جي ڳالهہ تہ ڪٿي ڇڏيو پر هلت چلت جي ڪري بہ اجا ولايت واريون منبرون اڪثر ڏيهي ماڻهن کي پاڻ کان وڌيڪ نہ تہ بہ پاڻ جهڙو سمجهنديون آهن، هنن سان اٿڻ ويهڻ ۾ اعتراض ڪونہ آڻينديون آهن، پر جيڪي منبرون هندستان ۾ پيدا ٿيون آهن يا هتي گهڻو رهيون آهن، سي تہ ڄاڻنديون آهن تہ اسين آسمان مان لٿيون آهيون ۽ ڏيهي ماڻهو رڳو خسيس نوڪريءَ جي لائق آهن. جڏهن هتي جي صاحبلوڪن جو اهو خيال آهي، تڏهن منبرن جو تہ انهي کان بہ وڌ.

انهيءَ تفاوت جي محبوب علي کي زال جي وڃڻ کان پوءِ سگهوئي خبر پئي. جيڪي منبرون ۽ صاحبلوڪ هن وٽ زال هوندي ايندا هئا، تن هاڻي اچڻ وڃڻ ڍرو ڪيو ۽ آخر بند ڪيائون، ۽ وري جن وٽ ويندڙ هئا سي بہ هنن کان هينئر گوشو ڪرڻ لڳا. جيڪا گستاخي هو اڳي هن سان رکندا هئا، تنهن جي ڪا نشاني بہ هن کي ڏسڻ ۾ نہ آئي، تنهن ڪري محبوب عليءَ کي هتي منبر جي آسانيءَ سان ملڻ جو آسرو بہ ڪونہ رهيو. جي مليس بہ ها تہ بہ جنهن لذت پرئي گذاري جي اميد هيس، سا حاصل ڪين ٿئيس ها. انهيءَ سبب هن کي لاچار ٿيو ڏيهي ماڻهن ڏي خيال ڪرڻ.

منبر هوندي تہ هنن سان آمدرفت جو رستو گهڻو ڪونہ هوس. جيڪو واسطو هوس، سو پنهنجي ڏنڌي جي ڪري پر هاڻ زور ڪري انهن سان دوستي ڳنڍڻ لڳو. جيڪي مسلمان سکر ماڻهو پٽس جا واقف هئا، ۽ جي پوءِ هن جا واقف ٿيا هئا تن وٽ اچڻ لڳو هنن جي صحبت ڪري وري هن کي ٿورو گهڻو ڏيهي رستا وٺڻ ضرور ٿيا. هيترا ڏينهن مسلماني وسري ويئي هيس، سا وري ياد آيس. ڪڏهن خدا جو نالو ياد بہ ڪونہ هوس، تنهن جو وري ٿورو گهڻو واهپو رکڻ لڳو. ماڻهن کي هن جي نسبت ۾ جيڪي ڪفر وغيره جا شڪ گذرندا هئا، سي لٿا.

جيڪا هن جي اجائي هلت ڏني هئائون سا هينئر گھڻو گهٽ ڏنائون. نيٺ ٿورو ٿورو ڪري هن سان ملي ٺهي ويا.

پوءِ ته محبوب عليءَ کي ڪنهن اشراف گهر مان ٻانهن ملڻ ۾ حرڪت ڪانه ٿي. هڪڙي واپاري شاهوڪار مسلمان جي گهران هيءُ پرڻيو. هن کي تمام جوان ۽ نيڪ زال ملي، جنهن ڪري هن جو خانو وري آباد ٿيو ۽ جنهن جي صحبت ۾ هي وري اڳي کان به وڌيڪ خوش رهڻ لڳو. ٻيئي بنيادي ماڻهن جو اولاد هئا، ٻيئي شاهوڪار هئا. جي محبوب علي طبع جو تکو هو ته گذريل خراب اتفاقن ڪري هن جي طبع جي تکائي گهٽجي ويئي هئي. جيڪو انگريزي دستور گهر رکڻ جو هو سوئي هينئر به رکڻ لڳا.

زال کي تعليم ڏيڻ لڳو جا هن جي سعيي سان سڌارو ڪرڻ لڳي. زال جي تابعداريءَ مان کهڙي خوشي حاصل ٿي ٿئي، تنهن جي منبر هوندي ڪا به خبر ڪانه هيس، هينئر ته زال هن جي فرمانبردار هئي. مطلب ته هن جو گذارو اهڙي مزي سان ٿيڻ لڳو جو محبوب علي افسوس پئي ڪاڏو ته ناحق منبر سان هٺ اٽڪايو هوم.

هينئر هن کي ياد آيو ته جڏهن ولايت ۾ هوس ۽ منبر سان شادي ڪرڻ جو ارادو ٿي ڪيم، تڏهن پيءُ به مون کي منع ٿي ڪئي ۽ ننڍي ڀاءُ به ٿي ڪئي، سو اڳ ڳڻتيءَ ڪري سچ ٿي چيائون. سندس ڀاءُ منصور علي کي استنبول ۾ جو ٽرڪڻ گهر ۾ هئي،تنهن جي خوبيءَ جي هينئر هن کي خبر پوڻ لڳي. منبر هوندي پيءُ ماءُ سان جيڪي عقوبتون ڪيون هئائين، سي هينئر هن جي دل تي تازيون ٿيڻ لڳيون. هي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ گذريءَ هلت ڪري افسوس جا هٿ هڻڻ لڳو.

انهن سيني ڳالهين مان نتيجو اهو ٿيو جو هن کي پيءُ ـ ماءُ کان معافي گهرڻ ۽ انهن سان توڙي ٻين عزيزن سان وري پرچاءُ ڪرڻ ۽ ميلاپ رکڻ جو حد کان گهڻو شوق پيدا ٿيو.

ـ*ـ

باب ويھون

# وري وطن ۾

محبوب علي ھاڻي پشيمان گھڻو ٿي ٿيو ۽ پيءُ- ماءُ جي تانگھ گھڻيئي لڳيس، پر ھن جا ماءُ-پيءُ تہ ھنيئر بمبئيءَ ۾ ڪين ھئا، ھو وڃي سنڌ حيدرآباد ڪان نڪتا ھئا. ھنن ويچارن جڏھن ڏٺو تہ جنھن پٽ جي آسري اسان ڪم ڪار ڇڏي آرام وٺڻ جي ڪئي ھئي، سو اھڙو بيحيا ٿي بيھي رھيو جو آخر اسان کي ڪانئس جدا رھڻو پيو تڏھن پنھنجو اصلوڪو ڳوٺ ۽ گذريل ڏينھن اچي ياد پين، سي ماٺ ڪري اوڏي اُٿي ھليا.

بمبئيءَ ۾ جيڪي ڏينھن ھي پنھنجي منھن رھيا، سي ھنن بيشڪ خير سان گذاريا، مگر رکيل پئسو گھڻو جتاءُ ڪين ڪندو آھي، نيٺ گھٽبو ويندو آھي، ۽ ھنن کي في الحال ٻيءَ ڪنھن آمدنيءَ جي اميد ڪانہ ھئي ۽ بمبئي شھر جو خرچ بہ البت ڳرو ھو تنھن ڪري ھنن چاتو تہ موٽي وڃن حيدرآباد ۾ جتي رھڻ ڪري خرچ گھڻو ھلڪو بہ ٿيندو ۽ پئسو وڌيڪ جتاءُ بہ ڪندو. ٻيو تہ ھنن جو ارادو ھو تہ ھي پڇاڙيءَ جا ڏينھن گوشائتو ۽ آرام ۾ گذاريون ۽ جي ٿي سگھي تہ ڪو زمين جو ٽڪر ھٿ ڪري پوک- راھہ جو بندوسبت ڪريون، جنھن ڪري مشغولي بہ ٿئي، ڪاڏي پيتي جھڙي اُپت بہ ٿئي ۽ آرام وٺڻ جو بہ گھڻو وقت ملي.

پر اھڙو بندويست تہ بمبئي شھر ۾يا ان جي آسپاس آسانيءَ سان ٿيڻ اھنجو ھو. اھا سنڌ ھئي، جتي ٿوري خرچ سان ماٺھو اھڙو بندويست رکي ٿي سگھيو علي رضا حيدرآباد جو چڱي طرح واقف ھو اتي ڄائو نپنو ھو. ننڍي ھوندي اوري پري گھميو ڦريو ھو سو سجھيس ٿي، تہ اھڙا ٽڪر زمين جا اوڏي گھڻا آھن ۽ آسانيءَ سان ھٿ ڪري بہ سگھبا.

وري ھن کي پنھنجا ڏينھن ياد پوڻ لڳا، پنھنجا ماڻٽ ياد پوڻ لڳا. دستور آھي تہ ڏکن ۾ گذريل ڏينھن ياد پوندا آھن. سو جيئن اھي خيال پئي پچاياڻون،

تيئن اوڏي موٽڻ جو شوق زياده ٿي ٿين. ۽ جيئن هنن جو رکيل پئسو روز بروز گهٽبو ٿي ويو تيئن بمبئيءَ مان نڪرڻ جو وڏيڪ سعيو ٿي ٿين. آخر هو ٺهراءُ ڪري سنبريا.

جيڪي پنهنجا گهرا دوست هئن، تن کان موڪلايائون. سيني کي سنڌ ڏي وڃڻ جي لاءِ چڱو عذر ڏنائون. جنهنڪري ڪنهن کي به اهڙو شڪ ڪونه پيو ته هي بمبئيءَ ۾ گذاري نٿا سگهن، تنهنڪري لڏي ٿا وڃن. هنن پنهنجي ڏيءُ عظمت بانو ۽ سندس مڙس کان به موڪلايو. هن ويچاريءَ کي به گهڻو ڏک ٿي ٿيو جو پيءُ ـ ماءُ جي هوندي هن کي وڏو ڏڄ هو.

هن ويچاريءَ کان به جيڪي پڄي سگهندو هو سو پيءُ ـ ماءُ جي لاءِ ڪندي هئي. هنن کي غريب ڏسي پنهنجي پر ۾ پئسي پنجڙ جي مدد ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندي هئي. هوءَ دولتمند جي گهر ۾ هوندي هئي، تنهنڪري اهڙي اچا ٻاجهه ڪرڻ ۾ حرڪت ڪانه هيس. اگرچه هنن کي اهڙي مدد قبول ڪرڻ ۾ گهڻو عار هو پر تڏهن به عظمت بانو زور ڪري ٿورو گهڻو لڪائي ماءُ کي ڏيندي هئي. هينئر جو هو اتان نڪرڻ لڳا، سو هن ويچاريءَ کي ويتر ارمان ٿيڻ لڳو پر لاچار ماٺ ڪري ويهي رهي ۽ اهو دلاسو ڏنائين ته جي قسمت ۾ حياتي هوندي ته هڪڙي ڏينهن اسين به اچي اوهان وٽن ڪرنداسين.

علي رضا جي پٽن مان محبوب علي ايتري بيحيائي ڪئي هئي، ته منصورعلي وڏو حيا وارو هو. اسان چيو آهي ته هو تمام چڱي ۽ سالم طبع جو هو ۽ هن جا خيال پيءُ جي خيالن سان ملي ٿي آيا. هو هينئر استنبول ۾ گهر ڪري رهندو هو ۽ سندس ڪارخانو تمام زور هو.

هن جي پيءُ ـ ماءُ سان گهڻي خاطر هئي. تن ڏي علي رضا وقت بوقت حال پيو لکندو هو ۽ هو اتان پنهنجي پاءُ کي جنيون به پيو ڪندو هو ۽ هنن لاءِ دلاسا به پيو لکندو هو. هنن ڏي ائين به لکي چڪو هو ته "اوهين موٽي استنبول ۾ اچو جو هتي سڀ ماڻهو اوهان جي ڏسڻ لاءِ مشتاق آهن ۽ اچي اسان جي اکين تي رهو. جيڪي اولاد جا حق آهن، سي سڀ اسين ادا ڪنداسين ۽ جيتري خدمت پڄي سگهندي، اوتري پيريءَ ۾ اوهان جي ڪنداسين."

پر علي رضا جن کي اوڏي وڃڻ جي خواهش ڪانه هئي. چيائون ته "هينئر حياتي جي پڇاڙيءَ ۾ دربدر ٿيڻ چڱو ناهي اڳيئي گهڻو رُليا آهيون. هينئر گوشه نشين ٿي ويهڻ ۽ خدا جي عبادت ڪرڻ اسان کي زياده پسند آهي."

تڏهن منصور عليءَ هنن ڏي ٿورو گهڻو پئسو مدد لاءِ موڪلڻ لڳو ۽ لکيائين ته "جيڪي اوهان کي گهرجي، سو مون کان بيشڪ گهرائجو جيڪي مون وٽ آهي سو سڀ اوهان جو آهي، حجاب بلڪل ڪونه ڪجو."

جڏهن آخر هن کي خبر پيئي ته محبوب علي هنن سان تمام گهڻيون جٺيون ڪيون آهن، جنهن ڪري هو ڪيترا ڏينهن ڏار رهي حيدرآباد روانا ٿيا آهن، تڏهن هن کي گهڻو ارمان ٿيو. خيال ڪيائين ته "پيءُ- ماءُ اولاد کي پالي وڏو ڪندا آهن ته پيريءَ ۾ اهو ڪين ڪم اچي. بابي سائينءَ اسلن کي تعليم ڏيئي، هزار خرچي ههڙي درجي تي پهچايو هينئر اسين پنهنجين زالن سان فرحتن ۾ پيا گذاريون ۽ هو ويچارا غريبيءَ حالَ وتن ڪنڌ لڪائيندا. انسان جي حياتي الاجي ڪيتري آهي! زال ۽ ٻار ٻچا پيا به ٿي پوندا، تنهنڪري پهرين انهن جي سنڀال ڪرڻ حق آهي." اهي خيال ڪري هن جا هتي پير تپي آيا. زال سان صلاح ڪيائين ته ڪي ورهيه هلي سنڌ ۾ گذاريون.

بيبي فلڪ سوز بيگم به چڱيءَ طبيعت جي زال هئي، عقل واري هئي ۽ مڙس جي فرمانبردار هئي. اگرچه وطن کي ۽ مائٽن کي ڇڏڻ اهنجو به ٿي لڳس، پر تڏهن به مڙس کي خوش رکڻ فرض ٿي ڄاتائين ۽ اها به خبر هيس ته منهنجو مڙس به گويا پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ٿو وڃي، تنهن ڪانسواءِ ڪن ٻين ملڪن جي سير ڪرڻ ۽ هوا بدلائڻ جو به خيال ٿين، تنهنڪري هي موڪلائي توڪلائي اُٿي هليا.

انهيءَ وچ ۾ علي رضا، زينت ۽ مريم اچي حيدرآباد کان نڪتا. هنن پنهنجي اصلوڪي ڪچي واري جاءِ وري وڃي هٿ ڪري وسائي. اتي هنن کي البت آرام آيو. اگرچه وڏا وڏا ملڪ ڏٺا هئائون ۽ جي وڏا وڏا عهدا ڪمايا هئائون تن جي بنسبت اها جاءِ ۽ اهو ملڪ ڪي به ڪين هو تڏهن به هاڻوڪيءَ حالت ۾ هنن جي لاءِ وڏي غنيمت هئي.

سندن پراڻا واقف هنن کي ڏسي گهڻو خوش ٿيا. زينت بانو جا مائٽ جيڪي هنن سان نه ٺهيل هوندا هئا سي به سرائي فتح خان جي گهر ويران ٿيڻ کان پوءِ پشيمان ٿيا هئا، ۽ هاڻ هنن سان گهڻي مهرباني ڪرڻ لڳا.

هي ٿانيڪا ٿي ويئا، تنهن کي مهينو- به مس گذريو ته علي رضا کي منصور علي جو خط آيو ته "اسين استنبول مان روانا ٿيون ٿا اميد آهي ته سگهوئي اوهان جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿينداسين. پوءِ جيڪو حال هوندو سو اوهان جي آڏو پيش ڪنداسين ۽ جيڪا چاڪري پڇي سگهي، سا ڪنداسين." پيءُ ڏي هيئن به لکيائين ته "ڪو هڪڙو چڱو بنگلو به لڳو لڳ پاڙي ڪري ڇڏجو ته اچي انهيءَ ۾ لهون. پوءِ اتي ڪي ڏينهن گڏجي گذاريون." اها خبر ٻڌي علي رضا ۽ زينت بانو گهڻو خوش ٿيا ۽ پٽ کي دعائون ڪرڻ لڳا.

منصور علي جو استنبول مان روانو ٿيو سو پهرين آيو بمبئي ۾. اتي ڪي ڏينهن رهي پيو. پيڻ کي به گڏيو ۽ پاءُ کي به مليو. محبوب علي کي گهڻيون جنيون ڪيائين. هو ته اڳهين پشيمان ٿيو هو. منڍ وئي کان پوءِ هوش ۾ آيو هو ۽ وري ٻي شادي ڪري البت چڱو رستو ورتو هئائين.

تنهن جڏهن ڏٺو ته منهنجو ننڍو ڀاءُ هيتري پنڌ تان رڳو پيءُ- ماءُ جي ڏسڻ ۽ انهن جي بندوبست ڪرڻ لاءِ آيو آهي ۽ حيدرآباد ڏي ٿو وڃي، تڏهن هن کي به دل ۾ آيو ته آءٌ به هن سان گڏيو وڃان ۽ وڃي هنن کان گناهه بخشايان ۽ معافي گهران ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو هنن جي خاطرداري ۽ تلافي ڪريان، سو هو به پنهنجي زال سان سنبريو.

هنن ڀائن کي سنبرندو ڏسي، عظمت بانوءَ جي به دل سرڪي. هوءَ ويچاري ته هن کان وڌ پيءُ-ماءُ سان گڏ رهڻ جي ڪوڏي هئي، پر پنهنجي وس نه هئي، پرائي گهر ۾ هئي، تنهن کي ۽ سندس گهر واري کي به هنن چيو ته "اوهين به ڪي ڏينهن اسان سان گڏجي هلو. پوءِ ڪٺي سگها وري اچجو." سو هوءَ به مڙس سوڌي سنبري.

ٽيئي جوڙا پنهنجي نوڪرن نڙن سميت وڏي ڌوم ڌام سان آگبوٽ تي چڙهي روانا ٿيا. پيءُ ڏي اڳيرو خط لکيو هئائون، تنهن هڪڙو- به بنگلو پيو به پر ۾

ياڙي ڪري ڇڏيو هو ۽ ضروري سامان مسواڙ تي وٺي جايون پري تيار ڪري ڇڏيون هئائين.

نيٺ هو اچي حيدرآباد پهتا. هن جو تجمل ڏسي ماٺهو حيران ٿي ويا. هي اچي بنگلن ۾ لٿا، جنهن شهر ۾ علي رضا ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو، اُتي هينئر هي پنهنجي آل عيال سوڌو اچي نڪتو ۽ عزت آبروءَ سان گذارڻ لڳو انهيءَ خوشيءَ کان هن جي دل تہ باغ باغ ٿي، پر سندس آشنا ۽ سندس زال جا مائٽ بہ گهڻو خوش ٿيا. سيئي هن کي ڏسڻ آيا، ۽ هنن کي مبارڪون ڏيڻ لڳا.

محبوب علي اچي پيءُ ـ ماءُ جي پيرن تي ڪري پيو. هنن کي پهرين تہ روئڻ اچي ويو. پوءِ نيٺ هن کي معافي ڏنائون ۽ پاڻ ۾ پرچي خوش ٿي ويهي رهيا. هو سيئي گڏجي وري مرحوم علي نواز خان سندن بزرگ جي قبر تي زيارت لاءِ ويا، جو علي رضا جو پيءُ ۽ هنن جو ڏاڏو هو. هن کي ختمو ڏيئي دعا گهريائون ۽ جان بيبي، جا مديني ۾ پوريل هئي، تنهن جي روح کي بہ ختمي جو ثواب بخشيائون.

جيڪڏهن علي رضا ويچارو پنهنجي سر هينئر غريب هو تہ پڻ ڪونهي، پر سندس اولاد تمام دولت وارو هو ۽ انهن جي دولت سان هينئر هن جي دولت هئي، تنهن ڪري هن بہ هينئر پاڻ کي دولتمند ٿي ڄاتو. هنن جو گڏجڻ اتفاق سان ٿيو هو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ متان اهڙو وقت وري هٿ نہ اچي، تنهن ڪري هڪڙي تصوير ڪيڻ واري کي گهرائي، سيني زالن مڙسن گڏ ويهي تصوير ڪيائي. اها ساري ڪٽنب جي تصوير ورهين تائين پوءِ وٽن نشانيءَ طرح رهندي آئي.

انهيءَ طرح بہ ـ ٽي مهينا هنن سيني گڏجي پئي گذاريو. هينئر علي رضا کي بک ڪانہ هئي. مگر هن جي دل ۾ جا ننڍي هوندي کان خواهش هئي تہ پيريءَ ۾ زمين جو ٽڪر پهراڙيءَ ۾ هٿ ڪري، اُتي گهر جوڙي گوشہ نشين ٿي ويهندس، ۽ آباديءَ جو شغل بہ ڪندس ۽ خدا جي بندگي بہ ڪندس. تنهن جو خيال هن کي اڃا دل ۾ هو. جيئن پيريءَ تي باد پيس، تيئن انهيءَ جو شوق تي وڌيس.

هن جي مرضيءَ جي پٽيان سندس پٽن حيدرآباد جي اُپرندي ڏي ڪوهہ ـ ڏيڍ پنڌ تي هڪڙو چڱو زمين جو ٽڪر هٿ ڪيو جنهن ۾ اڳيئي

هڪڙو کوهہ بہ جاري هو ۽ موچارو ننڍو باغ بہ ساڻس لڳل هو. انهيءَ سان گڏ وري ٿورو ٽڪر آباديءَ جي لاءِ بہ هنن ورتو. مڙيئي ٻارهن جريب زمين جا ٿيا. تن مان پنجن جريبن ۾ باغ هو ۽ ست جريب آباديءَ لاءِ هئا. جي کوهہ تي بہ آباد ٿي سگهڻ جهڙا هئا ۽ واهہ جي پاڻيءَ جي بہ مدد اچي ٿي سگهين.

باغ سان لڳ وري هنن موچارو ننڍو بنگلو جوڙايو. ۽ انهي سان لڳ هڪڙي ننڍي سهڻي مسيت بہ ٺهرايائون. ۽ انهيءَ ساري زمين جي چوڌاري اوڏڪي ننڍي ديوار ڪٽائي ڇڏيائون. انهيءَ هنڌ علي رضا ۽ زينت بانوءِ مريم ٿي ئي گڏجي اچڻ رهڻ لڳا. هنن باغ ۽ ٻنيءَ جي ڪم لاءِ جيڪي بہ-چار ماڻهو ضروري ڄاتا. سي بہ چونڊي رکيا.

علي رضا پنهنجو وقت ورهائي ڇڏيو. صبح جو ۽ شام جو بہ- ٽي ڪلاڪ پاڻ پنهنجي سر وڃي باغ ۾ باغائيءَ سان ڪمائيندو هو ۽ گلڪاري ۽ ميون جي وڻن جي سنڀال ۽ چمنن ۽ ٻارن جي پيچگهڙ ڪندو هو. پوءِ وري ٻنيءَ جي ڪم جي نظرداري رکندو هو ۽ باقي وقت ڪتابن جي مطالع ڪرڻ ۽ ٻي لکپڙهہ ۾ گذاريندو هو. انهيءَ سان گڏ هو مقرر وقتن تي عبادت ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو. زينت بانو ٻاهر جي ڪم ڪار ۾ سو گهڻو هٿ نہ وجهندي هئي. باقي گهر ۾ هن جو بہ اهو ساڳيو شغل هوندو هو. انهيءَ طرح هي سانهہ ستيءَ سان گوشہ نشينيءَ ۾ گذارڻ لڳا.

جڏهن علي رضا جا پٽ پيءُ- ماءُ کي سندن مرضيءَ پٺيان انهيءَ هنڌ ٽانيڪو ڪري رهيا. تڏهن هنن کي وڏو انتظار دل تان لٿو. پاڻ اچا شهر وارن بنگلن ۾ رهندا هئا. هيءُ جو هتي حيدرآباد ۾ ڪجهہ ڏينهن رهيا. تنهنڪري البت ٺهي ويا. ڪي سندن مرضي ٿي. ڪي ٻين صلاح ڏنين تہ "جي ٿي سگهيو تہ پاڻ بہ سنڌ ۾ رهي پئو جو چڱي موچاري پيدائش هتي بہ پيئي ٿيندي"

علي رضا پاڻ بہ انهيءَ صلاح ۾ شامل هو جو پاڻئياڻين تہ اولاد جي اڪين آڏو نہ هجي. تہ من ويجهو هجي. سو في الحال هنن بہ انهيءَ صلاح تي هلڻ مناسب ڄاتو. حيدرآباد ۾ پنهنجي ڏنڌي جو گهڻو چالو نتي ڏٺائون. تنهنڪري صلاح ڪيائون تہ ڪراچيءَ ۾ هلي پنهنجو پنهنجو ڏنڌو هلايون. جو اهو شهر وري بہ

بمبئيءَ جهڙو نمونو آهي، پوءِ اوير سوير پنهنجي دل جي خوشيءَ جي لاءِ يا ڏنڌي پٽيان حيدرآباد ڏي به پيو اچبوءِ جي دل چيو ته بمبئيءَ به پيو وڃبو.

اها صلاح پڪي ڪري هي سنبريا. پر جدا ٿيڻ کان اڳ ٻنهي ڀائرن، خاص منصور علي پنهنجي پيءُ-ماءُ جي گذران لاءِ ڪنهن پڪي بندوبست ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪيو. پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪري ٺهراءُ ڪيائون ته في الحال هڪ هزار روپيا هو ڏيئي، هڪ هزار روپيا هو ڏيئي، ٻه هزار ڪري سرڪاري بئنڪ ۾ پيءُ جي نالي رکائن، پوءِ اڳتي به جيڪي پڄي سگهين، سو هنن کي پيا پهچائين. هنن يڪدم ائين ڪيو. ٻه هزار رپيا بئنڪ ۾ رکائي، داخلا جو ڪتاب پيءُ جي حوالي ڪيائون ۽ پيرين پئي موڪلايائون. ۽ دعا گهريائون ۽ اهو دلاسو به ڏنائون ته "اوير سوير اسين اچي ٿيو پيا ويندا سين ۽ جيڪڏهن ڪا ضرورت پئجي وڃي ته هڪدم اسان کي گهرائي وٺن لاءِ اختيار وارا آهيو." انهيءَ طرح هي موڪلائي ڪراچيءَ آيا ۽ عظمت بانو به موڪلائي پنهنجي مڙس سوڌو بمبئيءَ ڏي رواني ٿي. هي ٻيئي ڀائر اچي ڪراچي ۾ جايون جڳهيون وٺي ويٺا. هڪڙي باريسٽر يا وڪيل ٿي، ۽ ٻئي ڊاڪٽر ٿي، پنهنجو ڌنڌو هلايو ۽ سگهوئي ٻنهي سنڌ ۾ پنهنجو نالو ڪيو.

انهيءَ نئينءَ جاءِ تي علي رضا ۽ زينت بانو ڏاڍي آرام سان رهڻ لڳا. جهڙي نندي هوندي کان خواهش هين ته وڏپڻ ۾ گذاريون- اهڙي سندن مراد خدا پوري ڪئي. هنن جو تمام سکيو گذر پيو ٿيندو هو ۽ چڱو وقت پيو گذرندو هو. اتي هو ڇهه ورهيه رهيا. آخر زينت بانوءَ پهرين وفات ڪئي.

هوءَ سٺ ورهين ڄمار جي ٿي مئي. هن جي مرڻ ڪري علي رضا ويچارو هيڪلو ٿي پيو. سارو ڏينهن غم ۾ پيو گذاريندو هو. هڪڙو اڳهين فرتوت هو جو عمر سندس ستر-پنجهتر ورهين جي هئي، ٻيو وري هي تازو زال جو ڏک، تنهن ماري وڌس. زال جي مئي کان پوءِ ڇهين- ستين ڏينهن پاڻ به دم ڏنائين. هنن ٻنهي ڄڻن اڳيئي پاڻ ۾ صلاح به ڪئي هئي ۽ مرڻ مهل وصيت به ڪئي هئائون ته اسان کي انهيءَ باغ واري بنگلي ۾ دفن ڪجو سو ڪيائون ته ائين. ٻنهي کي اندر بنگلي جي وچين صفي ۾ لڳو لڳ پوريائون ۽ سندن وصيت موجب پڪي گچ سان قبرون جوڙائي ڇڏيائون ۽ سندن سيراندي کان هڪڙي نندي مسجد به


ٺهرائي ڇڏيائون. جيئن اڪثر دستور ٿيندو آهي. انهن جي قبر تي ويچاري مريم، جا پڻ هينئر تمام ڪراڙي اچي ٿي هئي، سا بهاريدار مجاور ٿي ويٺي، ڏهاڙي جاءِ صفا ڪيو انهيءَ باغ مان گل ۽ نازبو پٽي قبرن تي وجهيو ويٺي هوندي هئي.


محبوب علي ۽ منصور علي، جي بروقت ماءُ جي مرڻ جي خبر ٻڌي بارين ٻچين آيا هئا، سي اجا اتي ئي هئا، تہ سندن پيءُ مري ويو. سي ويچارا ڏاڍي غم ۾ هئا. نيٺ مهينو کن ٽڪي قبرون ٺهرائي، دائيءَ کي ويهاري، باغ ۽ ٻنيءَ جو بندوبست ڪري وري ويا.


پنجن- ڇهن مهينن کان پوءِ مريم بہ موڪلايو. تنهن جي بہ قبر سندس ڏٽيءَ ۽ ڏجاٽيءَ جي پيرانديءَ کان جوڙايائون. انهيءَ طرح انهن نيڪ، ديندار ۽ ايماندار ماڻهن جي خير سان پڄاڻي ٿي.


-*-

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.